
پاندارو
(ڪھاڻيون)
ياسمين چانڊيو
سنسار
Kaptan abro

# پاندارو

(ڪهاڻيون)

## ياسمين چانڊيو

ڊجيٽل ايڊيشن
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

آئون پنهنجو هي ادنيٰ پورهيو ارپيان ٿي جيون ساٿي امر جليل مگسي کي، جنهن زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي مونکي ڪڏهن اڪيلو نہ ڇڏيو آهي ۽ سدائين هڪ بهترين دوست جيان اڳتي وڌڻ لاءِ همٿائيندو رهيو آهي ۽ پنهنجي اولاد عائشہ پرهہ ثناءُالله ۽ ايليا جي نانءُ ڪريان ٿي. جن ۾ سدائين پاڻ کي ئي پسندي آهيان ۽ کين ڏسڻ سان دنيا جهان جا ڏک، ڏولاوا ۽ ٿڪ لهي پوندا آهن. اهي اولاد هئڻ سان گڏوگڏ منهنجا سٺا دوست پڻ آهن.

## ياسمين چانڊيو

***

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”پاندارو“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب محترمہ **ياسمين چانڊيي** جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي.

ياسمين چانڊيو ڏکي عرصي کان ڏات نگريءَ ۾ پاڻ موڪيندي پئي اچي، هوءَ پنهنجي منفرد اسلوب سبب ڪهاڻي ڪيتر ۾ ميڄتا ماڻي چڪي آهي، هن نثر ۽ نظم وسيلي هڪ سگهاري ليکڪا جو ڪردار ادا ڪيو آهي.

ياسمين چانڊيو بنيادي طور تي هڪ سياسي ڪارڪن آهي، سندس تربيت ۽ شعوري واڌ ويجهه ۾ ان سياسي پهلوءَ جو ادراڪ تمام سگهارو آهي، هن پنهنجي لکڻين ۾ سياسي ۽ سماجي مسئلن ۽ مونجهارن جي نشاندهي ڪئي آهي، گهڻو ڪري موضوع پنهنجي سماج مان ئي ورتل آهن، سندس بيباڪ انداز بيان کيس ٻين کان منفرد ڪري بيهاري ٿو.

هي ڪتاب **سنسار پبليڪيشن** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون محترمہ ياسمين چانڊيو جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


- پبلشر نوٽ .............................................. .ادارو/7
- مهاڳ......................................................طارق قريشي / 8
- بيباڪ ڪهاڻيڪاره . ........................ ڊاڪٽر عابد مظهر/19
- سماجي اڻبرابريءَ خلاف جنگ جوٽيندڙ... فرزانه شاهين /22
- ترقي پسند ليکڪا....................................سامي ميمڻ /24
- قومي ڪارڪن کان ڪهاڻيڪاره جو سفر. ...مير عباس ٽالپر /27
- سياسي ۽ ادبي محاذ تي لوچيندڙ.......... جمشيد زهراڻي /29
- سچ جي ساکي ليکڪا........................ مرتضيٰ ناريجو/32
- پنهنجي پاران..........................................ياسمين چانڊيو /33


# ڪهاڻيون


- نياڻي ............................................................ 41
- ڪي خواب اڌورا............................................... 49
- عشق آرزو، عشق التجا....................................... 53
- زندگيءَ جي ريل گاڏي.......................................... 56
- ڪينواس تان ميسارجي ويل منظر............................ 61
- ڪِني.................................................................. 74
- پاندارو.............................................................. 79

- سنگِ مرمر ۽ سنگ تَراشُ.................................... 84
- خوشي ۽ دردَ جو ميلاپ.................................... 89
- بي وفائي .................................... 92
- شادي .................................... 98
- لڙڪن سان لئُون .................................... 105
- روح جي تلاش.................................... 106
- محبت جو ڪاڪ محل .................................... 108
- پيڙائن جي پاڇن ۾.................................... 112
- مسلط محبت ۽ گم ٿيل احساس .................................... 114
- محبت ۽ حوس.................................... 116
- يادن جي رُڃ .................................... 118
- اُجايل آشائون .................................... 120
- مَنَ اندر جي وِڄُ .................................... 122
- من اندر مانڌاڻ .................................... 124
- ڪنوڙين جا ميلاپ .................................... 126
- ٻگولا .................................... 138
- سائيڪل وارو .................................... 147
- مُڪتي .................................... 152
- پوسٽ مارٽم .................................... 155
- رنڊي .................................... 160


❊❊❊❊❊

# پبلشر نوٽ

سنڌي ڪهاڻي مري ويڃڻ وارو بحث هاڻي وقت جي ڌوڙ ۾ لٽجي چڪو آهي. ڪهاڻي ڪيتر ۾ هر آئي ڏينهن نت نوان تجربا ٿي رهيا آهن. جيڪي ڪهاڻيءَ کي نه رڳو ڏيهه پر پرڏيهه ۾ به پاڻ مڃائڻ جو جوهر ۽ سگهه رکن ٿا.

ياسمين چانڊيو ڊگهي عرصي کان ڌات نگريءَ ۾ پاڻ موڪيندي پئي اچي، هو پنهنجي منفرد اسلوب سبب ڪهاڻي ڪيتر ۾ مڃتا ماڻي چڪي آهي، هن نثر ۽ نظم وسيلي هڪ سگهاري ليکڪا جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ڪتاب کان اڳ سندس هڪ شعري مجموعو ”نظم آهي زندگي“ شائع ٿي چڪو آهي.

ياسمين چانڊيو بنيادي طور تي هڪ سياسي ڪارڪن آهي، سندس تربيت ۽ شعوري واڌ ويجهه ۾ ان سياسي پهلوءَ جو ادراڪ تمام سگهارو آهي، هن پنهنجي لکڻين ۾ سياسي ۽ سماجي مسئلن ۽ مونجهارن جي نشاندهي ڪئي آهي، گهڻو ڪري موضوع پنهنجي سماج مان ئي ورتل آهن. سندس بيباڪ انداز بيان ڪيس ٻين کان منفرد ڪري بيهاري ٿو.

هن مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻيون ڊگهي عرصي جي رياضت جو نچوڙ آهن، جيڪي ڌار ڌار وقتن، حالتن ۽ ڪيفيتن دوران لکيون ويون ۽ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. جن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙ آڏو پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ڪهاڻي ڪيترَ ۽ پارکن جي جيءُ ۾ ضرور جاءِ والاريندو.

**سانگ سلامت**

# مهاڳ

ڪتاب تي پيش لفظ يا مهاڳ، ذاتي تعلق جي بنياد تي لکيو ويندو آهي. زير نظر ڪتاب ۾ موجود ڪهاڻين ڪي پڙهڻ ۽ هي مهاڳ لکڻ تائين، مون نياڻي ياسمين چانڊيو کي روبرو ڏٺو به ڪونهي. ان ڳالهه جو سڌو سنئون مطلب اهو آهي ته ياسمين چانڊيو جون ڪهاڻيون ايتريون سگهاريون آهن، جو انهن تي لکڻ لاءِ ڪنهن کي ڪا به سفارش ڪرڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪو نه ٿي.

ياسمين چانڊيو جي ڪهاڻين جو جائزو وٺڻ کان اڳ توهان جي اڳيان هڪڙو ڪيس پيش ڪيان ٿو، سمجهو ته ان ڪيس ۾ توهان امين (جج)مقرر ٿيا آهيو، سو توهان کي فيصلو ڪرڻو آهي.

هڪڙي عورت جيڪا هڪ آسودي گهراڻي جي هئي، مائٽن، پنهنجن ۾ ئي سندس شادي ڪرائي، وڏو ڪاج ٿيو هو، دعوت تي وڏا خرچ ۽ بندوبست ڪيا ويا هئا، الائي ڪٿان ڪٿان کان ماڻهو اچي شريڪ ٿيا هئا، گهوٽيتن طرفان مهيني کن کان لاڏا ۽ سهرا ڳايا ويا ۽ جهمريون به لڳيون، اوڙي پاڙي وارن طعام پئي ڪاڏا، هفتي ڏيڍ کان راڳ رنگ جون محفلون پئي هليون، گهوٽ جا يار دوست، ويجها پري جا، قرب وارا ۽ واقف ڪار سڀ ڪيترن ئي ڏينهن کان شادمانا ڪري رهيا هئا... خير سان گهوٽ جي ماءُ جا لايا ته سجايا ٿي ويا، پٽ جي ڪنوار به گهر ۾ اچي وئي. اوڙي پاڙي وارن جون واڌايون ۽ مبارڪون به موصول ٿي ويون. پر ڪجهه ڏينهن ئي ڪو نه گذريا ته گهوٽ جي ماءُ، ان جي ڏيئرن ۽ نُنهن کي نئين ڪنوار جون سرگرميون مشڪوڪ محسوس ٿيڻ لڳيون.

ڪنوار جا ڪجھ ئي ڏينهن ۾ پرڪار پڌرا ٿي پيا. اڌ رات جو اُٿي گهران نڪري، الائي ڪنهن سان ملڻ ويندي هئي. ڪنوار جو ايئن اڌ رات جو گهران نڪري وڃڻ، رڳو گهر جي عورتن ئي ڪونہ ڏٺو پر گهوٽ کي بہ هڪڙيءَ رات جو ان ڳالھ جي کُڙڪ پئجي وئي.

کُر پير کنيا ويا تہ گهوٽ کي خبر پئي تہ ڪنوار شاديءَ کان پهرين ڪنهن همراھ سان ڪريل هئي...هاڻي شاديءَ کان پوءِ بہ ڪنوار وڃھ وٺي، اڌ رات جو اُٿي، گهران نڪري، پنهنجي ان يار وٽ پاڻ کي ٺارڻ ويندي آهي... قصو ڪوتاھ ڪنوار جي ڪرتوتن جي خبر پهرين ويجهن مائٽن، پوءِ پاڙي اوڙي جي ماڻهن ۾ نيٺ سڄي ڳوٺ وارن کي پئجي وئي... پيڪا بہ پريشان تہ ساهرا بہ سرگردان !

سڀ سوڌو ڪو چور جهلجي تہ اول تہ بڌڙهارڪو ٿيندو، ڪنڌ هيٺ نگاهون جهڪيل، شرمندو ۽ ڪِڪو وِڪو پيو ڏسڻ ۾ ايندو... پر هيءَ نڪ جي پڪي ڪنوار، جنهن کي ڪو شرم ئي ڪونہ پئي آيو. گهوٽ کي چوڻ لڳي، “تنهنجي پاسي ۾ هجان ٿي تہ پليت ٿي ٿيان.”

برادريءَ جا چار چڱا، معزز ۽ راڄ جا اشراف گڏ ٿيا، سڀني اهو گڏجي فيصلو ڪيو تہ هن کان وڏيڪ ڪا خراب چال واري مائي ڪونہ ٿيندي، سو هن عورت کي اهڙي سيکت ڏجي جو ڪا ٻي عورت ايئن ڪرڻ جو تصور بہ نہ ڪري سگهي. اتفاق سان پر پاسي ۾ هڪڙي ننڍڙي ڍنڍ جي ڪناري جي پرسان، واريءَ جي دڙن جي پريان هڪڙو پِير رهندو هئو ذات جو شاھ هئو. ڪي مريد بہ هئس، ان کي جو خبر پئي تہ ان جي فتويٰ ئي عجيب، چئي تہ اها عورت صحيح آهي، راڄ وارا سڀ غلط آهن.

توهان ئي ٻُڌايو تہ هڪ طرف چار چڱا، اشراف، ڳوٺ جا معزز ماڻهو ۽ سڄي راڄ جون مايون ۽ مرد هجن ۽ ٻئي طرف اها عورت جيڪا گهوٽ

ڪي ڇڏي، ڪنهن غير مرد سان وچي ميلا ملهالا ڪري ٿي، اها صحيح آهي، ۽ پيو وري هُو شاهه جيڪو اُن عورت جو وڪيل هجي ۽ ان ڪي دعائون بہ ڪري؟ توهان جو ڪهڙو فيصلو آهي؟

توهان ڪنهن جي پاسي آهيو؟

جيڪڏهن توهان ان عورت، جيڪا گهوٽ ڪي ڇڏي، ڪنهن غير مرد سان وچي ميلا ملهالا ڪري ٿي ۽ ان سيد جا طرفدار آهيو جيڪو اُن عورت جو وڪيل ۽ دعاڳو آهي، تہ پوءِ ياسمين چانديو جو ڪتاب پلي پڙهو دل کولي پڙهو جو ياسمين چانديو بہ اهڙين عورتن جي وڪيل آهي ۽ انهن ڪي پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار بنايو اٿائين...

ياسمين چانديو بہ ان سيد وڪيل جي پوئلڳ آهي... ان سيد وڪيل لڳ ڀڳ 331 سال اڳ سرعام ان عورت جي تعريف ڪندي چيو هئو:

سياري سهه رات ۾ جا گهِڙي وسندي مينهن،
هلو تہ پڇون سڻي، جا ڪر ڄاڻي نِينهن،
جنهن ڪي راتو ڏينهن. ميهار ئي من ۾.

ان سيد وڪيل جنهن ڪي اسان پيار ۽ دل جي حضور سان ڀِٽائي گهوٽ يا لطيف سرڪار سڏيندا آهيون، جنهن اسان ڪي ٻڌايو تہ تن جو محبوب ٿيندو ئي اهو آهي، جيڪو من جو محبوب هوندو آهي، پلي پوءِ ان سان نڪاح ٿيل نہ هجي.

ميهاران مِرڪَ پيتائين پريم جي
تنهن مُنڌ متوالي ڪِي، سنديءَ ساءَ سُرڪَ
لڳيس ڪام ڪِرڪَ، لوهان تِکي لطيف چئي.

“ڪام” جو تعلق جسم سان هوندو آهي، هن بيت ۾ ڀِٽائي سرڪار ميهار جي پريم جي پِڪَ جو تاثير ٻڌائين ٿا.جنهن تي سڻي، مست ۽

متوالي ٿي وئي ۽ جسماني محبت جي ڇهاءَ کي ڪنهن لوھ جي اوزار ڪان وڌيڪ تکو ۽ مضبوط محسوس ڪري ٿي. بلڪ ان ڪان بہ اڳتي وڌي لطيف سرڪار فرمائين ٿا تہ سھڻي ميھار ڪان ڌار ٿئي ٿي تہ ناپاڪ ٿئي ٿي:

ساهڙ ڌاران سهڻي نسوري ناپاڪ،
نجاست ناهہ ڪري، اُنين جي اوطاق،
هُو جي کير پياڪ، پاسي تنين پاڪ ٿئي.

ياسمين چانڊيو پنهنجي ڪهاڻين ۾ انهن سهڻين ۽ سهڻيءَ جهڙن ٻين ڪردارن کي سمايو آهي، جن تي سماج صدين ڪان هڪڙو نشان هڻي ڇڏيو آهي...اهڙن ڪردارن لاءِ ياسمين جو لهجو ڏاڍو چِٽو آهي، لفظ بلڪل واضح آهن، هن جون ڳالهيون صاف صاف آهن... هن جو انداز بيباڪ ۽ آواز بي خوف آهي...

ممڪن آهي تہ ڪجھ ماڻهن شاھ جي رسالي ۾ موجود سُر سهڻي نہ پڙهيو هجي يا سمجھ ۾ نہ آيو هجين، سو اهو عين ممڪن آهي تہ هن ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ هن ڪتاب تي ڪو فحاشيءَ جو الزام هڻن، سنگ باري ڪن ۽ ڪو نئون پڙهندڙ انهن جي اثر ۾ اچي، انهن ماڻهن کي اها صلاح ڏبي تہ اهي عصمت چغتائي، واجد تبسم، سعادت حسن منٽو، خيرالنساءِ جعفري، منير احمد مانڪ، غلام نبي مغل ۽ ضراب حيدر کي پڙهن.

ڪهاڻين جو جائزو وٺون ٿا.

جيئن ڪنهن خوبصورت ماڻهوءَ جون اکيون ٿي، سندس ڇهري ڏانهن ڪڇندڙ نگاهن جو پهريون پڙاءُ هونديون آهن، تيئن هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾ جوت سان جرڪندڙ جملا، ڪمال جي ڪرشماتي ڪشش

رکندا آهن. ياسمين چانڊيو جي ڪهاڻين ۾ موجود انهن جملن منجهان ڪي مثال طور پيش ڪجن ٿا:

.....ڪيترا ئي سال ان مرد سان سمهندي رهي، جنهن کي هن ڪڏهن دل سان تسليم ئي نہ ڪيو هئو. هڪ ڏينهن هن پاڙي جي مُلياڻيءَ کان پڇيو هئو تہ: ”نڪاح جو مطلب ڇا آهي؟“

هُن ٻڌايس تہ: ”شرعي حڪم تحت هڪٻئي جي رضامنديءَ سان مرد ۽ عورت جو هڪ ٿيڻ.“

”پر منهنجي شاديءَ ۾ منهنجي رضامندي ڪونہ هئي تہ ڇا اهو نڪاح ٿيو؟“ هن مُلياڻي جيجي کان سوال پڇيو.

تڏهن جيجيءَ ڪنڌ مٿي ڪٽي هن جي اُداس نگاهن ۾ نهاري، وري ڪنڌ هيٺ ڪيو هئو...

.... هن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا ۽ آسمان ۾ نِهارڻ لڳي. پرھ اجا ڪونہ ڦُٽي هئي، پر تارا اڳواٽ ئي سج جي روشنيءَ کان پاڻ بچائيندي ڇڻ لِڪي رهيا هئا. زيبوءَ کي هڪ لمحي لاءِ محسوس ٿيو تہ هو بہ تہ اُنهن تارن مثل آهن جيڪي زندگيءَ جي تپندڙ سج جي تاءَ ۾ لوڪ کان لِڪندا رهندا آهن...

... جلديءَ ۾ جست جو هڪڙو وڏو ديڳڙو ڪٽي، اڱڻ تي لڳل هٿ واري نلڪي کي گيڙيندي پرڻ لڳي، پر ديڳڙو بہ هنن جي غربت واري زندگيءَ جيان ڇِبو ٿي ويو هئو. زيبوءَ ان کي نلڪي هيٺان رکڻ جي ڪوشش پئي ڪري، پر ديڳڙو نلڪي مان نڪرندڙ پاڻيءَ کان پري ٿي پيو وڃي، بلڪل ائين، جيئن هنن جي ڇِبي ٿيل قسمت جو ديڳڙو وقت جي وندڙ کان هٽِي ويو هو.

.....زيبوءَ جي هٿ ۾ جهليل ٻارڙي مسلسل ”اوئان اوئان“ ڪري روئي رهي هئي، زيبوءَ کي لڳي رهيو هئو تہ ڇڻ ٻارڙي سندس گهر ۾ اچڻ تي

خدا کان شڪايت ڪري رهي هجي ۽ چئي رهي هجي تہ: “اي خدا پيدا تہ ڪيئي، پر اهڙي گهر ۾ جتي عورت کي انسان ئي ناهي سمجهو ويندو.” ايتري ۾ پٺاڻس جو آواز آيو:

“چا جڻيو آهي ماڻهين؟”

زيبو چيو: “ادڙي.....”

پٺاڻس ٻڌندي ئي چيو: “لک لعنت اٿس، ڀلا ماڻهين نيا ڳي ٻيو ڄڻيندي بہ چا ؟”

.....هن ٽشو پيپر سان فورن پنهنجو اکيون صاف ڪيون، جيڪي هن جي دل تائين آليون ٿي چڪيون هيون، هن پنهنجا لڙڪ اکين جي بجاءِ دل ۾ وهايا هئا...

.....منهنجا محبوب! توکي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ کان وڌيڪ مون کي، توکي وڃائڻ جو خوف رهندو آهي...

.....هِن چيس: “بلڪل صحيح ٿا چئو عشق خدا سان هجي يا انسان سان، ان کي قائم رکڻ لاءِ هرپيري ۽ هر وار اظهار ڪرڻ تمام ضروري آهي. چاهہ جي غذا بہ روز گهرجي، روز الفت جو اتو ڪٽبو آهي، پيار جي پاڻيءَ سان ڳوهبو آهي، ويلي ويلي تي محبت جي ماني پچائبي آهي. پيار بہ ساهہ کڻڻ وانگر، پساهن ۾ پلجندو آهي. عشق تہ اٿ ئي پهر قائم رهڻ واري ڪيفيت جو نالو آهي. جيڪو دم پيار کان خالي هجي، جڻ حيات جو ڪو حصو ئي ناهي.”

.....رنگ، بُرش ۽ منهنجي آرٽ جو اثاثو. مون کي ننڍپڻ کان رنگن سان عشق هئو مون کي رنگ برنگي شيون وڻنديون هيون، ننڍي هوندي جڏهن بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي وي ڏسندي هئس تہ ٽي وي ڏسڻ دوران اسڪرين تي پنهنجي پسند جا رنگ ڀريندي هئس. منهنجا خيال ايڏا تہ پُختا ۽ پڪا ٿي

ويندا هئا جو بليڪ اينڊ وائيٽ اسڪرين تي مون کي هر ڇُر ڀُر رنگين نظر ايندي هئي. مان جڏهن سامائي هئس تہ مون کي پنهنجي ئي اندر ۾ عجيب رنگ ڦٽندي محسوس ٿيا هئا. مون کي لڳندو هئو تہ، رنگ آهن تہ زندگي آهي، نہ تہ ڪجھ بہ ناهي...

... اهو منظر بہ عجيب منظر هئو نغارن سان گڏ هجوم ۾ بادشاهہ ڪي لفظن جي هڪ سنگتراش جي تخليق جي رونمائي ڪري سندس هٿ ڪپڻا هئا. منهنجي تاج محل تان سُرمائي بخملي ڪپڙي کي هٽايو ويو تہ ڏسندڙن هڪ عجيب منظر ڏٺو.. تاج محل جي جاءِ تي موهن جي دڙي جي ناچڻيءَ جي روپ ۾ تون بيٺي هئينءَ. پنهنجن پورن جلون سان بي لباس، تنهنجا ارهہ تاج محل جي گنبذن جيان خوبصورت لڳي رهيا هئا ۽ تنهنجي سونهري جسم مان روشنيون پئي ڦٽيون، تنهنجي انگ انگ مان نڪرندڙ تجلين، ڏسندڙن جي اکين کي کيرو ڪري ڇڏيو هو... سرمائي بخمل جو ڪپڙو جنهن مان گلاب ۽ عطر جي خوشبو ٿي آئي تنهنجن قدمن ۾ پيو هئو ... تنهنجو مرڪندڙ مهتاب جهڙو چهرو روشن هئو... جلاد جڏهن منهنجا هٿ ڪپڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ بادشاهہ طرفان حڪم ٿيو.. ”هي تخليق تہ تاج محل کان بہ خوبصورت آهي“...

..... ”رات جو پويون پهرُ بہ گذري ويو آهي، هاڻي هن اسٽيشن تي فجر کان پهرين ڪا بہ ريل ڪانہ ايندي توهان کي ڪٽي وجھو آهي، شام کان وٺي توهان ويٺل آهيو.“

تنهن تي قليءَ کي جواب ڏيڻ کان پهرين سانول پنهنجي چپن تي هلڪي مرڪ آڻيندي چيو: ”اسان هاڻي اهڙا مسافر آهيون جن کي ٽرين جي نڪري وڃڻ جي ڳڻتي ناهي هوندي.“

سانول جي جواب تي قلي حيران ٿيندي اڳتي هليو ويو. ڀرسان بيٺل هٿ ۾ ڪٽلي جهليل چانهه واري چيو: ”صاحب چانهه پيئندا؟“

سانول ڪنڌ جي اشاري سان ها ڪئي. چانهه واري پيالي ۾ چانهه اوتي سانول کي ڏني ۽ ٻي پيالي ڀرڻ لڳو. سانول چيس: ”هڪ پيالي ڪافي آهي.“

.....منهنجو هڪ هٿُ دردَ پنهنجي هٿَ ۾ پڪڙيو ۽ ٻيو هٿُ خوشيءَ پنهنجي هٿَ ۾ جهليو ۽ مونکي جهوپڙيءَ کان ٻاهرِ وٺي آيا. ڪاري انڌاري رات، دردَ مونکي اشارو ڪندي چيو: ”هي انڌاري راتِ دردُ آهي، پر جيڪڏهن انڌيرو نہ هجي ها تہ هي تارن جو ٽمٽمائڻ تون ڪيئن محسوس ڪرين ها. جيڪي انڌيري جي جوڀن ۾ ئي پنهنجو وجود زنده ڪندا آهن.“

خوشيءَ هڪدم مٿي اشارو ڪندي چيو: ”هوُ ڏِسُ ٽٽندڙُ تارو. جنهن جي ٽٽڻ جي دردَ ۾ هزارين اُميدوُن سمايل آهن. هو پاڻ کي پنهنجي ولرَ کان الڳ ڪري ٻين جي اُميدَنِ لاءِ اُجالو بڻجي ٿو.“

اُنَ وقت مون کي پنهنجو دردُ، بي معنيٰ ۽ اڌورو لڳڻَ لڳو.

ياسمين چانڊيو جي ڪهاڻين مان ڪجهہ جهلڪيون ڏسي، اسان هن جي زور قلم جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. ياسمين جي بي ساختگي ۽ پُر شورسادگيءَ کي ڏسندي بي انتها خوشي پئي ٿئي تہ هڪ اهڙي ڪهاڻيڪاره اُڀري رهي آهي، جنهن وٽ ڪيئي ڪهاڻيون ۽ داستان آهن. پر ٻئي طرف اهو خدشو بہ ٿئي ٿو تہ ليکڪا کي، سندس ڪردارن ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. پر ساڳئي وقت اهو اطمينان بہ آهي تہ ڪهاڻي ”سائيڪل وارو“ ۾ جيڪا ”ياسي“ آهي، سا هڪڙي ويڪري چادر پائي بيٺي آهي ۽ ان چادر هيٺان لڪايل هٿ ۾ پٿر بہ آهي ۽ هاڻي تہ

هن جا ٻائر بہ هن سان گڏ آهن. سو سيني سائيڪل وارن کي خبردار رهڻ گهرجي تہ "ياسي" اڪيلي ناهي.

ياسمين جي ڪهاڻين ۾ اربنائزڊ سماج جون بہ ڪهاڻيون آهن، جن ۾ "ڪي خواب اڌورا"، "عشق آرزو عشق التجا"، "ڪينواس تان ميسارجي ويل منظر"، "ڪِني"، "سنگ مرمر ۽ سنگ تراش". ان ڪانسواءِ هڪ ڪهاڻي "ٻاندارو" جيڪا ٽائيٽل ڪهاڻي بہ آهي، اها ٻنهي يعني شهر ۽ ٻوٺ جي لينڊ اسڪيپ ۾ آهي.

ياسمين چانديو جي ڪهاڻين ۾ جن ڳالهين جي نشاندهي ٿئي ٿي، اهي آهن، اسان جي مسڪين ماڻهن سان ٿيندڙ آزار. ڪهاڻين کي پڙهندي خبر پئي ٿي تہ درد وڏو بي درد آهي. اهو درد بي پهچ ماڻهن جي بيوسيءَ منجهان جهلڪي ٿو. ڪهاڻيون: "مُڪتي"، "نياڻي"، "ٻاندارو"، ٻولا، "ڪينواس تان ميسارجي ويل منظر" ۽ "زندگيءَ جي ريل گاڏي" پڙهڻ ڪانپوءِ جيءُ جهجي ٿو پئي. پر هنن ئي ڪهاڻين ۾ هڪڙو حوصلو بہ آهي، همت بہ آهي ۽ رستو بہ ڏيکاريل آهي. هر ليک ايئن رستو ڪونہ ڏيکاريندو آهي، جيئن ياسمين ڏيکاري ٿي. ان جو ڪارڻ ٻڪ سان ياسمين جي پوليٽيڪل اوريئنٽيشن آهي. هن ڪتاب تي لکيل ٻين تبصرن منجهان معلوم ٿيو آهي تہ نياڻي ياسمين چانديو هڪ قومي ڪارڪن بہ آهي، سندس ڪهاڻي "ٻولا" جون ڪجھ سٽون هتي حوالي طور ڏيان ٿو جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هن وٽ مزاحمت آهي، رستو آهي، جذبو آهي:

"...درويش! تواج تائين ڪڏهن پسيو آهي خدا کي؟ نہ ڪڏهن بہ نہ سڀ ڪجھ انسان ئي ڪندو آهي، ان ڪري انسان ئي خدا آهي، تون پنهنجو رهيل حساب، ڌرتيءَ تي رهندڙ خدائن سان ڪري سگهين ٿو جيڪي تنهنجا ازلي ڏوهي آهن، جن توکي هن معاشري ۾ جيئڻ جي لائق نہ ڇڏيو."

ياسمين چانڊيو جي ڪهاڻين ۾ اوهان کي جارگنز ڪونه ملندا، ڪٿي به غير ضروري فيمينزم ڪونه نظر ايندو ڪٿي به ڪنهن لاءِ ڪا فتويٰ يا سُويپنگ اسٽيٽمينٽس ڏسڻ ۾ نه ايندا، پر هڪ معصوم انداز سان سيني پيڙهيل ماڻهن جو درد ملندو، مرد ۽ عورت جي تفريق کان سواءِ. ڪجھ ڪهاڻيون احساساتي تاثرن جهڙيون آهن جن ۾ "مَنَ اندر جي وِڃُ"، "اُجايل آشائون"، "پيڙائن جي پاڇن ۾"، "لُڙڪن سان لئُون" ۽ "خوشيءَ ۽ درد جو ميلاپ". سنگ مرمر ۽ سنگتراش ڪهاڻي هڪ آرٽ مووي جهڙي ڪهاڻي آهي هن ڪهاڻيءَ جو هيپي اينڊ پڙهي دل کي راحت محسوس ٿي ته ياسمين وٽ پُرخطر سان گڏ بي خطر وصال به آهي ۽ فقط هجر يا ياس وَ الم ڪونهي. ڪهاڻي "ڪنوڙين جا ميلاپ" پڙهندي، سنڌ جي هڪ ٻئي سني ۽ رائزنگ ڪهاڻيڪار يار محمد چانڊيو جي ڪهاڻي "اربعا خطا" ياد اچي وئي، ٻنهي جا موضوع جدا جدا آهن، پر هڪجهڙائي اها آهي ته ٻنهي ڪهاڻين ۾ هڪٻئي کي چاهيندڙ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ هوندا آهن ۽ ان رشتي جي خبر فقط سنڌن اربابن کي هوندي آهي.

سنڌ ۾ وڏن نالن جي اجاره داري آهي، ان ڪري اسان وٽ عظيم ڪهاڻي ته لکجي ئي ڪونه ٿي. رحمت الله ماڃوٺي، منظور ڪوهيار، ضراب حيدر، امر لغاري، جان خاصخيلي، ممتاز بخاري، مُشتاق پرڳڙي، عزيز چنڊ، الطاف ملڪاڻي، اختر رند، ايوب عمراڻي، منور سراج، رسول ميمڻ، اڪبر سومرو، محمد صديق منگيو، آدرش، ممتاز لوهار، طارق قريشي، بانو محبوب، فرزانه شاهين، ناهيد مغل، جهان آرا سومرو کي ڪير ٿو سڃاڻي ؟ وڏن ۽ نالي وارن اديبن لکڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي ته انهن کي پڙهن به ڇو؟ ۽ پلا هاڻي جيڪڏهن عين سحر، نصرت چانڊيو، سيما عباسي، ارشاد سومرو، ميان جي ايم ڪلهوڙو، يار محمد چانڊيو، محمد

دين راڄڙي، احساس ابڙو، قربان جتوئي، ناصر قاضي ۽ وفا صالح راڄپر کھاڻيون لکن پيا تہ انھن کي پڙھي ڪير ٿو؟

نہ ايئن ناھي، سنڌ ۾ جيڪي عظيم ھئا، انھن منجھان ڪي وارو وڃائي ويا، ڪي ورھين کان وٺي وڪيٽ تي بيٺل ڏسون پيا، رنسون وٺن ڪونہ ٿا، رڳو ٻين کي رن آئوٽ ڪرائي رھيا آھن... پراھو کيل بہ ختم ٿي ويو... ڇو تہ نوان نوان ليڪڪ ميدان تي اچي ويا آھن. ياسمين چانڊيو کي ڏسو جيڪا ڳوٺ جي گرائونڊ ۾ ٽيپ چڙھيل بال سان، ڪڙٻڙ ڪڙٻڙ پچ تي کيڏندي رھي، ھاڻي ھن مجموعي سان ڊيبيو ڪري رھي آھي، ھيءُ ڪتاب سندس پھرين اننگ آھي... پڙھي ڏسو پھرين اننگ ۾ ئي رڳو سڪسرز ۽ بائونڊريز پئي ھڻي.

**طارق قريشي**

# بيباڪ ڪھاڻيڪاره

ڪجھ عرصو اڳ ھن بيباڪ ڪھاڻيڪاره مون ڏانھن فيس بڪ فرينڊ لاءِ رڪيئسٽ موڪلي. مون ايڪسيپٽ ڪئي.ھن ٻڌايو تہ ھن کي منھنجي پسنديده ڪھاڻيڪار ضراب حيدر ۽ منھنجي مسلڪ جي ساٿي ڪھاڻيڪار مون لاءِ فرينڊ رڪيئسٽ لاءِ چيو ھو ۽ منھنجي تعريف بہ ڪئي ھئي. ائين اڳتي ھلي پھرين ڊسمبر2019 ۾ سنڌ جي ثقافتي ڏينھن موڪيءَ جي پڊ تي ملاقات ٿي، جيڪو ڏھاڙو ملير جا صحافي ساميءَ ميمڻ جي سرواڻي ۾ ملھائي رھيا ھئا. جلسي جي اڳيان ھن سان وڏي دعا سلام ڪيم. ھن پنھنجي پاسي ۾ ويھڻ جي صلاح ڪئي. ويھڻ سان ھن پنھنجي ور امر جليل مگسي صاحب ۽ پنھنجي ٻچن سان ملايو. مان ھنن سان ملي احترامن ھن کان پري پنھنجي دوستن عزيزن سائين شبير شاھ، سائين انور شاھ، سائين احسان شاھ، سائين بچل شاھ ۽ حسن صوفاٽي سيد سان وڃي ويٺس. سچ اھو ھو تہ مونکي ھن چانڊئي مگسي جي جوڙي مان ڊپ لڳو ھو. مان پاڻ کي ھنن کان في الحال سوين ڪوھ ڏور ڪري ڇڏيم..مان موڪي جي مزار تي جڏھن بہ ويندو آھيان، منھنجي لاءِ ھي عالم ارواح مان بہ ساقيءَ جو ڪردار ٻڌجي شراب طھورا جا پيگ آڇيندي نظر ايندي آھي ۽ مان اھي پيئندي پيئندي دل جو

صاف سٿرو ماڻهو ٻڌجي پيو آهيان. سيني جي ڪڪڙ جي باوجود بہ هنن ڪي دعائن جا ڪوڙ سارا ٻڪ آڇي سندن مٿان گل نڇاور ڪندو آهيان. ائين سامي ميمڻ جي اجرڪ سان اوڍيل لعل قلندر ۽ ڊاڪٽر شير جي مونتي لکيل مضمون نئون قلندر کي پاڻ لاءِ ساڀيان جو روپ ڏئي پاڻ کي ملامت جو طوق پارائي اتان کسڪي آيس. جيئن ئي گھر پھتس تہ هن ياسمين چانڊياڻي جي فون آئي چيائين: "گهڙي کن ملي وري ڪيڏانهن پڇي ويا هيا." وراڻيم: "پاڻ کي بچائي کسڪي آيس." هن کلڻي ٽهڪ ڏيندي چيو:"ڪنهن کان کسڪي آئين."

"توهان ٻروچن کان." هن ڳالهہ کي سمجهي چيو: "منهنجو وَرُ مون لاءِ چپر ڇانو آهي، مان هن جي سهڻي سلوڪ جي ڪري ئي ليکڪا ٿي آهيان، توهان هجوهان تہ هن سان ملي خوش ٿيو ها. وري ڪنهن ٻئي دفعي ملاقات ڪبي." هن چيو: "توهان اسان جي قلم قبيلي جا آهيو، توهان کي ٻڌڻ جي ڪا ضرورت ناهي." ائين ڪجهہ ملاقاتن ۾ ڄاڻ پئي تہ هيءَ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ، شاعره ۽ بيباڪ ڪهاڻيڪاره آهي. هوءَ خوش مزاج ۽ پاڻ تي ڀروسو رکندڙ شخصيت آهي، جيڪا هن جي چواڻي تہ سندس وَر جي اعتماد سبب بڻي آهي.

هن مون ڏانهن بہ ڪهاڻيون تنقيدي حوالي سان موڪليون آهن جن کي پڙهي اندازو ٿيو تہ واقعي اها لکڻي جي سگهہ پنهنجي گھر وارن جي سهڻي سلوڪ ۽ ترقي پسند رويي هئڻ جي ڪري ئي ايندي آهي. هن جون ڪهاڻيون عصمت چغتائي، ڪرشن چندر ۽ نور الهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين جهڙيون بي باڪ، سگهاريون، دل ۾ چڀي ويندڙ ۽ اندر اڌ ڪندڙ آهن. جيڪي روايتي ماڻهن لاءِ ناهن پر سماج سان ٽڪر کائيندڙ برجستن لاءِ آهن. هن جي "سائيڪل وارو" ڪهاڻي معاشري جي انهن ماڻهن کي ننگو ڪري ٿي جيڪي ظاهري طور پوتر ۽ اندر ۾ شيطانيت جا سيئي اَوَگُڻ سانڍي رکندا آهن، جن جا اڪيلائين ۾ روپ پڌرا ٿيندا آهن.

سندس ٻي ڪهاڻي "ڪنوٽين جو ميلاپ" پڙهندڙن کي ڏوڏي وجهي ٿي، جنهن ۾ پڻ ماڻهن جا مڪروهہ چهرا لکيل آهن. ياسمين جي

ڪهاڻين جو اظهار هن معاشري تي هڪ ڀرپور طنز آهي، جيڪا ڪهاڻيڪار جي بي باڪي جو ثبوت بہ آهي تہ هن جي سگهاري ڪلا ئيمڪس جو بہ، جنهن مان ڪهاڻيڪار جي فن جي ڄاڻ پئي ٿي. دعا آهي تہ هي پنهنجي لاپائتي شعور سان ساري عمر سلهاڙي رهي.

**ڊاڪٽر عابد مظهر**

# سماجي اڻ برابريءَ خلاف جنگ جوٽيندڙ

“عورت جي بيداري قوم جي بيداري آهي. عورت جي آزادي قوم جي آزادي آهي. عورت جي شعور تي زنجير نئين زندگيءَ جي شعور تي زنجير وجهڻ جي برابر آهي. جنهن جي تخليق جو هو سبب آهي.”

شيخ اياز جي مٺين سٽن جي روشنيءَ ۾، جيڪڏهن ڏسجي ته سنڌ جي قومي شعور تي جيڪي عورتون اثر انداز ٿين ٿيون انهن ۾ ياسمين چانڊيو جو بيباڪ ڪردار به شامل آهي، سنڌس تخليق شاعري هجي يا ڪهاڻي پڙهندڙ جي ذهن ۾ ٻرندڙ ڏيئي ۾ تيل جو ڪم ڪري ٿي پوءِ اها شعوري لاٽ سدا سوجهرو ڪري واٽ ڏيکاري ٿي.

ياسمين چانڊيو مهارت ۽ بيباڪيءَ سان جن موضوعن تي پنهنجي مطالعي مشاهدي جي رنگن سان معاشري جي ڪڏين ريتن رسمن کي پڌرو ڪيو آهي، انهن ۾ ناڪام محبتون، جهالت سبب سامهون ايندڙ ريتون رسمون، اڻ برابري واريون شاديون، مردن جون ارڏايون، بي پرواهيون، محبت ۽ مذهب ۾ هٺ ٺوڪيون ڳالهيون ۽ انهن جي صحيح هجڻ تي نهن چوٽيءَ جو زور ڏيڻ. ياسمين چانڊيو اهڙن ئي موضوعن تي انتهائي مهارت ۽ سنجيدگيءَ سان لکيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ معاشري جي ڪوڙين ۽ هضم نه ٿيندڙ حقيقتن کي ڪردارنگاري ۽ منظرنگاري وسيلي سهڻي سيبتي نموني اپاريو آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي منظر جو هڪ حصو محسوس ڪري ٿو اڳتي ڇا ٿو ٿئي وارو تجسس کيس ڪهاڻي پڙهڻ تي مجبور ڪري ٿو. ياسمين چانڊيو پنهنجي ڪهاڻين وسيلي عورت جي محسوسات ۽ احساسن کي انتهائي پرپور ۽ خوبصورت نموني چٽيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اهڙا موضوع به ملن ٿا جن تي اڳ لکيو ئي ڪين ويو آهي يا لکيو ويو آهي ته بيباڪي سان نه

لکيو ويو آهي، اسان چئي سگهون ٿا تہ ياسمين چانڊيو جون ڪهاڻيون بہ سماجي حقيقت نگاري ۽ ترقي پسند حقيقت نگاريءَ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون سنڌس ڪهاڻين جو اسلوب پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائي سماجي مامرن ڏانهن متوجهہ ڪري ٿو. جيڪا هڪ تخليقڪار جي ڪاميابي آهي. ياسمين چانڊيو جي قلم جي اها مهارت چئبي جو پڙهندڙ جي نفسيات کي سامهون رکي لکڻ جو ڏانءُ رکي ٿي. انهيءَ جو خوبصورت مثال سنڌس لکيل ڪهاڻيون آهن. جن ۾ "نياڻي"، "ڀانڊارو"، "سائيڪل وارو"، "ڳولا" جن جا موضوع ڇرڪائيندڙ ۽ جاندار آهن. جيڪي پڙهندڙ کي آخر تائين پنهنجي گرفت ۾ رکڻ جي سگهہ رکن ٿا. ياسمين چانڊيو جون ٻيون بہ انيڪ ڪهاڻيون آهن جيڪي سنڌي سماج جي مختلف پهلوئن جي عڪاسي ڪن ٿيون اميد آهي تہ پاڻ ائين ئي سنڌ جي سماجي مسئلن تي قلم کڻي ڪهاڻيءَ جي فن کي اڳتي وڌائيندڙ رهنديون.

**فرزانہ شاهين**

# ترقي پسند ليکڪا

مون کي اعتبار ئي نٿو ٿئي تہ ياسمين چانديو ايترين ڪهاڻيون لکي ڪتابي شڪل ۾ پڙهندڙن اڳيان آڻي سگهي ٿي، هوءَ جنهن جي زندگي خود هڪ سچي ڪهاڻي آهي، جنهن ٻالڪپڻ کان ڏکن، محرومين، اذيتن ۽ پيڙائن کي سنو ۾ پوڳيو آهي پر ڪڏهن بہ انهن اڳيان آڻ نہ مڃي آهي، مايوس نہ ٿي آهي سندس مستقل مزاجي جوئي نتيجو آهي تہ اڄ پنهنجي قد کان بہ وڏي ٿي هڪ ليکڪا جي شڪل ۾ سامهون آئي آهي. ياسمين کي آئون ننڍ پڻ کان سڃاڻان سندس پيءُ ۽ پائر محنتي پورهيت رهيا آهن. صحافت جي دنيا جو وڏو نالو ليکيو ويندڙ ارباب چانديو جڏهن پنهنجي بابا ۽ امان، پائرن پينرن تي ٻڌل ڪٽنب سان گڏ لاڙڪاڻي مان لڏي ڪراچي آيو هو تڏهن کان آئون هن گهر سان ذاتي ۽ سياسي طرح جڙيل رهيو آهيان، ان وقت ياسمين ننڍڙي هئي، ساڻس پيڻ يا ڏيءَ جو رشتو هو جيڪو اڄ تائين وڌيڪ پختو ٿيو آهي. زندگي جي اٿل پٿل ۾ هلندي هن اسان جي ساٿي امر مگسي سان وهانءُ ڪيو هو هڪ برجستو روشن خيال نوجوان آهي جيڪو سماجي نا انصافين خلاف هر وقت ميدان عمل تي جهيڙيندو رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ياسمين کي سياسي سماجي سرگرميون ڪرڻ ۽ لکڻ جو ڀرپور موقعو مليو. ياسمين مون سان گڏ ملير جي ڳوٺن، مختلف ماڳ مڪانن تي هلي اتي انساني حقن، محرومين ۽ سماجي پيڙائن جي ور چڙهيل عورتن سان گڏ ويهي ڏک وچان لڙڪ لاڙيا آهن. اسان کي بي وسي ۽ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جو ڏک ٿيندو رهيو آهي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو ياسمين سٺي شاعره ۽ ڪهاڻيڪار سان گڏ. هڪ ترقي پسند سياسي ڪارڪن پڻ ٿي ايري آهي. مون کي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي تہ هوءَ هاڻ ادب جي دنيا ۾ نالو ڪمائي چڪي آهي. هن سماج جي منجهيل مسئلن تي

قلم کڻي هن ڪتابي شڪل ۾ ڪهاڻين جو مجموعو ڏنو آهي. منهنجي دعا آهي تہ ياسمين اڃان بہ گهڻي عزت، ترقي ۽ اعليٰ مقام ماڻي. مون ياسمين جون "ڪنوڻين جا ميلاپ"، "ڀانڊارو" ۽ ٻيون ڪهاڻيون پڙهيون آهن، جن ۾ مون کي هوءَ ٻي نورالهديٰ شاهہ لڳي آهي. انهن ڪهاڻين ۾ هن سماج جي اڻ برابرين، ذلتن، ڏوکن ۽ عورت کي رانديڪو سمجهي استعمال ڪرڻ جهڙن منفي روين جو زهر اوتيو آهي، ڪهاڻين ۾ ڪڙيون حقيقتون سامهون آنديون آهن.

ادب جي دنيا بہ عجيب ڪرشمن سان ڀريل آهي، هتي آئون ادب بابت مختصر تاريخي حوالي طور ٻڌائيندو هلان تہ ادب بنيادي طور عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن کي شائستگي ۽ خوش بياني طور ورتو ويجي ٿو. بنو اميہ جي زماني ۾ بصرَي ۽ ڪوفَي ۾ زبان جو لکڻين کي وڏيک عروج حاصل ٿيو. ادب کي هنديءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ساهت چيو ويندو آهي. "ساهتيہ" سنسڪرت جو لفظ آهي. "ساهتيہ" لفظ جي اکري معنيٰ موجب ساهتيہ ۾ لفظ ۽ معنيٰ جو پاڻ ۾گهاٽو لاڳاپو آهي. ادب آرٽ جي هڪ شاخ آهي، جنهن کي "فنِ لطيف" بہ چئي سگهجي ٿو. سنڌي ادب جي تاريخ سڀ کان پهرين فارسيءَ ۾ لکي وئي. مغليہ دؤر ۾ سنڌي شاعرن، عالمن ۽ اديبن جو ذڪر فارسي ڪتابن ۾آيو آهي. انگريزن جي دؤر کان باقاعده ڪتاب، مضمون ۽ مقالا سنڌيءَ ۾لکجڻ شروع ٿيا. اڄ جڏهن آئون ياسمين چانڊيو جي ادبي ڪرت تي پنهنجو تاثر لکڻ وينس تہ منهنجي ذهن ۾ سنڌ ۽ دنيا ۾ عورتن جي جدوجهد جي تاريخ جو خيال آيو مون ڪتابن جا ورق اٿلايا تہ منهنجو ڪنڌ فخر سان اوچو ٿي ويو تہ سنڌ جون عورتون بہ ڪنهن بہ طرح دنيا کان پوئتي نظر نہ آيون. سومرن جي دؤر جي "مارئي" وطن سان محبت جو اهڃاڻ تہ "ٻاگهي"ميدان جي جرنيل نظر آئي. دودي جي ڏيءُ "ڪوبل" پنهنجي مڱيندي ننگر (جنهن جي عمر 13 سال هئي) کي موڙ ٻڌائي، وطن جي جنگ ۾ شهيد ٿيڻ لاءِ موڪليو. جڏهن هو شهيد ٿي موٽيو تہ سندس ڳاٽ فخر کان

اُوچو ٿي ويو. سنڌ ۾ مائي فاطمہ خاصخيلي، بيگو رند، بصران، زينب، مريم، ڪمال خاتون نظاماڻي ۽ ٻين سوين عورتن جي بهادرانہ عملي ڪردار ڪي وساري نٿو سگهجي. مشهور ڳائڻيءَ الله وسائيءَ کي بہ وسارڻ ٺيڪ نہ ٿيندو، جنهن خيرپور جي ملٽري ڇانوڻيءَ ۾ هڪ انگريز آفيسر تي خنجر جا وار ڪري کيس ماري وڌو هو.

هاري تحريڪ جي مائي بختاور وٽ ڪمدار اناج جي ونڊائيءَ لاءِ اڳتي وڌيو تہ مائي بختاور مٿس ٽيانگ سان حملو ڪيو. اُن تي چوڌري دين محمد فائرنگ ڪرائي ۽ مائي شهيد ٿي ويئي. مائي بختاور جيڪي آخري لفظ چيا هئا، سي سنڌ جي تاريخ بڻجي ويا: "ابا ڏسجو! متان ماريا اَن ڪٽي نہ وڃن." سنڌ ۾ "سنڌي ٻولي، قومي ٻولي" ۽ "ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو" جهڙيون تحريڪون هليون تہ سنڌ ياڻي تحريڪ جي سورمين اختر بلوچ، رياض ميمڻ، نسيم سنڌي، نسيم ٿيٻو ۽ ٻين ڪيترين سنڌي نياڻين بک هڙتالون ڪيون ۽ جيلن ۾ وڃي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سنڌي عورت، سنڌ جي هلندڙ جدوجهد ۾ ڪنهن بہ ريت مَردن کان پوئتي نہ آهي. دنيا جي بهادر عورتن ۾ جميلہ بوپاشا (الجزائر)، زرقا ۽ فاطمہ محمد برناوي(فلسطين)، زويا انا طوليا (روس)، ليو خولان (چين) ۽ نِگوين ٿِي چائو (ويٽنام جو نالو بہ هميشہ زندهہ رهندو. پنهنجي وطن، قومي وسيلن ۽ بنيادي حقن لاءِ جتي عملي جدوجهد تي اهميت آهي اتي ظلم جي تاريخ نا انصافين سماجي براين کي رڪارڊ تي آڻي ايندڙ نسلن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ لکڻ جي پڻ وڏي اهميت آهي. ياسمين چانڊيو نہ رڳو سنڌ پر دنيا جي انهن بهادر عورتن مان هڪ آهي. اسان کي ياسمين چانڊيو جي همٿ افزائي لاءِ سندس ڪهاڻين جي ڪتاب کي اڳتي وڌائي سنڌ سميت پرڳڻي تائين پکيڙڻ گهرجي.

**سامي ميمڻ**

# قومي ڪارڪن ڪان ڪهاڻيڪاره جو سفر

ياسمين منهنجي ننڍڙي ڀيڻ آهي، هميشه ڪجهه ڪرڻ جو جنون مٿس سوار هوندو آهي، بي پناهه سرگرم، باشعور نياڻي، اسان وٽ سنڌي عورت جو گهر مان نڪرڻ سڀ کان وڏو مسئلو آهي پر ياسمين جا والدين ۽ سندس ڀائرن خاص طور تي سندس وڏي ڀاءُ اڳوڻي سياسي ڪارڪن ۽ هاڻوڪي نامياري صحافي ارباب چانڊيي ۽ سندس ورَ امر جليل مگسي جهڙي همر خيال جيون ساٿي جي اتساهڻ سبب هن سياسي سماجي ڪارڪن ڪان ويندي هڪ ليکڪ تائين جو سفر ڪاميابي سان طئي ڪيو آهي. هن پنهنجون صلاحيتون قومي ڪمن ڪارن سان گڏوگڏ پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ پڻ ڪتب آنديون آهن. منهنجي لاءِ اهو ڪنهن انڪشاف کان گهٽ نه هو ته هو هڪ قومي ڪارڪن کان سواءِ هڪ سٺي ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره پڻ آهي. ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ ياسمين چانڊيو جي سڃاڻپ مون لاءِ فقط سماجي ۽ سياسي ڪارڪن طور هئي. مون کي حڪم مليو ته سندس ڪهاڻين جي ڪتاب تي ڪجهه لکان. مون جهڙي سست ماڻهوءَ لاءِ ڪجهه لکڻ سزا کان گهٽ ڪونهي، جڏهن کان صحافت ڇڏيم لکڻ جڻ وسري ويو آهي. ڪهاڻين جي مجموعي تي لکڻ اهو به پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ ياسيمن تي ڏاڍو ڏکيو آهي.

مون محسوس ڪيو آهي ته ياسمين پنهنجي ڪرت سان جنون جي حد تائين لڳاءُ رکي ٿي،ڪنهن به ڪم ڪرڻ جو پهه ڪري ته پوءِ ان کي مڪمل ڪري ئي ساهه پٽي ٿي. هوءَ ڪراچي جهڙي اجگر شهر ۾ رهي ٿي، سرڪاري نوڪري سان گڏوگڏ روزاني ڊرائيور بڻجي پنهنجن ٻارڙن کي اسڪول ڇڏي ۽ وٺي اچي ٿي. گهر سنڀالي ٿي، عورتن جي جاڳرتا لاءِ سنڌياڻي تحريڪ ۾ سرگرم ڪردار ۽ پوءِ شاعري ۽

ڪهاڻيون لکي ٿي. سماجي، ادبي، سياسي سرگرمين ۾ وقت ڏئي ٿي، اهو سڀ ڪجهہ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي، شاباس هجيس، اهي سڀ ڪم ڏکيائين باوجود ڪرڻ واقعي جس لائق آهي.

ياسمين جي ڪهاڻين ۾ معاشرتي برائين جي نشاندهي ڪيل آهي، سندس ڪهاڻي "سائيڪل وارو" عورت جي بهادري ۽ بردباري ڪي مثال ڪري پيش ڪيو ويو آهي ۽ جنسي حراسان ڪرڻ تي سروٿو هٽي اهو ثابت ڪرڻ تہ سنڌي عورت سماجي برائي جو بهادري سان مقابلو ڪري ٿي. ٻي طرف وري هوءَ ڪهاڻي "ڪنوٽين جا ميلاپ" ۾ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي عشق واري ناسمجهي ۽ بي وقوفي ڪي سهڻي نموني سمجهائي ٿي. ناسمجهي بغير سوچڻ سمجهڻ پنهنجي مٽن مائٽن جي اجازت ڪانسواءِ ڪيل جذباتي محبت جو خطرناڪ انجام، پوءِ رشتا لڪائڻ ۽ سندس اٽجاٽائي ۾ ڪيل غلطي خطرناڪ انجام ڪيڏو نہ عذاب ڏيندڙ آهي. ياسمين سماجي برائي ڪي سبق آميز سمجهاڻي سان پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، سندس لکڻين ۾ سبق بہ آهي تہ شعور جي پختگي جي جهلڪ بہ آهي. ياسمين جي ڪهاڻين مان اندازو ٿيو تہ هوءَ سياسي ڪارڪن سان گڏ هڪ بهترين ڪهاڻيڪاره بہ آهي سندس گهڻ طرفي پهلو ئي هن جي ڪاميابيءَ جي نشاني آهن. هوءَ بهترين ڌيءَ، ڀيڻ، ماءُ، زال، سلڇڻي قومي ڪارڪن سان گڏ باصلاحيت باشعور، پڙهيل لکيل ترقي پسند اديب، شاعره ۽ ڪهاڻيڪار آهي. دعا آهي سدائين خوش رهي ۽ ڪاميابي جون منزلون ماڻي.

**مير عباس ٽالپر**

پاندارو : ياسمين چانديو

# سياسي ۽ ادبي محاذ تي لوچيندڙ

ڪهاڻي ڇا آهي؟ ۽ هن جي ڪڏهن کان شروعات ٿي؟ ان متعلق ڪيترن ئي محققن جا مختلف رايا پئي رهيا آهن. پر پوپٽي هيرانندڻي لکي ٿي ته ”ڪهاڻي يا آکاڻي لفظ گهڻ ڪٿ يا آکشه شبد مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي چوڻ يا ٻڌائڻ.“ ان ڪري انسان جڏهن کان ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان ڪهاڻي/ آکاڻي جي به شروعات ٿي آهي.

ڪهاڻي زباني ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ کان شروع ٿي، لکي ڪتابن ذريعي محفوظ ڪري پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ ڏگهو عرصو لڳو ۽ ڪيترائي مرحلا طئي ٿيا.

سنڌي لوڪ ادب وانگر ڪهاڻي جي صنف پڻ صدري خزاني جي حيثيت ۾ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهي آهي، جيئن ننڍپڻ ۾ ٻارن کي رات جو ننڊ نه اچڻ مهل يا دل وندرائڻ لاءِ گهر ۾ ڏاڏي، ناني يا وڏڙو وڏڙي لوڪ قصا، ڪوهه قاف جي پرين، ديون جون آکاڻيون، شاهي رسم و رواج سميت پنهنجي زندگيءَ جا تلخ تجربا ڪهاڻي جي صورت ۾ ٻڌائيندا اچن.

ڪجهه ڏهاڪا پهرين لوڪ ادب ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪري بيش بها خزانو ميسارجڻ کان بچائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. تنهن هوندي به نه چاڻ ڪيترن ئي سگهڙن جو مواد اڃان تائين منظر عام تي نه اچي سگهيو آهي. ڪهاڻي به گهڻي وقت کان ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪري پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو سلسلو هلندڙ آهي. ان ڏس ۾ ڪيترائي ڪهاڻيڪار پاڻ مڃائي نالو ڪمائي چڪا آهن. ياسمين

چانڊيو پڻ ان سلسلي جي ڪڙي ۽ ڪهاڻي جي خوبصورت ليکڪا آهي، جنهن جون ڪهاڻيون اڪثر سماجي رابطن واري ويب سائيٽ فيس بڪ (جنهن کي عام طور تي عالمي اوطاق پڻ چيو وڃي ٿو) ذريعي سامهون آيون آهن ۽ مختلف رسالن ۾ پڻ ڇپجنديون رهيون آهن. اڄ اوهان جي هٿن ۾ سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، عام طور تي اهي ليکڪ ئي قوم جي دلين ۽ ذهنن ۾ پنهنجو اثر ۽ چاهه پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا جن جي لکڻين جو محور ۽ ڪردار عام ماڻهو ئي هجن ٿا ۽ سندن ٻولي سادي ۽ سولي هجي ٿي. ان حوالي سان ياسمين چانڊيو گهڻي ڀاڱي ڪامياب وئي آهي. ڇو ته هن زميني حالتن جو تمام ويجهڙائي کان جائزو وٺندي سموري قوم جا درد ڪهاڻين ذريعي پني تي اوتيا آهن. جنهن جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ياسمين پنهنجي ذاتي زندگي ۾ به انتهائي متحرڪ آهي هن جو ڪنهن سياسي پارٽي سان ڳانڍاپو هجڻ ڪري مختلف جڳهن تي مختلف پروگرامن يا احتجاجن ۾ وڃڻ، ڪا به دعوت نه گسائڻ هر وقت قوم جي مظلوم ماڻهن سان بيهڻ ۽ انهن لاءِ جدوجهد ڪرڻ هن جي سياسي شعور کي واضع ڪري ٿو. ساڳي وقت علائقي جي ڳوٺن جا دؤرا ڪري غريب بي پهچ عورتن ٻارڙن وٽ وڃي کين پنهنجائپ جو احساس ڏياريندي وس آهر مدد پڻ ڪندي رهي ٿي.

ادب جي دنيا ۾ مون اڪثر اهڙا ماڻهوڏٺا آهن، جيڪي پنهنجي لکڻين ۾ ته اعليٰ پائي جا قوم پرست، غريبن جا هڏڏوکي ۽ ظلم خلاف جهيڙو جوٺڻ جي ڳالهه ته ڪن ٿا پر هو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ انهن اعليٰ انساني قدرن کان وانجهيل هوندا آهن، پر انهن جي ڀيٽ ۾ ياسمين چانڊيو اها ليکڪا آهي جنهن جي لکڻين ۽ ذاتي زندگي يعنيٰ قول ۽ فعل ۾ ذري جو به فرق نه آهي. ياسمين اها بي باڪ ليکڪا آهي جنهن عورت

هونـدي انهـن موضـوعن تـي بـہ سـئولي ٻـوليءَ ۾ لکيـو آهـي جنهن تـي مـرد ليکڪن جا بہ هٿ لکندي ڏڪي وڃن.

ان ڳالهہ کان ڪنهن صورت انڪار نٿوڪري سگهجي تہ اڄ جـو دؤر سوشل ميڊيا جو دؤر آهي، سماجي لاڳاپن جي ويب سائيٽن ذريعي ماڻهو پنهنجي ڳالهہ، پيغام، لکڻي اک ڇنـڀ ۾ لکين مـاڻهن تـائين آساني سان پهچائي سگهي ٿو ۽ گهربل معلومات پڻ حاصل ڪري سگهي ٿـو. تـنهن هونـدي بـہ ادب جي ميـدان ۾ مـردن جـي ڀيٽ ۾ عورت ليکڪـائون گهـٽ آهن، جنهن جا ڪيئي ڪارڻ آهـن. مـردن جـي ڀيٽ ۾ عـورت ليکڪـائن گهٽ تعداد هئڻ بـاوجود پنهنجـي لکڻين ذريعـي سنڌي ادب جـي آبيـاري پئي ڪئي آهي. ڏٽي در دعا آهي تـہ ادي ياسمين چانـڊيو ادب جي دنيـا ۾ الڳ سڃاڻپ ۽ اعلي مقام حاصل ڪري. آمين

## جمشيد زهراڻي

# سچ جي ساکي ليکڪا

سنڌُ ڌرتي جي تاريخ رهي آهي تہ ان هميشہ اهڙين شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن مختلف شعبن ۾ مهارت رکندي دنيا ۾ سنڌ ڌرتي جو نالو روشن ڪيو آهي.

ڳالهہ موسيقي جي هجي، علم جي هُجي يا ادب جي سنڌ دنيا ۾ هميشہ نرالي نانءُ سان اوچي رهي آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ ادب تي جيڪو تاريخ ساز ڪم ٿيو آهي، ان جهڙو مثال ملڻ مشڪل آهي. سنڌي ادب خاص ڪري ڪهاڻي جي صنف ۾ نسيم ڪرل کان وٺي ماڻڪ تائين ۽ امر جليل کان وٺي رسول ميمڻ تائين ڪهاڻي جو دؤر جاري آهي، ان سان گڏُ ڪهاڻي ۾ سنڌ جي عورت جو ڪردار بہ هميشہ ڀاڳي پائيوار رهيو آهي. ثميره زرين کان وٺي نورالهديٰ شاه تائين ۽ فرزانہ شاهين کان وٺي ياسمين چانڊيو تائين اهو سلسلو جاري آهي.

سنڌي ڪهاڻي لکندڙن ۾ ياسمين چانڊيو جو پنهنجو هڪ الڳ مقام آهي، هن جي ڪهاڻين ۾ روز مره جي زندگي ۾ ماڻهن سان پيش ايندڙ اهي واقعا آهن، جيڪي شايد هر ماڻهو جي نظر مان گذُرن ٿا پر هر ڪو اهي حادثا ۽ واقعا ائين محسوس نٿو ڪري سگهي، جيئن ياسمين چانڊيو محسوس ڪيا آهن. ياسمين چانڊيو جون لکڻيون سندس بهادري ۽ بيباڪي کي ظاهر ڪن ٿيون. هُن جنهن همٿ ۽ بهادري سان حساس موضوعن کي ڪهاڻي جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي ان تي ڪيس جس هُجي.

ياسمين جو هي پهريون ڪهاڻين جو مجموعو آهي پر سندس ڪهاڻيون پڙهي محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ هوءَ ورهين کان لکندي هُجي.

**مرتضيٰ ناريجو**

# پنهنجي پاران

منهنجي پيدائش لاڙڪاڻي جي لاهوري پاڙي ۾ ٿي، ان کان پوءِ قمبر شهر لڏي وياسين. مون پرائمري تعليم لاڙڪاڻي ۽ قمبر مان حاصل ڪئي، ڪجهه عرصو قمبر ۾ رهڻ کان پوءِ ڪراچي آياسين ۽ هينئر ڪراچيءَ ۾ ئي رهائش آهي.

مون پنهنجي ڪهاڻين لکڻ جي شروعات تقريبن نوي واري ڏهاڪي ۾ ڪئي، تڏهن مان اجان چوٿين درجي ۾ پڙهندي هئس. ان وقت ڪتابن پڙهڻ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

تنهن زماني ۾ انٽرنيٽ يا موبائل فون وغيره ڪانه هوندي هئي سو گهڻو ڪري ماڻهن جو لاڙو ادب ۽ سياست طرف هو. خاص طور تي پنهنجي سنڌ جي صورتحال به ڪجهه اهڙي قسم جي هئي جنهن جي ڪري سنڌي ماڻهن جو جدوجهد ۽ مزاحمت ڪرڻ جو واحد ذريعو سياست هئي. سو سياسي پارٽي جنهن جو اڳواڻ رسول بخش پليجو هجي ته پوءِ اتي جدوجهد جي شروعات ئي علمي، ادبي ۽ فڪري بنياد تي ٿئي ٿي.

هي 1990ع واري دور جي ڳالهه آهي منهنجو وڏو ڀاءُ ارباب چانڊيو عوامي تحريڪ سان سلهاڙيل هو. پوءِ هڪ ڏينهن قمبر ۾ مونکي ادي زاهده شيخ جي گهر وٺي ويو. هن اتي مون کي ناماياري اديب ۽ سياستدان محترم رسول بخش پليجي صاحب سان ملايو. ان موقعي تي محبت ڀرڙي ، علي گل ميتلي، ڊاڪٽر نذير شيخ، ايوب شيخ، ادي زاهده، ادي رخسانه سميت ٻين نامارين شخصيتن سان پڻ ملاقات ٿي.

ان ڏينهن اتي اجلاس هلي رهيو هو جنهن ۾ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي بهترين ليڪچر پڻ ڏنو. ان پوري اجلاس ۾ مان ئي هڪ ٻارڙي ويٺي هئس. اجلاس ۾ پليجي صاحب جي توجهه جو مرڪز هئس، انڪري جو ادا ارباب منهنجو ذڪر پليجي صاحب سان اڳ ڪيو هو. ادا پليجي صاحب کي اهو به ٻڌايو هو ته آئون اڳ ڪيترائي ڪتاب پڙهي چڪي آهيان.

مونکي ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو ان شوق ۾ ادا ارباب اجان به وڌاءُ ڪري لينن، نجم عباسي، امر جليل، خليل جبران، ۽ ٻين جا ڪتاب پڙهايا.

تنهن ڳالهه جي پليجي صاحب پڻ چڱن لفظن ۾ اظهار ڪندي چيو هو ته "تمام گهڻي خوشي آهي ته ارباب پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر جي نياڻين جي به تربيت ادبي ۽ سياسي طريقي سان ڪري پيو.

ان موقعي تي پليجي صاحب مون کان پڇيو ته ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿئي، مون انهن ڪتابن جا نالا ٻڌايا جيڪي مون پڙهيا ته اتي ويٺلن پڻ تاڙيون وڄايون.

تنهن کان پوءِ مونکي اها خبر ڪونه هئي ته ڪو تاڙين جي خوشيءَ کان پوءِ مونکي پليجي صاحب جو جبل جيڏو اوچتو ڪو سوال اچي ڪڙڪندو. اجان تاڙيون بند ئي ڪونه ٿيون جو پليجي صاحب پنهنجي فوجداري انداز سان چيو ته "ياسمين اٿي بيهه ۽ لينن جي ڪتاب تي تبصرو ڪر."

سچ ته اهو ٻڌي منهنجو ساهه نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. پوري لڱن ۾ ڏڪڻي پئجي وئي، هڪ ته ايڏا وڏا ماڻهو ويٺا هئا ۽ ٻيو ان کان اڳ مون ڪڏهن ڪنهن اڳيان ڪتاب تي تبصرو ڪونه ڪيو هو سو منهنجو دماغ ڪم نه پيو ڪري ته هاڻي ڇا ڪيان ۽ وري پليجي صاحب جي اڳيان ڪنهن جي به همت ڪونه ٿيندي هئي ته ڪجهه چوي، جيڪا ڳالهه مون ادا

ارباب ڪان اڳ ۾ ٻڌي هئي سو تنهن ڏينهن بہ ڏڪندڙ ٽنگن ۽ آواز سان مشڪل سان نڙيءَ مان آواز ڪڍي ڳالهائڻ شروع ڪيو. تڏهن سيني جي پاڻ ڏانهن دلچسپي ۽ مسڪراهٽ وارو رويو ڏسي منهنجي ٽنگن جي رڪٽي ڪجهہ جهڪي ٿي. ان ڪتاب تي ڇا ڳالهايون هو ياد ناهي، پر جڏهن تبصرو ڪري ويٺس تہ تاڙين جو وسڪارو ٿي ويو.

پليجي صاحب چيو ويلڊن تنهن مان اندازو ٿيو تہ مان سٺو تبصرو ڪيو.

ان وقت جذبات ۾ منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ نڙي سڪي خشڪ پر پليجي صاحب ۽ ٻين ويٺلن جي تعريف ٻڌڻ ڪان پوءِ اتساهہ مليو.

ايئن منهنجو لکڻ، پڙهڻ ۽ ادب ڏانهن نئون لاڙو پيدا ٿيو. انهن ڏينهن ۾ روزاني اخبار پڙهڻ ۽ بي بي سي ريڊيو تي ابا سان گڏ رات جو ويهي خبرون ٻڌڻ ۽ انهن تي تبصرو ڪرڻ معمول بڻيل هوندو هو.

سجاڳ ٻارڙين سان نہ سنڌياڻي تحريڪ جي ڀينرن سان ڪم ڪرڻ تنهن دؤر ۾ قمبر ۾ لاڙڪاڻو عوامي تحريڪ لاءِ اول نمبر تي هو. سڄي سنڌ ۾ وڏيڪ ڪم اتي ٿيندو هو. هر هفتي اسٽڊي سرڪل ٿيندو هو. جنهن ۾ پنهنجي پڙهيل ڪتابن تي تبصرو ۽ عالمي ادب ۽ سياست تي ليڪچر ٿيندا هئا. تنهن دؤر ۾ ورلي ڪو ڏينهن خالي هجي هر ڏينهن شام ڏاري ڪٿي نہ ڪٿي دؤرو رکيل هوندو هو موڪل واري ڏينهن وري لاڙڪاڻي جي ڀرپاسي جي ڳوٺن جا دؤرا ٿيندا هئا ۽ گڏجاڻيون بہ تمام گهڻيون ٿينديون رهنديون هيون.

تڏهن مان پاڻ وٽ ٽن قسمن جون ڊائريون رکندي هئس هڪ ۾ ڪهاڻيون ۽ آرٽيڪل لکندي هئس، هڪ ۾ ڪتابن تي تبصرا ٽين ڊائري پارٽي جي حوالي پروگرامن جون تاريخون گيت نظم وغيره جيڪي مختلف اخبارن رسالن ۽ ڪتابن مان ڪڍي لکندي هئس

جيڪي زباني ياد پڻ ڪندي هئس ۽ دنيا جي عظيم ليکارين ۽ ڏاهن جا قول پڻ لکندي هئس.

منهنجي پهرين ڪهاڻي عوامي آواز جي سرتيون صفحي ۾ تقريبن 1995ع ۾ ڇپي. تنهن زماني ۾ ڪجهه عرصو ڪهاڻيون ۽ آرٽيڪل ڇپندا رهيا پوءِ منهنجي زندگيءَ ۾ تبديلي آئي شادي ٿي فورن سال ۾ نياڻي ٿي ۽ ائين لکڻ ۽ ڇپائڻ وارو سلسلو ڪجهه وقت لاءِ رڪجي ويو. جيڪي ڊائريون هيون سي اڳتي هلي منهنجي ٻارڙن جي هٿ لڳيون تن ڦاڙي راند روند ۾ وڃائي ڇڏيون جن ۾ ڪيترو ئي منهنجو تخيلقي مواد وڃائجي ويو.

ايئن ڪيترن سالن جي وقفي ڪان پوءِ وري مان لکڻ شروع ڪيو مختلف رسالن ۾ منهنجي شاعري ۽ ڪهاڻيون ڇپجنديون رهيون ۽ اخبارن ۾ آرٽيڪل پڻ شائع ٿيندا رهيا.

پنهنجي لکڻين متعلق ايترو چوندس ته:

جيستائين سوال آهي ته ڇا عورت اسان جي معاشري ۾ آزاد يا خود مختيار آهي؟

ته اتي منهنجو جواب آهي نه.... ان ڪري جو عورت، ڪٿي پيءُ جي عزت، ڪٿي ڀاءُ ۽ ڪٿي وري پٽ جي عزت ٿئي ٿي، ايئن لڳندو آهي ته ڄڻ عورت جي پنهنجي عزت آهي ئي نه.

عورت کي جنهن جي نڪاح ۾ ٻڌو ٿو وڃي پوءِ ان تي اهو حڪم لاڳو ٿو ڪيو وڃي ته مرڻ گهڙيءَ تائين اها ان مرد جي ملڪيت آهي.ان جي جسم جو مالڪ صرف اهو ئي واحد مرد آهي، جيڪڏهن ان ٿوري به ان حڪم جي خلاف ورزي ڪئي ته ڪاري ٿيندي، جڏهن ته عورت مرد ٻئي انسان آهن، مرد شادي ڪان اڳ يا پوءِ جيڪو ڪجهه ڪري ڪيس اختيار آهي، پر ڇا عورت کي اهو اختيار سماج ڏنو آهي؟

جيڪڏهن شاديءَ رات بہ مرد کي لڳي تہ عورت ڪنواري ناهي، پوءِ اها ڪاري آهي، مرد ڇو ڪارو نٿو ٿئي ۽ مرد جيڪو جنهن عورت جي جسم سان پنهنجي نفس جي باهہ اجهائي ٿو پوءِ بہ ان کي رنڊيءَ جو نالو ملي ٿو. درحقيقت ڇڪلو تہ هلندو ئي مردن جي اتي ويڄ سان آهي پر بدنام ويڄ واري کي نٿو ڪيو وڃي پر اتي رهندڙن کي ڪيو وڃي ٿو. ايئن پنهنجي سماج جا تمام گهڻا ابتا قانون آهن.

مون پنهنجي ڪهاڻين ذريعي سماجي بيحشي جي وَر چڙهيل هر ان عورت جي احساسن کي زبان ڏيڻ ۽ مدي خارج سوچن، ريتن ۽ رسمن کي آئينو ڏيکارڻ جي ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي.

پنهنجي ڪهاڻين ۾ عورتن جي احساسن تي قلم کڻڻ سان گڏ وڳڙ ويجهن رشتن تي بہ لکيو اٿم، جتي ڪيئن ويجها رشتا گڏ هوندي بہ سندن احساس مئل هجن ٿا.

هتي هڪ ڳالهہ ضرور ڪندس تہ اسان وٽ اديب تہ ڪوڙ سارا آهن پر انهن مان اڪثر جي قول ۽ فعل ۾ فرق ڏٺو اٿم، انهن جي اندر خود پرستي ۽ نون ۽ اڀرندڙ اديبن لاءِ صرف تعصب مليو آهي.

.....پنهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب "ٻانڊارو" جي باري ۾ سڀ کان اول اُن شخصيت جو نالو لکندس جنهن منهنجي سادي تخليقي نڪر جي ٻانڊاري ۾ مهاڳ وسيلي پنهنجي ذات ۽ محبتن سان ٻريل رنگ ڇٽيا آهن. اهڙا رنگ جيڪي سادي آسمان تي انڊلٺ ٻرينڌي آهي، پر اُهي رنگ بارش جا محتاج هوندا آهن جن جون بوندون پوندي ئي آسمان صاف ڇٽو ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ئي اهي خوبصورت رنگ اسان کي نظر ايندا آهن. ڪتاب بابت پنهنجن اڻ ملهين راين ۽ اتساهہ ڏيڻ لاءِ ادا طارق قريشي جي نهايت ٿورائتي آهيان.

.....ادي فرزانہ شاهين جنهن ادبي ڪيتر ۾ سدائين مون کي همٿايو آهي، پنهنجي اڻ ملهين گهڙين مان ڪجهہ وقت ڪڍي پنهنجي راءِ سان نوازيو تنهن تي سندن وڏا وڙ۽ لک قرب.

.....ڊاڪٽر عابد مظهر جا پڻ لکين احسان، جن منهنجي تخيلقي پورهئي کي سارا هيندي اڳتي وڌڻ ۽ لکڻ لاءِ همٿايو آهي.

.....سامي ميمڻ جنهن کي پنهنجو روحاني پيءُ چوان تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. هو هميشہ منهنجو محسن رهيو آهي ۽ هر موقعي تي پاڻ سان گڏ کڻي هليو آهي. سندن چواڻي تہ:

"ويهڻ موتُ آهي ۽ اٿڻ زندگي."

سندن جملي سدائين اتساهہ بخشيو آهي.

.....مير عباس ٽالپر، جنهن ننڍي هوندي کان اڄ تائين هڪ پاءُ ۽ پيءُ جو پيار ڏنو آهي، سندن هڪ هڪ لفظ ۾ حوصلو ۽ اڳتي وڌڻ جو ڏڱ مليو آهي.

..... جمشيد زهراڻيءَ جي ٿورائتي آهيان، جنهن سان جاڻ سڃاڻ ۾ ڪو وڏيڪ عرصو تہ ناهي ٿيو پر ادا سان جڏهن بہ ملندا آهيون تہ حوصلو ۽ محبتون ملنديون آهن. سدائين همٿائيندا رهندا آهن.

.....مرتضيٰ ناريجو نئين ٽهي جو بهترين ليکڪ آهي، هن ڪتاب بابت راءِ ڏيڻ تي سندس شڪر گذار آهيان.

.....۽ آخر ۾ هن ڪتاب جي پبلشر، سنسارپبليڪيشنس ڪراچي جي سرواڻ اسلم ڪتياڻ جا وڏا وڙ جنهن منهنجي هن تخيلقي پورهئي کي خوبصورت گلدستي جيان سجائي اوهان پڙهندڙن تائين پهچايو آهي.

هن ڪتاب کان اڳ منهنجو هڪ شاعريءَ جو ڪتاب ڇپجي چڪو آهي ۽ هڪ گڏيل ڪهاڻين جو مجموعي جو پڻ حصو بڻيس. جڏهن تہ مڪمل ڪهاڻين جو هي پهريون مجموعو آهي، جيڪو توهان

جي هٿن ۾ آهي، هاڻي توهان پڙهندڙن تي آهي ته منهنجو هي ادبي پورهيو ڪيترو ساڀ پئي ٿو.

## سنڌ سلامت، ساٿ سلامت

## ياسمين چانڊيو

# کھاڻيون

# نياڻي

روز جيان، پاڙي واري ٻانگي جي ٻانگ جي آواز تي زيبوءَ جي اکِ کُلي، هر روز جيان اک کلڻ تي هو پنهنجي آس پاس جو جائزو وٺندي هئي، انڪري جو هوءَ جيڪو ڪجھ پنهنجن سپنن ۾ ڏسندي هئي، اُن جي پڪ ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نِهاريندي هئي ته ڪٿي اجان خوابن واري محل ۾ ته ناهي! پر ننڊ مان جاڳڻ ڪانپوءِ به ساڳئي غريباڻي پڌر ۾ ڇپگل کٽ تي سُتل هوندي هئي. اُن لمحي هوءَ هڪڙو ٿڌو ساھ کڻي آسمان ڏانهن نِهاريندي هئي. هڪدم آسمان ڏانهن نظر ڪندي دل ئي دل ۾ ڄڻ ڪا شڪايت ڪندي هئي.

اڄ به اک کُلڻ شرط هن جي نظر کٽ پرسان پيپل لٺ واري پکي تي پئي، جيڪو هوا گهٽ ۾ ڪڙڪو وڏيڪ ڪندو هئو. اُن پکي جي سامهون سندس کٽ سميت قطار ۾ کٽون رکيل هونديون هيون. جتي سندس پينر، پائر ۽ آخري کٽ تي پيءُ سُتل هوندو هو. هاڙ جا ڏهاڙا هوندا هئا ۽ ميڙن هُجڻ ڪري کٽن تي مهارا وجهي سمهندا هئا. سندن اڱڻ ڪشادو هئڻ ڪري جيڪڏهن ڪڏهن ڪا تيز هوا هلندي هئي ته مهارن جا کٽ سان بڌل لڪڙا ڪِري پوندا هئا. جيڪي پٺهنس پڻ پڻ ۾ گاريون ڏيندي، کٽ جي پاون سان ٻيهر ڇڪي بڌندو هو.

زيبو الله اڪبر جي آواز سان ڪلمو پڙهي، مهاري کي مٿي ڪري اُٿي، هٿ منهن ڌوئي رڌڻي ۾ آئي ته ماڻهنس چيلھ کي هٿ ڏئي پريشاني ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهي هئي. هونئن اڪثر ماڻهنس اَتو بيٺي ڳوهيندي آهي. زيبو سمجهي وئي ته امان کي سورَ ٿيا آهن.

گهر جي وڏي ڏيءَ هئڻ ڪري زيبو ماءُ جو هر ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي هئي نہ صرف ايترو پر چوڏهن سالن جي وهيءَ تائين چار پيرا ماءُ کي ايئن سور ڪائيندي ڏٺو هيائين. زيبو ماءُ کي هٿ مان وٺي اچي کٽ تي ليٽايو ۽ پاڻ نماز پڙهڻ لاءِ پڊر ۾ مُصلو وڇايائين. نماز جي آخري رڪعت مڪمل ڪري، جڏهن سلام ورايائين تہ ماءُ تي نظر پيس جيڪا پڊر ۾ تڪليف وچان چڪر ڪاٽي رهي هئي. هن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا ۽ آسمان ۾ نِهارڻ لڳي. پرهہ ايجا ڪونہ ڦُٽي هئي، پر تارا اڳواٽ ئي سج جي روشنيءَ کان پاڻ بچائيندي جڻ لِڪي رهيا هئا. زيبوءَ کي هڪ لمحي لاءِ محسوس ٿيو تہ هو بہ تہ اُنهن تارن مثل آهن جيڪي زندگيءَ جي تپندڙ سج جي تاءَ ۾ لوڪ کان لِڪندا رهندا آهن. ڪٿي بہ ڪڏهن بہ ڪين ڪنهن اميد ۽ خوشيءَ جو پاڇو يا چانورو نصيب نہ ٿيو. هن وري ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ماءُ کي ڏسڻ لڳي، مُصلو ويڙهي اُٿي ماءُ جي پير ۾ اچي ويٺي، وري وچي پيءُ جي کٽ پرسان ٻيهي غور سان پيءُ کي ڏسڻ لڳي، جيڪو رات پنهنجو نشو پَتو ڪري گهري ننڊ سُتل هو. هُن پنهنجي پيءُ کي اُٿارڻ ۽ ٻُڌائڻ چاهيندي بہ ڪيس اُٿارڻ نہ پئي چاهيو جو ڪيس گذريل سال جو واقعو اکين اڳيان تري آيو. جڏهن ماڻهنس کي سُور ٿيا هئا ۽ هن پيءُ کي اٿاريندي چيو هو تہ: ”بابا اُٿو دائيءَ کي وٺي اچو، امان کي سُور ٿيا آهن.“

تہ پٽهنس گار ڏيندي چيو هئس تہ: ”ماڻهين روز روز ٿي ٻار ڄڻي، اسان نوڪر آهيون، جو ننڊ ڦٽائي دائيون ڳوليندا وتون ۽ ٻيو تہ هٿ پيا بہ نوٽ آهن جو دائيءَ کي ڏينداسين.“

اُن لمحي زيبو جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. هوءَ سوچڻ لڳي تہ امان جي سُورن ۽ ٻارن ڄڻڻ جو سبب ڪير آهي؟ شايد ڪيس اندر مان جواب

ملي ويو جو هوءَ عمر جي حساب سان سياڻي ٿي چُڪي هئي. هُن اڪثر ماءُ کي سندس پيءُ کي چوندي ٻڌو هو تہ:

”زيبوءَ جا پيءُ! ڪجھ تہ خدا جو خوف ڪر پلا. وقفو بہ ڪر ڪٽي، مان روز روز ٻار ڄڻي مري پئي آهيان.“

تنهن تي پٺهنس گار ڏيندي چوندو هئس:

” شودي رَنَ وقفي ڪرڻ سان الله ناراض ٿيندو. جيڪڏهن اُن جي قدرت سان هٿ چراند ڪنديئين تہ قيامت ۾ ڪارو منهن ٿيندو تنهنجو بہ تہ منهنجو بہ.“

۽ وري سُورن مهل چوندو هو تہ رَنَ روز ٿي ٻار ڄڻي، اهو سوچي ڪاوڙ ۽ ڏک وچان زيبوءَ جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هن پنهنجا لڙڪ اگهندي وراندي ۾ رکيل وڏي پيتيءَ مان چادر ڪڍي ۽ ماءُ کي چيائين: ”امان! سج بہ نڪتو آهي، مان پاڻ وڃان ٿي راڻي ماءُ ڏي تہ. هوءَ مونسان گڏجي هلي دائيءَ کي وٺڻ لاءِ.“

ماڻهنس کيس ڏک ۽ تڪليف مان شڪست کاڌل هرڻيءَ جيان، نماڻين اکين سان ڏٺو. ڄڻ کيس پنهنجي هُجڻ جو پڇتاءُ هجي. زيبو ننڍ سُتل ننڍي پيڻ زريءَ کي ڏوٽا ڏيندي اُٿاريندي چيو:

”مان وڃان ٿي دائيءَ کي وٺڻ لاءِ جو امان کي سُور ٿيا آهن. تون اُٿ امان جو خيال ڪر ۽ چانھ ڊُڪ ناهي امان ۽ پائرن کي ڏي.“

زري، زيبوءَ کان بہ سال ننڍي هئي سو دائيءَ جو ٻڌي ٽپو ڏيئي اکيون مهٽيندي ڪٽ تان اٿي. زيبو چادر ڍڪي پاڙي ۾ رهندڙ راڻي ماءُ جي گهر پهتي، سامهون ڪان راڻي ماءُ، زيبو کي صبح سوير ايندو ڏسي سمجهي وئي تہ زيبوءَ ماءُ کي سور ٿيا هوندا. ان کي خبر هئي تہ زيبوءَ ماءُ پري پيٽ سان هئي ۽ مهينا بہ اچي پورا ٿيا هئس. زيبو ويجهو آئي تہ راڻي کيس مُرڪي

نهاريو جيڪا اسڪول وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي، زيبو کي ويجهو ايندي ڏسي راڻيءَ ماءُ چيس:

”خير تہ آهي زيبو صبح ساڻ ئي ڀڄندي آئي آهين، ماڻهين کي سُور ٿيا آهن ڇا؟“

زيبو جواب تہ ڪونہ ڏنو پر سندس اکين مان لُڙڪ وهي پيا. راڻي ماءُ زيبوءَ کي ڀاڪر پائي آٿت ڏيندي چيو:

”اُلڪونہ ڪر ڌيءَ، رب سڻائي ڪندو.“

ايتري ۾ راڻي بہ سُري سندن ويجهو آئي ۽ ماءُ کي چيائين:

”امان مان اڄ اسڪول نہ ٿي وڃان جو زيبو سان ڪم ڪار ۾ گڏ هونديس.“

راڻي زيبوءَ جي پڪي ساهيڙي هئي، ٻئي ننڍڙي هوندي کان ئي گڏ کيڏيون ۽ هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهنديون هيون، سڄي پاڙي ۾ زيبو ۽ راڻي جي دوستي مشهور هئي. ٻئي ساهيڙيون سڄي پاڙي جو نڪ هيون جهڙيون سمجهدار ۽ سياڻيون هُيون، تهڙيون ئي وري اخلاق واريون بہ هُيون، هر ڪنهن سان پيار محبت ۽ اخلاق سان ڳالهائينديون هُيون. جيڪڏهن پاڙي ۾ ڪا عورت بيمار ٿيندي هئي تہ اُن جي گهر جو ڪم ڪار ٻئي ڄڻيون ملي ڪنديون هيون. تنهن ڪري سڄي پاڙي وارا زيبو ماءُ کي، زيبو جي نالي سان ۽ راڻي ماءُ کي راڻي جي نالي سان سڏيندا هئا. راڻي ماءُ بہ سڄي پاڙي ۾ مشهور هئي، پاڻ وڏيري جي ٻي زال هئي، سهڻي سٻاجهڙي، پڙهيل لکيل هئي. وڏيري جو بنگلو سڄي پاڙي ۾ سڀني کان سهڻو ۽ وڏو نهيل هو سو راڻي ماءُ جي نالي ڪيو هيائين ۽ وڏي زال کي ڳوٺ ۾ الڳ حويليءَ ۾ رکيو هيائين. راڻي ماءُ جيتوڻيڪ پڙهيل لکيل هئي پر زيبوءَ ماءُ جي سنئي تعلق ۽ دوستيءَ جو بہ مٿس اثر هو جو زيبو ماءُ

غريب هوندي به ڏاڍي سڀاجهي ۽ ڀُڳڻ واري هئي. سو راڻيءَ کي جواب ڏيندي چيائين:

"راڻي تنهنجو اسڪول وڃڻ هن محل نهي ڪونه ٿو."

راڻي ماءُ پنهنجي نوڪرياڻي شهزادي کي سڏ ڪندي چيو:

"شهزادي! ڊوڙ ڪري وڃي دائيءَ کي وٺي اچ."

شهزادي، اُن جون به ڏيئرون ۽ مڙس راڻي ماءُ جي گهر ۾ ڪم ڪندا هئا. شهزادي جي شادي به راڻي ماءُ ڪرائي جيڪا اصل وڏيري جي ڳوٺ جي هئي. زيبو اجان ڳوڙها به نه اُگهيا ته ڪيس راڻي ماءُ چيو:

"زيبو تون پريشان نه ٿي، شهزادي ڄاڻ دائيءَ کي وٺي آئي ۽ پيسن جو فڪر نه ڪر مان پاڻ دائيءَ کي پئسا ڏينديس."

هي ٻئي ڄڻيون نائين ڪلاس ۾ پڙهنديون آهن، زيبوءَ جي سڄي پڙهائيءَ جو خرچ راڻي ماءُ ڪندي آهي، زيبوءَ جو پيءُ موالي آهي، سو ڪڏهن مزدوري تي ويندو آهي ته ڪڏهن نه. مزدوري تي ويندو ته ڪو هڪ ويلو گهر ۾ پچندو آهي، ۽ ٻيو ويلو وري بک تي گذران ڪرڻو پوين ٿو. اُن حالت ۾ به راڻي ماءُ سندن پرگهور لهندي هئي. زيبوءَ ماءُ جيتري سهڻي اوتري سڀاجهڙي، بس حالتن ۽ تڪليفن ڪيس ماٺ ڪرائي ڇڏي هئي. هوءَ خاموش خاموش رهندي هئي بس اندر ئي اندر ۾ سوچيندي ۽ لوچيندي رهندي هئي. روز روز مُڙس جي گارين مار موچڙي زيبوءَ ماءُ جي وجود کي جنجهوڙي ڇڏيو هو. بس ڪو وسيلو نه ڏسي ٻارن خاطر پنهنجا چپ هميشه لاءِ سبي ڇڏيا هيائين. ڪجهه دير ۾ شهزادي دائيءَ کي وٺي آئي، زيبو راڻي ماءُ ۽ شهزادي دائيءَ کي وٺي سندن گهر آيا. دائيءَ زيبو ماءُ کي ڏٺو ۽ زيبو کي چيائين ته:

"چلهي تي پاڻي ديڳڙو رکُ گرم ٿئي ته آڻي ڏي."

زيبو جلديءَ ۾ جست جو هڪڙو وڏو ديڳڙو ڪڍي، اڱڻ تي لڳل هٿ واري نلڪي کي گيڙيندي پرڻ لڳي، پر ديڳڙو بہ هنن جي غربت واري زندگيءَ جيان چبو ٿي ويو هئو. زيبوءَ ان کي نلڪي هيٺان رکڻ جي ڪوشش پئي ڪري، پر ديڳڙو نلڪي مان نڪرندڙ پاڻيءَ کان پري ٿي پيو وڃي، بلڪل ايئن، جيئن هنن جي چِڀِي ٿيل قسمت جو ديڳڙو وقت جي ونڊ کان هٽِي ويو هئو. سو زيبوءَ زري کي سڏيندي چيو:

”زري اچ ديڳڙو جهل تہ پاڻي پري رکان.“

زيبو ديڳڙو پري چلهہ تي رکيو. ديگڙو چُلهہ تي رکي هوءَ ڪوٺي ۾ وئي ۽ ڪوٺيءَ جي هڪ ڪنڊ تي پراڻيون ڳوڻيون وڇائي انهن مٿان پراڻي رِلي وڇائي چڏيائين ۽ اُن پرسان هڪڙي چَلي رکي چڏيائين جنهن ۾ ماڻهنس ٻار جا ڪپڙا ٽوال رِلڪا ۽ ناڙو ڪٽڻ لاءِ بليٽ تيل ۽ ٻيون شيون رکيون هيون، جيئن اڳ هوءَ ماءَ جي ويم وقت سدائين ڪندي هئي.

ايتري ۾ دائي ماڻهنس کي هٿ ڏيندي وٺي ڪوٺي ۾ آئي ۽ زيبو کي چيائين جلد ڪرگرم پاڻي ڪڻي اچ، بس ٿوري دير ۾ ٻار اچڻ وارو آهي، زيبو ماءُ کي دائي انهن وڇايل ڳوڻين تي سمهاري، پيٽ کي لوڏا ڏيڻ لڳي ۽ راڻي ماءُ کي چورڻ لڳي زيبو پاڻي آڻي تہ چويس ڪوٺيءَ جو در بند ڪري. زيبوءَ جيئن پاڻي ڪڻي اچي رکيو تہ راڻي ماءُ چيس:

”ڏيءُ در بند ڪر ۽ تون ڪوٺيءَ کان ٻاهر وڃ.“

زيبو، جنهن صبح کان چانهہ جو ڍڪُ بہ ڪونہ پيتو هو. ڳڻتي ۽ ڏک وچان مٿو ڦري رهيو هيس. ڪوٺي جو در بند ڪري اُتي ئي ويهي رهي. سامهون پڻهنس سلفيءَ ۾ چرس جا سوٽا وٺي لڳايا، هو اُنهن سمورين پيڙائن کان بي خبر هو. زيبوءَ جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا ڪيس ايئن لڳي رهيو هو جڻ پڻهنس گونگو ٻوڙو ۽ انڌو هجي، جنهن کي زال جي تڪليف جي لُچ ۽ پرواهہ ئي نہ آهي. هُن کي پيءُ کان ڪِراهت

اچڻ لڳي، جنهن جو ڪم بس ماڻهنس سان سمهڻ ۽ جانورن جيان ٻار پيدا ڪرڻ ۽ گاريون ڏيڻ هو.

ٿوري دير ۾ ڪوٺيءَ اندران "اُو ئان اُو ئان" جا آواز اچڻ لڳا گڏوگڏ دائي زيبو کي سڏ ڪندي چيو:

"زيبو جلد اچ..."

زيبو ڪوٺيءَ جو در کولي اندر وئي ته دائيءَ کيس ٽوال ۾ ويڙهيل ٻار ڏيندي چيو:

"مبارڪ هُجئي، پيڻ ڄائي اٿئي."

زيبو پنهنجي نئين ڄاول پيڻ جهولي ۾ جهلي دائيءَ کي ڏسڻ لڳي ته ڇا واقعي به خير مبارڪ چوان يا نه!؟ جو اُها ٽيون نمبر زيبو به هن زندگيءَ جي آڙاهه ۾ جلڻ لاءِ آئي هئي. زيبوءَ جي هٿ ۾ جهليل ٻارڙي مسلسل "او ئان او ئان" ڪري روئي رهي هئي. زيبوءَ کي لڳي رهيو هئو ته ڄڻ، ٻارڙي سندس گهر ۾ اچڻ تي خدا کان شڪايت ڪري رهي هجي ۽ چئي رهي هجي ته: "اي خدا پيدا ته ڪيئي، پر اهڙي گهر ۾ جتي عورت کي انسان ئي ناهي سمجهو ويندو." ايتري ۾ پٺهنس جو آواز آيو:

"ڇا ڄڻيو آهي ماڻهين؟"

زيبو چيو:"اڌڙي....."

پٺهنس ٻڙندي ئي چيو: "لک لعنت اٿس، پلا ماڻهين نياڻي ٻيو ڄڻيندي به ڇا ؟"

اُهي لفظ زيبو جي دماغ ۾ ڪنهن تير جيان لڳا ۽ ڏُک وچان سمورو اندر وڍجي ويس، اندر مان هڪ آهه نڪتس، هُن ننڍڙي ڄاول پيڻ کي هٿن تي ٿورو مٿي ڪري، الله کي التجا واري انداز ۾ چيو:

"اي منهنجا رب هن معصوم کي هِن روح کي واپس موٽائي وٺ، هن گهر ۾ نياڻي رحمت جي ڪا به ضرورت ڪونهي، رهندو پئي سموري عمر لعنت وسندس ۽ سواءِ تڙپڻ ۽ ٻُڇڙو ٿيڻ جي ڪجهه ڪونه ملندس."

اُها ئي ساعت هئي، شايد زيبو جي دُعا قبول پئي يا وري دائيءَ کو ڪيس ڇڻائيندي، زور ايذاءُ ڏنو هئو جنهن ڪري ٻارڙي ڳيتون ڏيندي روئڻ بند ڪري ڇڏيو. زيبو ڇاول پيڙ کي ڏٺو تہ هوءَ نيري پيلي ٿي وئي آهي تہ زيبو رڙ ڪندي راڻي ماءُ کي سڏ ڪيو:

“ماسي! هي ڏسو ننڍڙي روئي بہ نہ ٿي ۽ ڪارانجي نيري ٿي وئي آهي.” راڻي ماءُ ۽ دائي، زيبو ڏانهن ڊوڙنديون آيون. دائي يڪدم ڪٽي ٻارڙي، زيبوءَ کان ورتي، ٻارڙي تہ پساهہ ڏئي چُڪي هئي. دائيءَ ڏُک وچان راڻي ماءُ ڏانهن نهاريو ۽ چيائين:

“سائڻ! ڏک نہ ڪجانءِ، ننڍڙي جتان آئي هُئي تيڏانهن هلي وئي.”

پريان زيبو ماءُ جي سُڏڪن جو آواز اُڀريو پر زيبو جڻ سڪتي ۾ ورتل هئي.

❊❊❊❊

پانڊارو : ياسمين چانڊيو

# ڪي خواب اڌورا

اڄ راهب تمام گهڻو ڏڪارو هو. آفيس ۾ ريوالونگ چيئر تي لاشعوري طور تي لُڏي رهيو هئو. بلڪل پنهنجي زندگيءَ جيان اپس ڊائون !.

هن هڪ نظر پنهنجي آس پاس وڌي. هڪ خوبصورت ڪمرو جنهن ۾ ڪنهن شئي جي به ڪمي ڪانه هئي، سامهون رکيل شيشي جي ٽيبل جنهن تي خوبصورت نقاشي ٿيل هئي، ساڄي پاسي مني پلانٽ ۽ مکڙين جا گلدان، کاٻي پاسي ديوار تي ٽنگيل خوبصورت پينٽنگ جنهن ۾ چٽيل نوري، ڪينجهر ڪناري انتظار ۾ ويٺل، سامهون اينڊ پيڙن کي تکي رهي هئي، پينٽنگ تي نظر پوندي راهب جون اکيون ڪجهه دير اتي اٽڪي پيون جڻ اتي پنهنجو عڪس ڳولهيندو هجي ۽ هڪ ٿڌو ساهه ڀري، دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو. هڪ سينئر آفيسر لاءِ هي سڀ ڪجهه ڪافي آهي. هي سڀ ڪجهه هن جو خواب هو جيڪو پورو ٿي چڪو هو پر.... پوءِ به هي خوش ڇو نه هو. هن هڪ نظر پنهنجي گول گهمندڙ ڪرسيءَ تي وڌي. هن کي لڳو جڻ هن جي زندگي به هن ڪرسيءَ جيان گهمي رهي آهي، هن ٽيبل جي دراز مان سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍي لائيٽر سان سگريٽ دکايو ڪش مٿان ڪش لڳائيندو رهيو. ٽيبل تي رکيل ايش ٽري کي پاڻ طرف اڳتي ڪندي ان ۾ دکيل سگريٽ جو حصو ڇنڊي ان کي غور سان ڏسڻ لڳو ايئن محسوس ٿيس جڻ هن جي اندر جو احساس هجي جيڪو سگريٽ جيان دکي ايش ٽري جي نظر ٿيندو هجي. وري هن سگريٽ جو وڏو ڪش لڳايو ۽ دونهين کي اندر ئي اندر جذب ڪري ڇڏيائين. جنهن تي کنگهه جو هلڪو غلبو طاري ٿيس، اکين مان لڙڪ نڪري آيس جيڪي جڻ ته کڏهن کان ٻاهر نڪرڻ

جي انتظار ۾ بيٺل هئا. هن ٽشو پيپر سان يڪدم پنهنجون اکيون صاف ڪيون، جيڪي هن جي دل تائين آليون ٿي چڪيون هيون، هن پنهنجا لڙڪ اکين جي بجاءِ دل ۾ وهايا هئا، اڄ هي آفيس ۽ نَئُن ناگر سڀ اجايو ۽ بي معنيٰ لڳي رهيو هئس، جيڪي ڪجھ حاصل ڪرڻ جا هن خواب ڏٺا ۽ پوءِ تعبيرون به ماڻيون هيائين.

ڪيترو نه خوش هو جڏهن ڏھ سال اڳ سينئر آفيسر جي پوزيشن تي آيو هو ۽ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ نازِ سان هن جي شادي ٿي. تنهن ڏينهن هن جا سمورا خواب پورا ٿيندي محسوس ٿيا. ناز جيڪا هن جي ڪل ڪائنات، هن جي چاهت هن جي خوابن جي تعبير، هن جي جيئڻ جو مقصد هئي.

جڏهن يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي هيائين ته مضمون لکڻ جي مقابلي ۾ هن پهرين پوزيشن کنئي هئي ۽ ناز رنر اپ ٿي هئي، مضمون جو عنوان هو محبت،تنهن ڏينهن کان وٺي هن جي محبت ناز بڻجي وئي. راهب ۽ ناز تنهن زماني ۾ سٺن ليکڪن ۾ شمار ٿيندا هئا. کين لکڻ تي ڪيترائي ايوارڊ مليا هئا. راهب، ناز کي ان ڪري به وڌيڪ پسند ڪندو هو جو هڪ ليکڪ ئي ٻئي ليکڪ کي سمجهي سگهي ٿو ان جي لکڻين جو قدر ڪري سگهي ٿو اهو راهب جو خيال هو پر ناز جو شرط هو ته راهب جيستائين بنگلو ڪار نه هوندئي، مان توسان شادي ڪانه ڪنديس. راهب ڏينهن رات پڙهائي ڪري ڪميشن جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيو ۽ پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس جي پوسٽ حاصل ڪئي هيائين، جيڪو ناز کي پنهنجو ڪرڻ جو خواب هئو. ڪيڏو نه خوش هو راهب جڏهن هن جا سمورا خواب ساپيان ٿيا.

سوچن جي صحرا مان ان وقت ٻاهر نڪتو جنهن وقت آفيس بواءِ شيشي جي خوبصورت ٽري ۾ ڪافي سان ڀريل مگ آڻي ٽيبل تي رکيو هئس. هن هڪ نظر ڪافي جي مگ تي وڌي جنهن مان ٻاڦ نڪري رهي

هئي. سرديءَ جي ڪري ڪافي جو دونهون واضع نظر اچي رهيو هو پر... هن جي دل اندر دڪيل باهه جو دونهون صرف ڪيس ئي ساڙي رهيو هو هن سگريٽ ايش ٽري ۾ رکندي ڪافي جو مگ پنهنجي هٿ ۾ جهلي مگ کي چوڌاري هٿ ڦيري ڏسڻ شروع ڪيو ته مگ ٻاهران کان ٿڌو لڳو پيو هو پر اندران دونهان پئي نڪتس. هن هڪ ڊڪ ڀريو ڊڪ کي نڙي ۾ اوتيائين اڄ پهريون دفعو هن کي ڪافي جو ٽيسٽ ڪوڙو لڳو. هن مگ واپس ٽيبل تي رکيو ۽ هڪ ٻيو سگريٽ دکائڻ لاءِ لائيٽر جو بٽڻ آن ڪيائين. هڪ پل جي پڙڪي سان لائيٽر مان باهه نڪتي هن سگريٽ دکائڻ کان بغير وري لائيٽر آف ڪيو ۽ ان جي ٻاهران خوبصورت ڪلر ۽ ڊزائين کي ڏسڻ لڳو هي سوچڻ لڳو ته بظاهر ماڻهو به هن لائيٽر جيان آهن. ٻاهران خوبصورت، نفيس ۽ اندر ۾ باهه ڀريل. وري سگريٽ دکائي، وڏو ڪش اندر ئي اندر جزب ڪيائين. ڪنگهه جو وڏو دورو پيس دروازي تي بيٺل آفيس بواءِ ڊوڙندو اندر آيو ۽ جڳ مان شيشي جي گلاس ۾ پاڻي اوتي ڏنائين:

”سر هي وٺو خير ته آهي نه سر؟“ پٽيوالي سوال ڪندي چيو.

راهب پاڻيءَ جو ڍُڪُ پنهنجي نڙيءَ ۾ اوتي، پٽيوالي کي سواليه نظرن سان ڏسندي چيو:”ڇا تو ڪي اهڙا خواب ڏٺا، جيڪي پورا نه ٿيا هجن.“

پٽيوالي جواب ۾ وراڻيو: ”سر جيڪي خواب پورا ٿيندا آهن، تن جي تعبير ڏاڍي پوائتي هوندي آهي.“

”اهو وري ڪيئن؟“ راهب تجسس سان پڇيو.

پٽيوالي جواب ۾ چيو:

”سر ان ڪري جو خواب بند اکين ۾ ئي سٺا لڳندا آهن.“

پٽيوالي جي جواب تي هي سوچڻ لڳو تہ واقعي خواب تڏهن ئي سَتا لڳندا آهن، جيستائين انهن جي تعبير نہ ٿئي، تعبير کان پوءِ خواب فنا ڪيئن ٿيندا آهن، سو هن کان وڏيڪ ڪير ڄاڻي. ڪلهہ رات گهر ۾ داخل ٿيندي هن ٻڌي ورتو هو جڏهن نازُ فون تي ڪنهن کي چئي رهي هئي:

“مان توسان ئي محبت ٿي ڪريان، جلد راهب مان جان ڇڏائيندس.”

ٿوري دير بعد راهب جي لکيل مضمونن جو بيگ ڪم واري ماسيءَ کي ڏيندي چيائين:

“هي رديءَ واري کي ڏئي، پيسا توهان کڻجو.”

****

# عشق آرزو، عشق التجا

هن پنهنجا وار کولي سامهون ويٺل ساحل کي چيو: ”سائين ٻڌايو مان ڪئين ٿي لڳان؟“

ساحل هن ڏي ڪن پل لاءِ نهار ڪندي چيو: ”واهه واهه.“

هن چيس: ”بس واهه واهه ڪجهه ته چوندا ڪريو. منهنجي پڇڻ کان بغير، منهنجي تعريف ۾ صرف ٻه لفظ واهه واهه.“

ساحل وراڻيو: ”بابا پوءِ ڇا چوان...؟“

اهو ٻڌي هن جي چهري تي اداسيءَ جون لهرون اڀرڻ لڳيون. سڄو چهرو ڏک وچان سرخيءَ مائل ٿي ويس. جنهن اڃان ٻه هن جي سونهن کي وڌائي ڇڏيو. سوچڻ لڳي ته هوءَ جتي ٻه ويندي آهي، سڀ هن جي حُسن جي تمام گهڻي تعريف ڪندا آهن پر هوءَ ايترو خوش ناهي ٿيندي. هن کي ته فقط ساحل جي تعريف جي ضرورت آهي، ان ڪري جو هُو هن جو محبوب آهي، هيءَ دل جان سان اُن کي چاهي ٿي. ان سان بي پناهه عشق ٿي ڪري، پر ان عشق ۾ اظهار جي اڻهوندائي هميشه هن ئي ڪئي آهي ۽ هن جي خيال ۾ عشق جو انحصار اظهار تي ئي آڌاريل هوندو آهي. عشق جي زبان ئي پنهنجي محبوب جي هر شئي جي تعريف جو اظهار ڪرڻ آهي. هِن ڏکاري انداز ۾ ساحل کي مخاطب ٿيندي چيو:

”منهنجا محبوب! توکي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ کان وڌيڪ مون کي، توکي وڃائڻ جو خوف رهندو آهي.“

ساحل ورندي ڏيندي چيس ته: ”حاصل ڪرڻ ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي، اسان هڪ ٻئي کي حاصل ڪيو آهي، اسان جي اطمينان لاءِ اهو ئي

ڪافي آهي....باقي اهي وڃائجي وڃڻ ۽ وڃائي ڇڏڻ وارا وهم دل ۾ نہ پال.”

هن ساحل کان پڇيو: “توهان کان هڪڙو سوال پڇان؟”

“ها پڇ..”

“توهان خدا جي اڳيان ڇو جهڪندا آهيو نمازن ۾، سجدن ۾، دعائن ۾ ڇا گهرندا آهيو؟”

“خدا جي رضا ۽ خوشنودي.”

“رب کي راضي ڪرڻ لاءِ بار بار عبادتون ڇو ڪجن؟ ”

ساحل وراڻيو تہ: “رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهڙو طريقو اختيار ڪيون؟”

هِن چيس: “بلڪل صحيح ٿا چئو. عشق خدا سان هجي يا انسان سان، ان کي قائم رکڻ لاءِ هرپيري ۽ هر وار اظهار ڪرڻ تمام ضروري آهي. چاهہ جي غذا بہ روز گهرجي، روز الفت جو اٽو ڪٽبو آهي، پيار جي پاڻيءَ سان ڳوهبو آهي، ويلي ويلي تي محبت جي ماني پچائبي آهي. پيار بہ ساهہ کڻڻ وانگر، پساهن ۾ پلجندو آهي. عشق تہ اٿ ئي پهر قائم رهڻ واري ڪيفيت جو نالو آهي. جيڪو دم پيار کان خالي هجي، جڻ حيات جو ڪو حصو ئي ناهي.”

ساحل هن ڏي هڪ نهار ڪئي ۽ چيو:

“مان تنهنجو آهيان، تون منهنجي آهين، بس اهو ڪافي آهي. مان ٻيا سڀ اهم ڪم ڇڏي، هر وقت تنهنجي ثناخواني ڪيان، اهو ممڪن ڪونهي. “گرهہ گرهہ تي واهہ گرو” ناهي ڪبي. محبت سچي آهي تہ هر وقت اظهار ڇوڪجي....!؟”

اهو ٻڌي هِن وراڻيو:

"پوءِ اسان عبادت بہ روزانو ڇو ڪندا آهيون؟ بس هڪ ڏينهن پڙهي ڇڏيون ڪافي آهي، پر عشق جي تجديد ان ڪري ڪندا آهيون جو عشق کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان کي برقرار ۽ هميشہ قائم رکڻ لاءِ بار بار اظهار جي ضرورت هوندي آهي."

ساحل کو جواب ڪونہ ڏنو. هن جڻ ٻڌو اڻ ٻڌو پئي ڪيو.

هن ڪنڌ مٿي کڻي ساحل جي اکين ۾ غور سان ڏٺو. جتي حاصل ڪرڻ جو اطمينان تہ هو پر وڃائڻ جو ڪوبہ خوف نہ هو.

هن جي سوچن ۾ الائي ڪنهن ڪتاب کو سٽ ڀاڃ ڪيو تہ:

"مخلوق جي محبت مطلوب هجي يا خالق جي رضا گهرجي، انهن جو حاصل ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، نقطو آهي ئي اهو تہ انهن جي ناراضگيءَ ۽ رُسي وڃڻ کان بچجي."

هن ٻيهر ساحل ڏي چتائي نهاريو. جڻ نگاهن جي دروازي منجهان ساحل جي دل ۾ وڃڻ جو رستو پئي ڳولهيو. پر رستو بند محسوس ٿيو هئس ۽ اهو احساس هن جي اندر کي جهوري رهيو هو.

****

# زندگيءَ جي ريل گاڏي

اڄ وري ٽن مهينن گذرڻ کان پوءِ ميرزادي پنج ڇهه ٻُنڊيڙين ۽ ٻوٿرين سميت ڪينٽ اسٽيشن تي ويٺي ريل گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي، لاڙڪاڻي وڃڻ واري ريل معمول موجب ليٽ هئي. ميرزادي هميشه جيان پنهنجي زندگيءَ جي سورن کي سوٽليءَ جي ٻوٽين ۾ ٻڌي، لاڙڪاڻي کان سکر جيل جا پنڌ ڪندي هئي ۽ انهن پنڌن کي ويهه سال گذري چڪا هئا. انهن ويهن سالن ۾ ميرزادي لاڙڪاڻي ۽ سکر سينٽرل جيل جا سوين چڪر لڳائي چڪي هئي.

لاڙڪاڻي، ان ڪري پهرين ويندي هئي جو اتي سندس وڏي نياڻي هئس جنهن جي قسمت خراب هئي جو غريب گهراڻي ۾ پرڻجي وئي هئي، پنهنجي ٻچڙن سميت، ڏکن، ڏولاون ۾ هئي، بس زندگيءَ جو گاڏو گهلي رهي هئي. ميرزادي هر ٽئين مهيني جيڪو ڪجهه ميڙي چونڊي پنهنجي ڪمائيءَ مان گڏ ڪندي هئي سا ٻُنڊيڙين ۽ ٻوٽين ۾ ٻڌي ڪجهه وڏي نياڻي ڏي ۽ ڪجهه سکر جيل کڻي ويندي هئي.

ٿورڙي دير گذرڻ کان پوءِ سيٽي وڄي ۽ لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ٿيو ته لاڙڪاڻي وڃڻ واري بولان ميل اچڻ واري آهي، سو مسافر تيار ٿين. ميرزادي به الرٽ ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائڻ لڳي، ڪنهن قليءَ کي ٻولڻ لاءِ، سو ريل به "ڇُوِ ڇو" ڪندي پنهنجي نخريلي انداز سان اچي اسٽيشن پهچي. ميرزادي پريان بيٺل ڳاڙهي رنگ جو پهرياڻ پاتل قليءَ کي سڏ ڪندي چيو:

"او ابا! هيڏانهن اچ، هي هڙون ته کڻانءِ."

قليءَ ميرزادي جي سڏ تي ڊوڙي اچي چيس:"حڪم ڪر امڙ."

ان قليءَ ويجهو ايندڙ هڪڙي ٻئي قُليءَ کي ٻہ سڏيو ۽ چيائين: ”اچ تہ امڙ جو سامان ريل ۾ رکون.“

ٻنهي ڄڻن سهڪندي سهڪندي ڳوٺيون ۽ اجرڪ ۾ ٻڌل ڳنڍيون کڻي ريل ۾ رکيون، ميرزادي دعا ڏيندي کين ڏهن روپين جو نوٽ ڪڍي هٿ اڳيان ڪندي چيو: ”ابا الله وڌائيندوَ هي وٺ.“

قليءَ چيو: ”امڙ پيسا پاڻ وٽ رک، بس دعائن ۾ ياد رکجو.“

ايترو چئي ٻئي ڄڻا پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا ۽ ميرزادي پنهنجي سامان کي سوري سيٽن جي هيٺيان ڪيو ۽ پاڻ ڪنڌ ونئي دريءَ جي پاسي منهن ڪري ويهي رهي، آهستي آهستي ريل ”ڇُڪ ڇُڪ“ ڪندي ايئن لوڏن سان هلڻ لڳي، جيئن ميرزاديءَ جي زندگي لوڏن ۾ هئي، جيڪا ڪڏهن بہ هموار ناهي ٿي، ڪيڏي نہ خوش هئي ميرزادي انُ ڏينهن جڏهن پنهنجي پٽ ملوڪ جي شادي جا، ڇوڪرين سان گڏ لاڏا ڳائي رهي هئي جيڪي زبردستيءَ ميرزاديءَ جو هٿ پڪڙي جهمر هڻائي رهيون هيون، ان ڏينهن ميرزادي پنهنجي شاديءَ جا سڀ زيور پاتا هئا ۽ پنهنجي دُهري جيڪا جڏهن پائيندي هئي تہ پاڙي واريون ريس ڪنديون هئس، هڪ ڏينهن نوران چيو هئس:

”دُهري پائي تون راڻي لڳندي آهين، اها دُهري هڪ ڏينهن چوري ڪنديس.“

نوران جو گهر ميرزادي جي پاڙي ۾ ئي هو، ٻنهي جا دروازا گڏ هئا. سڄو ڏينهن اچڻ وڃڻ ۽ گڏ کائڻ پيئڻ هوندو هئن. نوران جا جوان پٽ بغير پڇي، ميرزاديءَ جي گهر ايندا هئا ۽ ميرزادي بہ پنهنجي پٽن جيان انهن کي پاليو هو.

ميرزاديءَ وڏي لاڏ ڪوڏ، خوشين ۽ پتن جي ديڳين سان گڏ پنهنجي پٽ ملوڪ جي شادي ڪرائي. ڪيترو نہ خوش هئي ميرزادي تنهن

ڏينهن، پر اها خوشي ميرزاديءَ کي ٻانءِ ڪونہ پئي، ملوڪ جي شاديءَ کي ڪجهہ ڏينهن ئي گذريا هئا جو هڪ ڏينهن ميرزادي پنهنجي مائٽن جي شاديءَ تي ويل هئي تہ اوچتو اتي پاڙي وارن جي فون آيس تہ: “ميرزادي تنهنجي پٽ ملوڪ ڦهر ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجي نُنهنَ ۽ نوران جي پٽ کي قتل ڪيو اٿس اهو ٻڌي نوران ڏندڻجي پئي.”

مائٽن مٿي تي پاٽيءَ جي ٻالٽي هاري هوشَ ۾ آندس، ميرزادي چرين جيان پنهنجي ماسات جي ڪار ۾ ويهي گهر پهتي. ميرزاديءَ کي نئون وڳو ۽ سڀ ڳهہ پاتل هئا، جيئن ئي پنهنجي گهٽيءَ وٽ پهتي تہ ماڻهن جا ميڙ لڳل هئا، جن ۾ ڪيترائي پوليس وارا بيٺل هئا، ميرزادي چرين وانگر ڪار مان لٿي ۽ ميڙ کي پري ڪندي پنهنجي گهر جي دروازي ڏانهن آئي تہ کيس هڪڙي پوليس واري روڪيو. ماڻهن پوليس کي چيو تہ هيءَ گهر جي مالڪياڻي آهي، پوليس واري ميرزادي کي غور سان ڏٺو ۽ اندر وڃڻ ڏنو. هن اهو هنيانءُ ڏاريندڙ منظر ڏٺو جنهن جو هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هوندو. ڇڻ تہ سندس پيرن هيٺان زمين کِسڪي وئي هئي، سامهون ڏسي تہ رتُ ۾ ٻڏل بہ لاش پيا آهن، هڪڙو هن جي ننهن جو ۽ هڪ نوران جي وڏي پٽ ملهار جو. نوران جيڪا رانياٽ ڪري پٽ جي لاش تي روئي رهي هئي، جيئن ئي نظر پيس ميرزاديءَ تي جنهن کي شاديءَ جو وڳو ۽ سڀُ ڳهہ پاتل هئا. نوران ميرزاديءَ کي ڏٺو تہ امالڪ گار ڏيندي ڳچيءَ ۾ هٿُ وجهي ميرزاديءَ کي پاتل دهريءَ کي ست ڏئي ڇڪيو دُهري ڇڇي پئي، جنهن۾ جڙيل نگ يڪدم ڇڙڪاٽ ڪري وڃي اڱڻ تي ڪريا، هيءَ اها ئي دُهري هئي، جنهن لاءِ ملوڪ جي شاديءَ تي نوران پوڳن ڪندي ميرزاديءَ کي چيو هو تہ: “هڪ ڏينهن تنهنجي دهري چورائيندس.”

اڄ نوران ڏک وچان ميرزاديءَ جي دهري ڇني ڇڏي هئي. ميرزاديءَ جا هوش تہ نُنهن ۽ نُوران جي پٽن جا لاش ڏسي اڳي ئي خطا ٿي چڪا هئا، ڏکَ پيڙاءَ ۽ صدمي ۾ پنهنجو مٿو پٽڻَ لڳي، رانياڻ ڪري زاروقطار روئڻ لڳي. جنهن ننهن کي ڪجهہ ڏينهن اڳ جهمريون پائي پرڻائي آندو هئائين ۽ جنهن جي وجود مان پنهنجي پٽ جي ٻارن پيدا ٿيڻ جا خواب ڏٺا هيائين، سا اڄ رتُ ۾ وهنتل هن جي اڳيان بي سُڌ پئي هئي. ايتري ۾ پوليس وارا لاشَ ايمبولينس ۾ رکائي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال کڻي ويا. ڪجهہ ليڊيز پوليس اهلڪار ميرزاديءَ کي پڇا ڳاڇا لاءِ ٿاڻي تي وٺي ويون. ملوڪ فرار ٿي چڪو هو جنهن پنهنجي زال کي نوران جي پٽ ملهار سان ٺهڪ ڏيندي ڏٺو ۽ بندوق کڻي ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيو.

ملوڪ جيڪو ننڍي هوندي کان ئي ملهار جو دوست هو، ننڍي هوندي کان ئي هڪ ٻئي جي گهر ايندا ويندا هئا، تنهن کي پنهنجي ونيءَ سان ڳالهائڻ ڪو ايترو خراب لڳو هئو جو جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو ۽ ڏٺائين تہ سندس ونڻي ملهار سان ڳالهائي رهي آهي تہ بغير ڪجهہ ڳالهائڻ ۽ چوڻ جي ٻنهي کي بندوق جا فائر ڪري ماري ڇڏيائين.

ميرزاديءَ جي خوشين ڀريو جهان اهڙي خاڪ جو ڍيرُ ٿي ويو، جتي ڪڏهن گل ناهن ڦٽندا، ان ڏينهن ميرزادي پنهنجي نالي مان ڦِري فقيرزادي ٿي وئي هئي.

ميرزاديءَ کي ٿاڻي تي اڄ ٻيو ڏينهن ٿي چڪو هئو ملوڪ جو پتو ئي ڪونہ هئو تہ ڪٿي آهي. ميرزاديءَ جي حالت تمام خراب ٿي وئي هئي. آخر ٽئين ڏينهن تي ملوڪ ٿاڻي تي آيو گرفتاري ڏنائين، ان ڪري جو دوستن ٺُڪ لعنت ڪيس تہ ”ٻيلي غيرت ڪر تنهنجي ماءُ ٽن ڏينهن کان ٿاڻي تي بند آهي، غيرتي ! زال کي تہ ڪارو ڪيئي، هاڻي ماءُ کي تہ بچاءِ.“

ايئن ملوڪ کي ويهہ سال سزا لڳي. انَ صدمي ۾ ملوڪ جو پيءُ گذاري ويو. ميرزاديءَ جي زندگي ويرانين سان ڀرجي وئي، هاڻي ان کي پنهنجو گهر ڪوسُ گهر لڳي رهيو هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ميرزاديءَ جا ڀائر ڪيس ڪراچيءَ وٺي آيا. جتي هُن ويچاريءَ ڪنهن مِل ۾ نوڪري ورتي. باقي گهر، زيور سڀ ڪجهہ ملوڪ کي ڇڏائڻ لاءِ، وڪيلن جي ور چڙهي ويس پر ملوڪ تي ڪيس پڪو هو.سو سزا اچي ويس.

ايئن ميرزادي جيڪي پئسا ڪمائيندي هئي، سي گڏ ڪري هر ٽئين مهيني ملوڪ کي سامان ۽ ڏوڪڙ ڏيڻ لاءِ سکر سينٽرل جيل ويندي هئي ۽ ريل جيڏي پنهنجي زندگيءَ جي پيڙائن کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ريل ”ڇُڪ ڇُڪ“ ڪندي، هلندي رهي ۽ ڪنهن اسٽيشن تي رڪجي وئي ۽ ميرزاديءَ جي ماضيءَ جا ڏکن سان ڀريل اولڙا بہ ڪن پل لاءِ ريل گاڏيءَ جيان رڪيا، انڪري جو انهن جي بہ ڪٿي پڄاڻي ڪونہ هئي بس هلندا پيا رهن ريل جي پٽڙين جيان. ميرزادي بہ هلي رهي هئي.انڪري جو ميرزاديءَ  لاءِ بيهو ڪو رستو ئي ڪونہ هو بس ڏکن جي پٽڙي هئي، جتي هن جي زندگيءَ جي ريل گاڏي هلي رهي هئي.

****

پاندارو : ياسمين چانڊيو

# ڪينواس تان ميسارجي ويل منظر

خبرون ٻڌڻ لاءِ نيوز چينل لڳايم تہ بريڪنگ نيوز هلي رهي هئي: "ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائيءَ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي."

خبر ٻڌڻ سان منهنجي جسم ۾ ڏڪڻي شروع ٿي وئي، ڪاوڙ ۽ ڏک جي احساس وچان ڏڪڻ لڳس. مونکي اِها ڪيفيت تڏهن ٿيندي هئي، جڏهن ڪا اوچتو موت جي خبر يا ڪنهن جي آپگهات بابت ٻڌندي هئس. اُن وقت منهنجي جسم ۾ اها ڪيفيت پيدا ٿيندي هئي، مونکي ايئن محسوس ٿيندو هو ڄڻ منهنجو جسم پيرالائيز ٿي رهيو آهي ۽ دماغ جون نَسُون ڦاٽڻ لڳيون آهن. اهڙي قسم جون خبرون ٻڌي، مان پنهنجو پاڻ ۾ ڪونہ رهندي هيس، منهنجو دماغ ماضيءَ جي انهن ورقن کي اٿلائڻ ۾ لڳي ويندو هو... ها منهنجو ماضي...آئون ڪاليج جي ڏينهن ۾ تمام گهڻي محنت ڪندي هئس. مونکي پڙهائيءَ سان تمام گهڻو لڳاءُ هوندو هو. سدائين اِها ڪوشش هوندي هئي تہ سُٺين مارڪن سان پاس ٿيان. هونئن بہ مون کي ڪنهن بہ صورت ۾ سٺيون مارڪون کٽي، سنڌيونيورسٽيءَ پهچڻو هئو. منهنجي پاڙي ۾ رهندڙ منهنجي سهيلي سورٺ بہ گذريل سال سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ وئي، ڪيس ڏسي، ويتر منهنجو لڳاءُ وڌي ويو ۽ منهنجي ريس بہ چوٽ چڙهي وئي هئي. نيٺ اُهو ڏينهن بہ آيو جو يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس جي شعبي ۾ منهنجي داخلا ٿي وئي انڪري جو مونکي فطرت سان بي پناهہ محبت هئي، منهنجي دل چوندي هئي تہ ڪائنات جي هر تخليق کي پنهنجي هٿن

سان ڀيھر ڇٽيان ۽ اُن ۾ پنھنجي مرضيءَ جا رنگ ڀريان. اُھي رنگ جيڪي منھنجي روح ۾ آھن. اُھي رنگ جيڪي منھنجي خوابن جا رنگ آھن. اُھي رنگ جيڪي منھنجي جذبن، اُمنگن ۽ احساسن جا رنگ آھن. مان پنھنجي ڇٽيل تصويرن ۾ بس رڳو خوشين جا رنگ ڀريان جيڪي سدائين جرڪندا رھن. يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ٿيڻ ڪانپوءِ بابا مون کي ڄامشوري واري بس ۾ ويھاريو ۽ ڪنڊيڪٽر کي تاڪيد ڪيائين تہ مونکي يونيورسٽيءَ جي گيٽ وٽ لاھي جتي سورٺ اڳ ئي مونکي وٺڻ لاءِ اچٽي ھئي. مان سفر دوران ھڪ اڻ ڄاتل خوشيءَ واري ڪيفيت ۾ مبتلا ھئس، پنھنجن خوابن کي ساڀيان ڏيڻ جو وقت اچي رھيو ھو. جنھن ڪري مان پنھنجو پاڻ ۾ نہ پئي ماپيس. سفر دوران بَسِ جي دريءَ مان نظر ايندڙ ھر نظارو وٽي رھيو ھو، سمورن نظارن جا رنگ منھنجي جذبن سان ملي اچان بہ سھڻا محسوس ٿي رھيا ھئا. ھر نظارو ڄڻ منھنجي ذھن جي ڪينواس ۾ قيد ٿي، منھنجي روح ۾ رَلي رھيو ھو. ڪچڙي شام ڏاري مان ڄامشوري جي سرزمين تي پھچي ويس. جتي سورٺ منھنجي انتظار ۾ بيٺل ھئي، مان بسِ مان لٿس تہ سورٺ مونکي ڀاڪر ۾ ڀري ويلڪم ڪيو ۽ مانُ ڏيندي منھنجي ھٿ مان ھڪ بيگ ورتو جو مون پاڻ سان بہ بيگس آنديون ھيون. ھڪڙي بيگ ۾ ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان، جڏھن تہ ٻي بيگ ۾ رنگ، بُرش ۽ منھنجي آرٽ جو اثاثو. مون کي ننڍپڻ کان رنگن سان عشق ھو. مونکي رنگ برنگي شيون وڻنديون ھيون، ننڍي ھوندي جڏھن بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي وي ڏسندي ھئس تہ ٽي وي ڏسڻ دوران اسڪرين تي پنھنجي پسند جا رنگ ڀريندي ھئس. منھنجا خيال ايڏا تہ پُختا ۽ پڪا ٿي ويندا ھئا جو بليڪ اينڊ وائيٽ اسڪرين تي مونکي ھر ڇُر پُر رنگين نظر ايندي ھئي. مان جڏھن سامائي ھئس تہ مونکي پنھنجي

ئي اندر ۾ عجيب رنگ ڦٽندي محسوس ٿيا هئا. مونکي لڳندو هو تہ رنگ آهن تہ زندگي آهي، نہ تہ ڪجھ بہ ناهي. نومبر جي سُرمئي شام هئي، مونکي ۽ سورٺ کي اجرڪ ويڙهيل هئا. اسان خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏينديون، ڳالهيون ڪنديون هاسٽل پهچي وياسين. سورٺِ جي روم ۾ داخل ٿيوسين، جنهن ۾ نظر پوڻ سان ڏٺم تہ ساڄي پاسي بہ سنگل بيڊَ ۽ کاٻي پاسي بہ بہ سنگل بيڊ پيل هئا. وچ ۾ ٿوري جڳھ خالي ڇڏيل هئي جتي هنڌان هنڌان ڀڳل هڪڙي پراڻي ٽيبل ۽ بہ ڪرسيون پيل هيون. ساڄي پاسي بيڊ تي بہ سهڻيون ڇوڪريون ويٺل هيون، جيڪي ڪجھ پڙهي رهيون هيون، مون تي نظر پوندي ئي، ٻئي اُٿي مون ڏانهن وڌيون، سورٺ کين منهنجو تعارف ڪرائيندي چيو:

“هيءَ آهي منهنجي سرتي سنڌُو، جنهن جو ذڪر توهان سدائين ٻڌنديون رهيون آهيو.”

سورٺ مون سان پنهنجين سرتين جو تعارف ڪرايو.

”هيءَ ڪونج آهي.”

ڪونج مُرڪي مون سان هٿُ ملايو، هُن ٻي ڇوڪريءَ جو تعارف ڪرائيندي چيو تہ: ”هيءَ گيتا آهي.”

گيتا مون سان ڳرانڍڙي پائي وڏي ڀاڀوهہ مان ملي. گيتا جي ملڻ جي انداز مون کي پهرين ئي ملاقات ۾ جڙ پنهنجو ڪري ڇڏيو. سورٺ مون کي چيو تہ: ”پرسان واش روم آهي، تون فريش ٿي اچ تہ چانهہ پيئون.”

مان فريش ٿي آيس، تيستائين سورٺ چانهہ بہ ٺاهي آئي. چانهہ جون ڃُسڪيون ڀريندي، خوب ڳالهيون ڪيونسين. رات جي ماني کائي، هاسٽل جي پارڪ ۾ اچي ويٺيونسين، نومبر جي هلڪي ٿڌڙي رات ۽ چانڊوڪي جنهن ۾ بيدمشڪ جي پنن جي سَرسراهٽ، هلڪي هوا سان

عجيب ڪيفيت پيدا ڪري رهي هئي، مونکي اُهو سڀ ڪجهہ نئون نئون ۽ وڻندڙ محسوس ٿي رهيو هو. چانڊوڪي الائي ڇو وڌيڪ ڇٽي ۽ اُجري لڳي رهي هئي، جنهن ۾ سمورا منظر جَرڪي رهيا هئا. ايئن پئي ڀاسيم ڄڻ هر شئي ڪير ۾ وهنتل آهي. مان آس پاس جي منظرن ۾ گُم اِهو ئي سوچي رهي هئس تہ واقعي بہ ايئن آهي يا مونکي سڀ ڪجهہ نِرالو لڳي رهيو آهي. سورٺ مونکي ڪُلهي تي هٿ رکي لوڏيندي چيو: "ڪٿي گم ٿي وئي آهين."

مان خيالن جي دنيا مان ڄڻ نڪري آيس.

"هون...ڪٿي بہ نہ، بس نئين دنيا پئي ڏنم ۽ سوچيم.

"ڇا پئي سوچيئہ؟"

"اهو ئي تہ الائي ڪيئن منهنجا ارمان پورا ٿيا؟ ڪيئن مان هن خوبصورت دنيا ۾ اچي ويس. سورٺ! هڪ آرٽسٽ هئڻ ڪري مان هر شئي کي وڌيڪ ويجهو کان ڏسندي ۽ محسوس ڪندي هئس، هر شئي جي احساس ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيندي هئس. پر مون وٽ اُن جي اظهار جو ڪو ذريعو نہ هو پر هاڻي محسوس ڪري رهي آهيان تہ مان پنهنجي اندر جون سموريون خوبصورتيون ڪينواس ۾ رنگن سان اوري سگهنديس. ها سورٺ تون ڏسجان تہ مان ڪيئن ٿي رنگن سان زندگيءَ کي سلهاڙي خوبصورت بنايان."

سورٺ ۽ گيتا تاڙيون وڄائيندي چيو: "واهہ واهہ...!!!"

۽ پوءِ اسان جا گڏيل ٽهڪ ماحول ۾ ٻُريا.

هاسٽل ۾ رهندي،گيتا سان منهنجي گهاٽي ويجهڙائي ٿيندي وئي، هُن ٻڌايو تہ: "هُوءَ شڪارپور جي آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سندس آخري سال آهي. گيتا نهايت سُلجهيل سليٽي، کِلڻي مِلڻي ۽ قربائتي هئي،

جڏهن تہ ڪونج گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ خاموش رهندڙ. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪونج مغرور بہ محسوس ٿيندي هئي. اُها رات مون جڻ پاسا ورائيندي گذاري هئي. خوشيءَ جي انتها ۽ يونيورسٽي هاسٽل جي سحرانگيز ماحول، مون کي بي چين ڪري ڇڏيو هو. آڌيءَ رات کان پوءِ الائي تہ ڪهڙي مهل ننڊ آئي هئي. صبح جو ستين بجي سورٺ اُٿاريندي چيو هو:

"سنڌو! اُٿ جلدي تيار ٿي، نائين وڳي تنهنجو ڪلاس آهي، يونيورسٽي لائف جو پهريون ڪلاس."

هُن هڪ معنيٰ خيز ٽهڪ ڏنو مون آرس ڀڃندي مُسڪرايو.

ڪمري جو جائزو وٺڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نِهاريم تہ، گيتا، پيٽ تي

ٽنگيل ڪرشن ڀڳوان جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري رهي هئي، سندس مٿي تي چُنري هئي ۽ اکيون پُوريل هئس، ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي. سچ پچ جڻ ڪا ديوي هُجي. مون يڪدم بيڊ تان اُٿي وڃي گيتا کي پاڪر پاتو، هُن بہ منهنجي پاڪر جي آجيان ڪئي ۽ مونکي مُرڪي نهاريندي پنهنجي پيشاني تي لڳل تِلڪ تي آڱر رکندي هلڪو تِلڪ منهنجي پيشانيءَ تي بہ ٺاهيو ۽ منهنجي پيشاني چُميائين. مان تيار ٿيس، نيرن ڪيم ۽ پوءِ ڪلاس لاءِ نِڪتس تہ گيتا مونکي چيو:

"سنڌو! تنهنجي ڊپارٽمينٽ تائين توکي مان ڇڏي اينديس اڄ. تنهنجو پهريون ڏينهن آهي نہ، متان ڪٿي پريشاني نہ ٿئي."

منهنجي ڊپارٽمينٽ کان ويندي ڪلاس تائين گيتا وٺي آئي ۽ ڪلاس روم جي دروازي تي بيهندي چيائين:

"هي آهي تنهنجو ڪلاس، وڃ وڃي اٽينڊ ۽ انجواءِ ڪر."

مان ڪلاس ۾ داخل ٿيس، ٿوري گهبرايل ۽ پريشان. ڪلاس سمورو ڇوڪرَن ڇوڪرين سان ڀريو پيو هو. جيترا ڇوڪرا اوترئي ڇوڪريون هُيون اچا بہ شايد ڇوڪريون ڪجهہ وڌيڪ هُيون. هڪ ڪُنڊ ۾ بہ چار سيٽون جيڪي خالي پيون هُيون، تن مان هڪ سيٽ تي وڃي ويهي رهيس. ڪجهہ دير ڪان پوءِ هڪڙو نوجوان آهستي آهستي اچي منهنجي ڀرسان ويٺو. بنهہ خوبصورت، ڊگهو قد ناسي وار، هلڪي ڏاڙهي ۽ گِهريون اکيون. پهرين تہ بہ چار منٽ خاموش ويٺو رهيو. پوءِ ڪنڌ ورائي مونکي غورَ سان ڏسڻ لڳو. نيٺ ڳالهائيندي چيائين:

"توهان ڪافي ليٽ ٿي ويا آهيو. ڪلاسن کي تہ مهينو اچي ٿيو آهي. ڪم جيڪو ليٽ ٿيو آهي اُن ۾ مان توهان جي مدد ڪري سگهان ٿو."

اوچتو ڪلاس ۾ ڪنهن ڇوڪري جو آواز اڀريو: "لائين پيو هٽين.."

ڪلاس ٽهڪن سان گُونجڻ لڳو.

ٻئي لمحي اوچتو خاموشي ٿي وئي، هڪڙي هلڪي قد جو فُل سُوٽ ڪوٽ پهريل ڪلين شيوڊَ شخص، ڪلاس ۾ داخل ٿيو. سڀ اُٿي بيهي رهيا، مان بہ اُٿيس. ڪجهہ دير ڪان پوءِ ڪلاس ۾ موجود اسٽوڊنٽس جو جائزو وٺندي، اُن شخص مون ڏانهن نِهاريندي چيو:

"لڳي ٿو توهان نوان آيا آهيو؟"

" جي سر..."

"ڪلاسز تہ مهينو ٿيو آهي، شروع ٿيا آهن. توهان ايڏو دير سان ڇو پهتا آهيو؟"

مان ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش رهيس ڪو بہ جواب نہ ڏنم. ايتري ۾ ساڳئي ڇوڪري ڳالهايو:

"سر هيءَ منهنجي ڳوٺ جي آهي، ڪنهن گهرو مسئلي جي ڪري ليٽ ٿي آهي."

مون ڪنڌ ورائي هُن کي ڏٺو الائي ڇو. دل کي سندس اُهو انداز ۽ پنهنجائپ ڏاڍي وڻي.

سر مُسڪرائيندي چيو: ”ٺيڪ آهي پر هِن محترمہ کي ڪجھہ ڳالهائڻ ڏي، خبر تہ پئي تہ هيءَ ڪهڙا خواب ڪٺي هتي آئي آهي؟“

سر وري مونسان مخاطب ٿيو:

” ها، بابا تون ٻُڌاءِ ڪجھہ پنهنجي باري ۾...“

مون پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ پنهنجي خوابن ۽ رنگن جي دنيا ٻُڌائڻ ۾ شروع ٿي ويس. مون جڏهن ڳالهائي بس ڪيو تہ ڪلاس ۾ رڳو تاڙيون ئي تاڙيون هُيون. سر بہ تاڙيون وڄائيندي چيو: ”واھہ واھہ! مونکي نٿو لڳي تہ ڪو توکي ليٽ ڪرڻ لاءِ ڪنهن شاگرد جي مدد جي ضرورت پوندي، پر پوءِ بہ پنهنجي ڳوٺائيءَ ڪان ڪجھہ شيون پُڇي وٺجان.“

ڪلاس آف ٿيڻ ڪانپوءِ هو منهنجي پويان لڳو آيو وچ ۾ هڪ هنڌ مونکي روڪيندي چيائين: ”مون تہ مذاق ڪئي سر سان، پر توهان تہ سچ پچ منهنجا ڳوٺائي نڪتا. منهنجو نالو مصور آهي ۽ هتي مصوري سِکڻ ۽ سمجھڻ آيو آهيان.“

مان خاموش رهيس. هُن وري ڳالهايو:

” هلو تہ ڪينٽين تي چانھہ پيئون، پوءِ توهان کي اسٽوڊيو ڏيکاريان.

”سوري، مان چانھہ هن وقت ناهيان پيئندي، توهان مهرباني ڪري مونکي اسٽوڊيو ڏيکاريو.“

اسين اسٽوڊيو ۾ آياسين، مان تہ حيران رهجي ويس. هال ۾ دنيا ئي ٻي هئي، ڀانت ڀانت جا مجسما ۽ پينٽنگس هيون.

”هي سڀ ڪجھہ شاگردن ئي ٺاهيو آهي.“هُن هال ۾ داخل ٿيندي چيو: توهان بہ ڪا شاهڪار پينٽنگ يا مجسمو ٺاهيندا تہ اُهو بہ هِن هال ۾ رکيو ويندو.“

مان وڏي هڪ پينٽنگ وٽ بيهي رهيس، غور سان پينٽنگ کي ڏسندي خيالن ۾ گُم ٿي ويس. ڇا تہ پينٽنگ هئي هڪ شاندار محل،

جنهن ٻاهران وڏا وڏا شاهہ بلوط جا وڻ، محل جي دروازي تي هڪڙي (بلر انداز ۾ جيئن ڪيمرا سان ڪنهن آبجيڪٽ کي ڊِي فوڪس ڪبو آهي تيئن هڪڙي) غير واضع نظر ايندڙ شهزادي هئي جيڪا جڻ تہ اوسيئڙي واري حالت ۾ بيٺل هئي. مان ڪافي دير گُم رهيس تہ مصور ڳالهائيندي چيو:

"ڪيڏانهن گم ٿي ويا توهان؟"

"هيءَ پينٽنگ تہ لڳي ٿو منهنجي آهي."

مصور کِلندي چيو:"غور سان ڏسان... ها بلڪل هوءَ شهزادي تہ واقعي توهان جهڙي لڳي رهي آهي."

"نہ نہ مصور صاحب، منهنجو مطلب آهي، تہ جڻ هيءَ پينٽنگ منهنجي ٺهيل آهي، هي منظر تہ ننڍپڻ کان منهنجي تصور ۾ رهيو آهي. هي تصوير تہ پنهنجي اندر ۾ ڪڏهوڪو چِٽي چُڪي آهيان."

مصور مون ڏانهن ڏسي مُرڪيو ۽ چيائين:

" توهان تہ پهرين ڏينهن ئي اسان کي پنهنجو مداح ڪري ڇڏيو."

مون شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

هُن وري ڳالهايو:"منهنجي من ۾ بہ ننڍپڻ کان هڪڙي صورت هڪڙي مُورت آهي، جڏهن اُها ڪينواس تي لاهيندسُ تہ ضرور شاهڪار تصور ڪئي ويندي ۽ هِن هال ۾ سجائي ويندي."

" اڇا! پُڇي سگهان ٿي تہ اُها ڪهڙي آهي؟"

"اِها تہ خبر نہ اٿم تہ ڪهڙي آهي پر هوبهو توهان جهڙي آهي."

مونکان ٺهڪ نڪري ويو هو بہ ٺهڪ ڏئي کِليو.

هُن وري ڳالهايو:"منهنجو عقيدو آهي تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن صورت کي پنهنجي دل ۽ دماغ جي ڪينواس تي، سچيءَ دل سان چِٽي ٿا ڇڏيو ۽ ان جي انتظار ۾ ٿا رهو تہ، اُها صورت ڪڏهن نہ ڪڏهن، توهان جي سامهون ضرور ايندي، جيئن اڄ معجزو ٿيو آهي."

مون شرمائيندي ڪنڌ هيٺ ڪيو، هُن وري چيو:

” مان سمجهان ٿو تہ جيڪا صورت توهان جي من ۾ موجود آهي، تہ اُها يقينن ڪٿي ڪائنات ۾ بہ موجود آهي. هيءَ تصور جي دنيا بہ ڏاڍي عجيب ۽ فطرت سان سلهاڙيل آهي ۽ فطرت ڪنهن بہ ريت ڪوڙي يا مصنوعي ڪونهي.“

مان سندس ڳالهہ تي لاجواب ٿي ويس. وٽي تہ هو اُن لمحي بہ ويو هو جڏهن ڪلاس ۾منهنجي پرسان اچي ويٺو هو. پر هِن لمحي صفا دل ۾ لهي ويو هو. مان واپس جڏهن روم تي آيس تہ جڻ وڃايل وڃايل هئس، اِها ڳالهہ سورٺ محسوس ڪري ورتي هئي.

”خير تہ آهي ڪٿي گُم آهين ڇوڪري... ؟“

”ڪٿي بہ نہ، بس پهريون ڏينهن هو يونيورسٽيءَ جي ڊگهن رستن تي پنڌ ڪري ڪجهہ ٿڪجي پئي آهيان.“

”ٿڪجي پئي آهين يا وري ڪٿي اٽڪي پئي آهين؟ نمونو تہ ٿڪجڻ وارو نٿو لڳي.“

سورٺ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. سورٺ منهنجي اڳيان ماني آڻي رکي، مون اُها بہ مزي سان نہ کاڌي، بہ ٽي گِرهہ هٽي، بس ڪئي هئم.

”ڳالهہ ڇا آهي سنڌو، ٻڌاءِ بہ ڪٿي... ڏس ڪجهہ بہ لِڪاءِ نہ...“

نيٺ مون سمورو قصو سورٺ کي ٻڌايو جيڪو گيتا بہ غور سان ويٺي ٻڌو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مان ڪلاس مان فري ٿي هال ۾ آيس ۽ ڪجهہ سامان کڻي ٻاهر لان ۾ هلي ويس، هڪ بيد مُشڪ هيٺان ڪينواس سامهون رکي، ڪجهہ ٽاهڻ شروع ڪيم. مصور پيار وڇان مونکي ڏسندو رهيو. مون ساڳئي اُداس شهزاديءَ واري پينٽنگ ۾ بيو روپ پريو. شهزاي جنهن جي انتظار ۾ اباڻڪي بيٺل هئي،تنهن جي ڇهري تي مرڪ پري ۽ سامهون کان شهزادي کي ايندڙ ڏيکاريو. ڪم ڪندي شام ٿي وئي. يونيورسٽي خالي ٿي چڪي هئي، ڪيرُ بہ ڪونہ هو. مصور منهنجو هٿ کڻي پنهنجي ڇپن تي رکيو ۽ چيائين:

”اڄ تو منهنجي اڌوري چتر کي پورو ڪري ڇڏيو آهي، پنهنجي محبت جا رنگ ڀري.“

مون جواب ۾ چيو: ” شايد! پنهنجو پاڻ کي مڪمل ڪيو آهي.“

ان لمحي کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته مان مصور سان گڏ پيار جي اٿاهه ساگر ۾ لهي گُم ٿي وئي آهيان.

هڪ شام جو اسين المنظر تي ويٺا هئاسين، سج لهڻ وارو هو، مصور لهندڙ سج کي ڏسندي چيو:”جڏهن سج پنهنجي آخري پساهن ۾ هوندو آهي ته اُن جي حالت ڪهڙي هوندي؟ ڇڻ وساميل وساميل، اُداس اُداس هوندو آهي.“

مون کِلندي مصور کي چيو: “مايوسيءَ جون ڳالهيون تنهنجي واتان سٺيون ڪونه ٿيون لڳن.“

”مايوس ناهيان پر خوف اٿم ڪٿي تون مونکان کسجي نه وڃين، وڇڙي نه وڃين.“

”تو پاڻ ئي ته چيو هو ته جيڪڏهن جذبا سچا آهن ته وصال ضرور نصيب ٿيندو آهي.“

هو خاموش ٿي ويو هو، اسين آهستي آهستي واپس آياسين، هاسٽل جي دروازي تي هو مونکي ڇڏي اُداس اُداس هليو ويو هو. ڏينهن گُذرندا ويا، مونکي يونيورسٽي ۾ آئي ٽي مهينا ٿي چڪا هئا، ان وچ ۾ منهنجي ۽ گيتا جي ڪافي سٺي دوستي ٿي چڪي هئي، جڏهن اسان جي گهران مني آرڊر ايندو هو ته اسان چارئي ڄڻيون شاپنگ ڪنديون هُيون سين، ڪٿي سُٺي ماني گڏجي کائينديون هُيون سين. مصور سان به منهنجي تمام گهڻي اُنسيت ٿي وئي هئي، اسان ڊپارٽمينٽ يا لان ۾ گڏ ۾ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ رنگن سان پنهنجي دنيا کي سجائيندا هئاسين، عجيب عجيب خواب هڪ ٻئي کي ڏيکاريندا هئاسين.

هڪ ڏينهن اوچتو يونيورسٽي ۾ ٻن گروپن وچ ۾ تڪرار ٿي پيو، تمام گهڻو هنگامو ٿيو، ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرايو ويو، بائيڪاٽ دوران مصور اُن بائيڪاٽ کي روڪڻ لاءِ وچ ۾ پيو، شاگردن کي روڪيائين ته بائيڪاٽ ڪري پنهنجي ۽ ٻين جي تعليم برباد نه ڪريو

پر مچريل شاگردن سندس هڪ به نه ٻڌي، ٻي ڏينهن به ساڳيا شاگرد بائيڪاٽ ڪرائڻ لاءِ آيا. اسين سڀ ڪلاس ۾ ويٺا هئاسين، مچريل شاگردن اسان کي زوري ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي، مصور ساٿن اٿڪي پيو پوءِ ته انڌا ڌنڌ فائرنگ شروع ٿي وئي. اوچتو مون ڏٺو ته مصور رت ۾ ٻڏل ڌرتيءَ تي ڦٿڪي رهيو هو. مون رڙيون ڏانهون ڪيون، پڇي وڃي مصور کي ڀاڪر ۾ ڀريو پر مصور ۾ جڄڻ ته زندگيءَ جي ڪا چر پر نه رهي هئي.

ڪجهه ڇوڪرا مصور کي کڻي يڪدم ڪنهن گاڏيءَ ۾ وجهي اسپتال ڏانهن ويا. مان اِهو منظر ڏسي بي هوش ٿي ويس. جڏهن اک کُلي هوش ۾ آيس، ته سورٺ منهنجي پرسان ويٺي هئي ۽ مان اسپتال جي بيڊ تي هئس. مون اکين اکين ۾ سورٺ کان مصور جو پُڇيو. سورٺ جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهي رهيا هئا ۽ هوءَ مونکي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي. مان سمجهي ويس ته منهنجي محل ڏانهن ايندڙ شهزادو هميشه لاءِ مون کان پري هليو ويو. منهنجي زندگيءَ جا سمورا رنگ اُجڙي ويا. منهنجي هوش ۾ اچڻ تي، سورٺ مونکي سهارو ڏئي اسپتال جي ٻاهران بيٺل رڪشي ۾ ويهاريو ۽ اسان هاسٽل ڏانهن روانه ٿياسين. جيئن ئي روم طرف نظر پئي ته هاسٽل جي روم ٻاهران، رش هئي، جن ۾ شاگرداڻيون، پروووسٽ، ٽيچرس ۽ ڪجهه پوليس وارا موجود هئا.اهو ڏسي منهنجا ۽ سورٺ جا قدم اتي اٽڪي پيا، ايئن لڳي رهيو هو جڄڻ ڌرتيءَ اسان جي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا آهن. مشڪل سان اڳتي قدم وڌائيندي، روم جي دروازي اڳيان ماڻهن کي هٽائيندي، ڏٺوسين ته منهنجي جسم مان رهيو سهيو ست به نڪري ويو. سامهون پکي ۾ بي سُڌُ لٽڪيل گيتا.

گيتا جي ڳچيءَ ۾ ساڳيو چُنريءَ جو رئو پيل هو. اُتي بيٺل سڀ اِهو چئي رهيا هئا ته گيتا آپگهات ڪيو آهي. مان سورٺ ۽ ڪونج زور زور سان رڙيون ڪندي چوڻ لڳا سون : "نه، نه گيتا آپگهات نٿي ڪري سگهي."

مان گيتا جي پکي ۾ لڙڪيل جسم ڏانهن وڌڻ لڳس، پر پوليس وارن مونکي پوئتي هٽائيندي چيو:

”جيستائين جاچ هلندي، ڪير ويجهو نہ ويندو.“

اسان جي رڙين ۽ ڪوڪن جو ڪنهن تي اثر نہ ٿيو. ڪجھہ دير کان پوءِ گيتا جي لاش کي پوليس وارا اسپتال کڻائي ويا.منهنجي حالت جيڪا مصور جي جدائيءَ سبب اڳ ئي خراب هئي ويتر گيتا جي وڇوڙي جڻ پيرالائيز ڪري ڇڏيو. منهنجي جسم ۾ ڏڪڻي شروع ٿي وئي، جيئن ڪو دورو پيو هُجي، مون کي ياد ناهي تہ مان هوش ۾ هئس يا هوش ۾ هوندي بہ جڻ بي هوش هئس، مان ساڻي ٿي ڪري پئي هئس، مون کي ايئن لڳي رهيو هو جڻ آس پاس سڀ منظر سڙي رک ٿي ويا، ڪنهن بہ شئي ۾ ڪو رنگ ڪونہ بچيو هو. منهنجي حالت تمام خراب ٿي وئي، جنهن ڪري سورٺ منهنجي

بابا کي فون ڪري، سمورين حالتن کان آگاھہ ڪيو هو.

ٻئي ڏينهن منهنجو بابا يونيورسٽي پهچي ويو، الائي ڇو هاڻي اُها يونيورسٽي ڪنهن مقتل گاھ جيان لڳي رهي هئي، جنهن ۾ منهنجا خواب مقتول بڻيا هئا. سورٺ منهنجو سامان پيڪ ڪيو، بابا هلڻ لاءِ چيو مون بابا کي ڪجھہ دير ترسڻ لاءِ چيو.

مون سورٺ کي چيو:”سورٺ! مون سان گڏ ٿورو فائن آرٽس جي اسٽوڊيو تائين هل.“

سورٺ ها ڪئي ۽ اسين فائن آرٽس جي اسٽوڊيو ڏانهن آياسين پئي تہ رستي ۾ بيد مشڪ جي پنن تي نظر پيم، وڏي بيد مُشڪ جي ويجهو ويس تہ بيد مُشڪ مان مهڪ بدران رتُ جي ڏَپَ اچي رهي هئي، جيئن ئي اسٽوڊيو ۾ اندر داخل ٿيس،اِهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ هال جو سمورو سامان سڙيل هو. گذريل مُظاهرن ۾ هال کي باھہ ڏني وئي هئي.

مان چرين وانگر مصور جي پينٽنگ ڳولڻ لڳس، جنهن کي مون پنهنجي محبت جي رنگن سان مڪمل ڪيو هو هڪ ڪنڊ ۾ دونهين سان هلڪي ڪاري ڏنڏلي ۽ اڌ سڙيل ڪاري پينٽنگ پئي هئي. جيڪا

پينٽنگ سڙڻ کان بچي وئي هئي، اُن ۾ شهزادو ڪونہ هئو. بس انتظار ۾ بيٺل ساڳئي شهزادي وچي اڪيلي بچي هئي. مون پينٽنگ کي ڪٽي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ لڙڪن ۾ ٻُڏي ويس. منهنجي سپنن جو شِيش محل سڙي رکُ ٿي چڪو هو. اُن ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين، منهنجي حالت صحيح ناهي ٿي، مان مصور جي اوسيئڙي ۾ رنگن بنا زندگي گُذاري رهي آهيان.

خبرون ٻڌڻ لاءِ نيوز چينل لڳايو هئم تہ بريڪنگ نيوز هلي رهي هئي تہ "ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائيءَ ڦاهو کاهي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي."

خبر ٻڌڻ منهنجي جسم ۽ روح کي سُن ڪري ڇڏيو.

****

# ڪِني

ڪي ورهيه اڳ، هُن جڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ ٺهڪ ڏيندي مونکي چيو: ”ڪِني....“

ائين لڳو ڄڻ مونکي ڪوئي آدجڳاد ڪان اُن نالي سان سڏيندو رهيو آهي، هُن جو ”ڪِني“ چوڻ ڄڻ تہ منهنجي وجود کي واچوڙي جيان وڪوڙي ويو. اُن لمحي مان الائي تہ ڪهڙي دنيا ۾ ڪوئجي ويس، وجود ۾ محبت جي سترنگيءَ جا سُرَ وڄڻ لڳا. محسوس ٿي رهيو هو تہ چوڏس پکين جون لاتون آهن، وڻ بہ ڄڻ مونسان ڳالهائي رهيا آهن. لفظُ ”ڪِني“ چوڻ سان چوڏس هبڪار پکڙجي وئي. هر پاسي خوشبوءِ ۽ رنگ، زمين کان آسمان تائين رنگ ئي رنگ، منهنجي دل جي آسمان تي رنگن جي اندلٺ اڀري آئي هئي. هُن جي ايئن سڏڻ سان محسوس ٿيو تہ منهنجي هستي ۾ هوڏ هڪ ئي پل ۾ الائي ڪيڏانهن هليا ويا آهن، مان ڄڻ تہ مِٽي بڻجي پيس. مونکي پنهنجو پاڻ مان مهڪ ايندي محسوس ٿي، اُها مهڪ جيڪا ڌرتيءَ تي وسڪاري سان اُٿندي آهي. حيرت اٿم هُن جي هڪ پُڪار سان سمورو وايومنڊل ئي بدلجي ويو، سمورا منظر رنگين ٿي ويا، منهنجي دنيا ئي بدلجي وئي. هڪ لمحي لاءِ هلڪي نِسري آيل پگهر سان مان پريشان ٿي ويس، هُن وري ڳالهايو:”الا...هوڏس، ڳُل جي پٽين تي جيئن ماڪ ڪِرندي هُجي.“

مون پارڪ ۾ ڏسڻ شروع ڪيو، هُن جا ٺهڪ ٻڌڻ ۾ آيا.

”ڪِني! مان پارڪ جي ٻوٽن جي ڳالهہ نٿو ڪريان، مان تہ تنهنجي مُک تي نِسري آيل هلڪي پگهر جي ڳالهہ پيو ڪريان.“

مان شرم ۾ ٻوڙي جيان ڪومائجي ويس، ويترمحبت سان سرشار ٿيندي، اُن منظر ۾ ٻُڏي ويس. اُن لفظ "ڪِنيءَ" مونتي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي. ايئن لڳو ڄڻ مان ڪو سنگيت ٻڌجي پئي آهيان ۽ منهنجو وجود ۽ روح اُن سنگيت جي ردم تي رقص ڪري رهيو آهي. وري منصور مون سان مخاطب ٿيو:

"ڇري! ڪٿي گم ٿي وئينءَ؟"

مان تصور جي اُنَ خوبصورت دنيا مان نڪري آيس، مٿي نهارَ ڪيم ۽ آسمان ۾ اندلٺ جا رنگ ڳولڻ لڳس. منهنجي من ۾ منصور جي محبت ڀريل لفظن جي بهار هئي، مونکي آس پاس ۽ آسمان ۾ ٻہ رنگ نظر اچي رهيا هئا، هر طرف ڄڻ گل ۽ مُڪڙيون.

نومبر جي ٿڌڙيءَ شام جو ٽائيم هو اسان ٻئي بيد مشڪ جي وڻ هيٺان وينل هئاسين. پري ڪان سنڌوءَ جي ڇولين جو منظر ڏسي رهيا هئاسين. مان بس عجب سحر ۾ گُم هيس، تہ منهنجي هٿ تي ڪو گرم ۽ نرم ڇهاءُ محسوس ٿيو. ڏٺم تہ منصور پنهنجا چپَ منهنجي هٿ تي رکي ڇڏيا هئا. سندس چپن جي ڇهاءُ منهنجي اندر ۾، سنڌوءَ جي ڇولين وانگر هڪ لرزش پيدا ڪري ڇڏي. اُن لمحي منهنجي مُنهن تي لالاڻ لهي آئي، ساهن جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو. الائي ڪيئن منصور اهو سڀ ڪجهہ محسوس ڪري ورتو منهنجي ڪيفيت ڪي سمجهي ويو. تنهنڪري ئي شايد مونکي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريندي سيني سان لڳائيندي چيائين:

"ڪني گهبرائجي ڇو وئي آهين؟ ٻڌُ، ڏس! اسان ٻنهي جي دل جي ڌڙڪن ساڳئي ئي آهي، غور سان ٻُڌ. انهن سُرن ڪي جيڪي محبت جا سُر آهن. اُمنگن اُميدن ۽ مُرادن جا سُر آهن، اميدون جيڪي اوس پوريون

ٽيڙيون آهن. تون ۽ مان هڪ ڏينهن هڪ ٽيٽا آهيون. هي دل جا آواز هي سُر ٻُڌ، ڇا ڇا نہ آلاپي رهيا آهن.“

شام پنهنجي وجود کي رات جي ڪاري چادر ۾ ويڙهي آرامي ٿي، آسمان ۾ ڪاراڻ ڪانپوءِ تارن ڏرتيءَ ڏانهن ليئا پائڻ شروع ڪيا يا وري شايد اسان کي ڏسي تڪي رهيا هئا. اسان اٿياسين ۽ قدم سان قدم ڪٽندي، هلڻ لڳاسين. بي خياليءَ ۾ منصور کي ٿابو اچي ويو. هو ڪِرڻ تي هو تہ مون يڪدم ڪيس پنهنجي ڀاڪُرَ ۾ ڀري ورتو. منصور جي منهن تي لازوال مُرڪ تري آئي ۽ چوڻ لڳو:

”ڪِني! ڇو سنڀاليئي مونکي؟ سڄي زندگي مون زماني جون ٺوڪرون ۽ ڌڪا کاڌا آهن. ڪيترائي ڀيرا ڪِريو ۽ ٽُٽو آهيان. سدائين ايئن پنهنجي ڀُريل ۽ ٽُٽل وجود سان جيئندو رهيو آهيان.“

”پر منصور! مان هاڻي ڪڏهن بہ توکي ڪِرڻ نہ ڏينديس. مان تنهنجي هر زخم جو مرهم ٿينديس، تنهنجي هر ٽُٽل جذبي کي نئون جنم ڏيندس. هڪ نئون اتهاس جوڙينديس.“

خوشيءَ وچان منصور جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا منهنجون بہ اکيون اُن لمحي آليون ٿي ويون هُيون. پوءِ اسان ٻنهي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. ڏکن کي هميشہ الوداع ڪرڻ لاءِ پر ڏک جيڪي نصيب ۾ هوندا آهن، اُهي پنهنجو ليکو نہ ڇڏيندا آهن. ٻئي ڀيري اسان ڪنهن ريسٽورنٽ تي ويٺا هئاسين. مون منصور کي چيو اڄ گرم گرم ڪافي پيئڻ تي ڏاڍي دل ٿي چوي. منصور مون سان سُر ملائيندي مُرڪندي ويٽر کي پاڻ طرف اچڻ لاءِ اشارو ڪيو ۽ ان کي بہ ڪپ ڪافي آڻڻ لاءِ چيائين. ٽيبل تي رکيل بوتل مان پاڻي اوتي شيشي جو گلاس مون طرف وڌائيندي چيائين:”واعدو ڪر منهنجو ساٿُ ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندينءَ.“

مون پنهنجو هٿ منصور جي هٿ تي رکندي چيو:”هِن ڪنيءَ جو توسان واعدو آهي.“

وقت الائي ڪيئن بدلجي ويو. منصور الائي ته ڪيڏانهن وڃائجي ويو. وعدو ڪري ويو هو ته جلد موٽي ايندو پر وري نه موٽيو. مان سالن تائين سندس انتظار ڪندي رهيس. روز اُن ساڳئي جاءِ تي ويهي اُهي بيد مُشڪ ڏسندي آهيان، اُن ريسٽورنٽ ۾ اڪيلي ڪافي پيئندي آهيان، پر هاڻي منصور جي جاءِ تي صرف سندس يادون هونديون آهن.

اڄ پارڪ ۾ ويٺي هُيس ته اوچتو ڪنن تي آواز پيو: ” نه ڪِني نه..... گُل ناهِن پٽبا....“

ڇرڪي نِهاريم ته هڪ پوڙهو شخص هڪ ٻارڙي کي گُل پٽڻ کان روڪي رهيو هو. مان اُن شخص کي ڏسڻ لاءِ آهستي آهستي وڌي پرسان ويس ته حيرت جي حد ئي نه رهي:

”منصور.... تون؟“

”ها مان...“

”تون ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟ مون تنهنجو ڏاڍو انتظار ڪيو آهي.“ منصور ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. ڪا ورندي نه ڏنائين.

“زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي، تون شرمسار نه ٿيءُ.”

ننڍڙي ٻارڙي وري ڪو گُل پٽڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي منصور کيس ڇڙٻ ڏيندي چيو: ”جهليو اٿم نه ڪِني ته گُل نه پٽبا آهن.“

“هي ٻارڙي ڪير آ منصور، هر هر کيس ڪِني چو چئي رهيو آهين؟”

”هيءَ منهنجي پوٽي آهي، سندس نالو ڪِني آهي، مون رکيو آهي. ڏي ڄائي ڪو نه، نه ته جيڪر اُن جو نالو رکان ها.“

سندس اکين ۾ لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هو ڪنڌ هيٺ ڪري، اسٽِڪ جي سهاري اُٿيو ته وري ٿابڙجي پيو. مون يڪدم کيس پاڪر ۾ پري ورتو. هن پاڻ ڇڏائي ورتو ۽ ٻارڙي کي وٺي آهستي آهستي ڏور هليو ويو. مان کيس ڏسندي رهجي ويس.

****

# پاندارو

کھڙين پيڙائن جو ذڪر ڪريان، نندپڻ کان ئي سورن سان ناتو جڙيو تڪليفون، اذيتون ۽ پيڙائون زندگيءَ جو حصو رهيون، ڪو ڏينهن ياد ڪونهي جو سُک جو ساھہ کنيو هُجي. اڄ جيئن ئي پنهنجي آفيس لاءِ گاڏي ڊرائيوَ ڪندي اچي رهي هئس تہ، رستي ۾ هڪڙو ننڍڙو ڪر جي ٿانوَن جو ريڙهو ڏٺم، ريڙهي تي کوڙ پاندارا رکيل هئا، مون پاندارا ڏٺا تہ پنهنجي ماضيءَ ۾ هلي ويس...

اُهو ڏينهن ياد اٿم، جڏهن مان ٽئين ڪلاس ۾ پڙهندي هُيس، هڪ ڏينهن رسيس کانپوءِ، اوچتو منهنجو ابا ڪاوڙ ۾ اسڪول آيو. سڄي ڪلاس جي سامهون مونکي چنبو هڻندي چيو هيائين:

"پڙهين پڙهيو جو تون پڙهي انباريون چارينديئين؟"

ائين چئي، مونکي ٻانهن کان جهلي اسڪول مان گھر وٺي آيو. امان پاپڙ ناهيندي هئي، ننڍڙا ڀائر امان کي تنگ ڪندا هئا، انهن کي سنڀالڻ منهنجي حوالي هوندو هو. مان اسڪول ويندي هيس تہ امان کي ننڍا ڀائر ڪم ڪرڻ ڪونہ ڏيندا هئا، ابا ڪو ڪم ڌنڌو ڪونہ ڪندو هو بس امان پاپڙ ناهي ۽ پورهيو ڪري جيڪي پئسا ميڙيندي هئي تن تي بابا عيش ۽ نشا پتا ڪندو هو. مان گھر ۾ سيني ڀائرن ۽ ڀينرن کان وڏي هيس تنهن ڪري، گھر جي هر ذميواري منهنجي مٿان هوندي هئي، اُن ڏينهن ابا جيڪا ڪلاس سامهون بي عزتي ڪئي هئي، تنهن جڻ اسڪول وڃڻ کان ارواح ئي ڪڍائي ڇڏيو هو. سوچيندي هئس تہ سڀ اسڪول وارا مون

تي ڪلندا ۽ ٽٺوليون ڪندا پر امتحان بہ مٿان هئا تنهن ڪري اسڪول وڃڻ تي دل ئي دل ۾ خيال پئي آيو.

اسڪول واري رجسٽر ۾ منهنجو نالو حميده لکيل هو پر مون کي گهر وارا توڙي اسڪولي ٻار حمي ڪري سڏيندا هئا. امتحان ۾ باقي هفتو بچيو تہ، آپا نياپو ڪرايو تہ:

”حميءَ جا امتحان آهن، ڪيس اسڪول موڪليو.“

پوءِ بہ مون کي امان توڙي ابا اسڪول وڃڻ لاءِ نہ چيو. نيٺ امتحانن کان چار ڏينهن اڳ، آپا پاڻ اچي گهر نڪتي ۽ چيائين:”چو حمي! تون اسڪول نٿي اچين، امتحان مٿان آهن، تو جهڙي هوشيار ڇوڪري ايئن ڪري، نهي ڪونہ ٿو.“

پوءِ امان ۽ ابا سان مخاطب ٿيندي چيائين:”ڇوڪريءَ کي اسڪول موڪليو بہ درجا پڙهي پوندي تہ زندگي پر ڪم ايندس.“

امان ۽ ابا، آپا کي هائوڪار ڪري روانو ڪيو. مان اسڪول وڃڻ جو سوچي، پريشان ٿي ويس جو جيترا ڏينهن اسڪول نہ وئي هيس تہ منهنجي سليٽ، ڪتاب ۽ ٿيلهو ننڍڙن ڀائرن ڀڃي ٽوڙي وڃائي ڇڏيو هو. سوچيم اسڪول ڪيئن وڃان، امان سان ڳالهہ ڪيم تہ امان مُنهن گُهنجائيندي چيو: ”اسان وٽ تہ پئسا رکيا ڪونهن جو توکي سليٽ ٿيلهو ۽ ڪتاب وٺي ڏيون...“

مان روئيندي ڪوٺي ۾ هلي ويس، اوچتو منهنجي نظر جاري ۾ رکيل ڀڳل ڀانڊاري تي پئي، جنهن ۾ مان خرچيءَ مليل پئسا رکي گڏ ڪندي هيس. هڪ ڀيرو اڳي جڏهن گهر ۾ پائي پئسو ڪونہ هو امان جا ناهيل پاپڙ بہ ڪونہ هئا تہ امان اُهو ڀاندارو ٽوڙيو هو جنهن مان ٽيويهہ رپيا نڪتا هئا، اُن زماني ۾ ٽيويهہ رپيا جڻ تہ ٽيويهہ سئو رپين جي برابر هئا، سستائي

جو زمانو هو. سو پورو هفتو گهر جا خرچ ۽ بابا جي عياشيءَ جا پئسا منهنجي ڀانڊاري مان نڪري پيا هئا. ڀانڊارو ڏسي مون کي ياد آيو ته، مون هڪ ٻئي ڀانڊاري ۾ به ته پئسا گڏ ڪيا آهن، جيڪو بابا ۽ امان جي پيچڻ جي پيئو ڪان، زمين ۾ کڏو کوٽي لڪايو آهي. يڪدم اُٿي ٻاهر آڱڻ ۾ آيس ۽ زمين کوٽي ڀانڊارو ڪڍيم ۽ پنهنجي قميص ۾ هيٺان لِڪائي، کوٺيءَ ۾ ڪٽي آيس ته متان ڪٿي اَبا جي نظر نه پئجي وڃي. مون جڏهن ڀانڊارو ڀڳو ته پنجن پئسن، ڏهه پئسن، چئي آنن، اَٺ آنن سان گڏ هڪڙو پنجين رپئي جو نوٽ به نڪتو. جيڪو اسڪول ۾ ڊبيٽ دوران انعام طور مليو هئم، اُن زماني ۾ پنج رپيا جڻ پنج سؤ رپين برابر هئا. ڀانڊاري جا ڪُل پئسا ڳڻيم ته پنجاهه رپيا ٿيا. مان ڏاڍي خوش ٿيس، ڪجهه پئسا امان کي ڏنم، ڪجهه پئسا هڪ گوٿريءَ ۾ رکيم ۽ وراندي ۾ ٽنگي ڇڏيم ۽ ڪجهه پئسا ڪٽي، ننڍي ڀيڻ کي ساڻ ڪري بازار آيس، پنهنجي قلم، سليٽ ۽ ڪتابن سان گڏ ننڍي ڀيڻ کي به ساڳيو سامان وٺي ڏنم، دل چيو ته پلاسٽڪ واري جُتي وٺان سا به ورتم ۽ پوءِ ڪپڙي واري دُڪان تي ڪاڪي خانڻ وٽ ويس، جو ايڏو سامان وٺڻ ڪان پوءِ به مون وٽ اجا پئسا بچيا هئا. ڪاڪي خانڻ ڪپڙي واري ڪان، فليٽ جي ريشمي ڪپڙي جو اگهه پڇيم ۽ پوءِ ڪاڪي خانڻ کي بچيل پئسا ڏيندي چيم:

”ڪاڪا، اسان وٽ هي آهن، بس اسان کي ريشمي فليٽ جو هڪ، هڪ جوڙو ڏي.“

ڪاڪو خانڻ احساس وارو نيڪ ماڻهو هو، کلندي چيائين: ”ها چو نه، ٿورا ئي ته گهٽ پئسا آهن، پنج رپيا، جڏهن ٿين ته ڏئي وڃجو باقي جوڙو، جوڙو ٻنهي ڀينرن کي ڏيان ٿو.“

هُن ڇهه وال فليٽ جو ڪپڙو اسان کي ڏنو اسان ڪپڙو ۽ ٻيو سامان کڻي کِلندا، نچندا گانا ڳائيندا گهر پهتاسين ته ابا امان سان وڙهي رهيو هو. مون جيڪي پئسا امان کي ڏنا هئا سي به ڦري رهيو هوس. اسان تي نظر پيس ۽ اسان جي هٿن ۾ سامان ڏنائين ته صفا ٽپي ڳاڙهو ٿي ويو. مون کي ۽ ننڍي ڀيڻ کي اچي ورتائين:"چوريون ٻڌايو، ڪٿان آندوَ ايترا پئسا، جو هي هيڏو سامان وٺي آيون آهيو..."

امان اسان کي ڇڏائيندي چيو ته: "حميءَ پنهنجو پاندارو ڀڳو آهي،

تڏهن وڃي اسان کي ڇڏيائين، پر ڪاوڙ ۾ امان کي پيرئي پيٽ هوندي زوردار مُڪ هڻي مَڪان تي هليو ويو. امان ڏک لڳڻ سان صفا ساڻي ٿي پٽ تي ويهي رهي ۽ زارو قطار روئڻ لڳي،اُن ڏينهن اسان جي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه ڪونه هو. سو مون وراندي ۾ ٽنگيل ڳوٺري کنئي ته پئسا ڪڍي ڪجهه سامان وٺي اچان، پر ڳوٺري کنيم ۽ اُن ۾ هٿ وڌم ته ڪاريءَ وار ڳڪ هئا. امان مون ڏانهن نهاريندي چيو:

"حمي پڻهين سڀ پئسا کڻي ويو ۽ مون کان به ڦري ويو..."

منهنجي اکين مان به ڳوڙها وهي آيا، مان رڌڻي ۾ ويس، وٽو ۽ پليٽ کنيم ۽ ماسي شهزادي جي گهر ويس. اسان جي گهر ۾ جڏهن ڪجهه کو نه هوندو هو ته مان وٽو ۽ پليٽ کڻي ماسي شهزادي جي گهر ويندي هيس. ماسي شهزادي وٽي ۾ اٽو ۽ پليٽ ۾ ڪا ڀاڄي ڏيندي هئي، ماسي شهزاديءَ جو موڊ خراب هوندو هو ته ڏڙڪا ڏيندي هئي، پر پوءِ به اٽو ۽ ڀاڄي خالي وٽي ۽ پليٽ ۾ وجهي ڏيندي هئي. اڄ به جيئن مون کي ايندي ڏٺائين ته چيائين:

"اڇو اچي وٺي سياڻي، ڪجهه وٺڻ لاءِ!..."

اُن لمحي منهنجو اندر ونجي ويو. اندر ئي اندر ۾ پاڻ کي گهٽ وڌ چوڻ لڳس. بس اُن ڏينهن ته ماسي شهزادي جيڪو ڏنو کڻي گهر آيس، پر

ڏِل ٿي دل ۾ پڪهُ ڪيم ته هاڻي ڪڏهن به ماسي شهزاديءَ جي گهر ڪجهه وٺڻ نه وينديس. ڀلا ڪيستائين اسان ايئن هر ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيندا رهنداسين. بس اُن ڏينهن جيڪي پئسا هئا تن مان چڱا وٺي آيس, صبح جو ٻاپاءُ کي چٽن جو ٽالهه ٺاهي وڪڻڻ لاءِ موڪليم, اسڪول مان موٽي اچڻ کان پوءِ گهر ۾ پيل پراڻي سِلائي مشين ڪڍيم ۽ جهڙي تهڙي سلائي ڪرڻ شروع ڪيم, ٿوري عرصي ۾ مان سُٺي سلائي ڪرڻ سِکي ويس, اسڪول به روز وڃڻ لڳس, سلائي ۽ چولن جي ڪمائي مان به پئسا بابا کي ملندا هئا ته هو چُپ رهندو هو. ايئن مان پنهنجي گهر کي سنڀالي ويس, وقت سان ميٽرڪ انٽر ۽ پوءِ بي اي به ڪري ڇڏيم. تنهن کانپوءِ نوڪري ملي, نوڪريءَ مان ڀينر, ڀائر پڙهايم, پڙهي لکي جڏهن ڀائر نوڪرين وارا ٿيا ته شاديون به ڪيائون, ڀينر به پنهنجي گهر واريون ٿي ويون. ڀائر پنهنجي ٻچن ٻارن ۾ پورا ۽ ڀينر پنهنجي گهرن ۽ وَرن ۾ مصروف ٿي ويون, پَر اُها اڪيلائي ۽ پيڙا اڄ به مون سان گڏ آهي, رشتا پنهنجون معنائون وڃائي ويٺا, جنهن ڪري اُها ئي پيڙا ساڳئي تسلسل سان هلندي اچي ۽ اڪيلائي جنهن ۾ ڪو به سهارو ڪونهي ٿيندو. مون گاڏي سائيڊ تي ڪئي, گاڏيءَ مان لهي ڀانداري واري کان هڪڙو وڏو ڀاندارو ورتم...سڌو آفيس آيس, آفيس جي شيلف ۾ اهو ڀاندارو رکي ڇڏيم, مان هر روز اُهو ڀاندارو ڏسندي آهيان, خوش ٿيندي آهيان ۽ اِهو سوچي ڪجهه پئسا ڀانداري ۾ وجهندي آهيان ته, جڏهن اِهو ڀاندارو ڀرجي ويندو ته, سڀ پئسا ڪڍي ڪنهن غريب ڇوڪري کي پڙهائيءَ ۾ مدد طور ڏئي ڇڏيندي آهيان. ايئن ڪرڻ کان پوءِ هاڻي منهنجي پيڙا ۽ اڪيلائي ڄڻ ته گهٽجڻ لڳي آهي.

****

# سنگِ مرمر ۽ سنگ تَراشُ

هنن کي ريلوي اسٽيشن تي ويٺي ڪيترائي ڪلاڪ گذري چڪا هئا. ڊسمبر جي ٿڌي رات هئي، اسٽيشن جي آس پاس سرنهن جا زرد پتا هوا جي زور تي زوڪاٽ ڪندا، هِنن جي پيرن هيٺان لامارا ڏيئي رهيا هئا. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هنن جي ايتري سالن کان پوءِ ميلاپ تي رقص ڪري رهيا هجن. شايد هنن جي وڇڙڻ جي ڏُک ۾ ئي هوُ زرد ٿيا هئا. ڪڏهن نہ ويندڙ خزان ۾ ڪٽي رهجي ويا هجن. ڊسمبر جي ٿڌڙي رات ۾ سرنهن جي زرد پتن جي رقص ۽ پٽڙين تان گذرندڙ ريل گاڏي جي مڌُر موسيقيءَ سڄي وايومنڊل کي محبتن جي سٽن سرن ۾ جڪڙي ڇڏيو. ان تي وري رکي رکي سرنهن جي خوشبوءِ هڪ هُٻڪارُ واسي ڇڏيو. هنن کي ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ سندن گڏجڻ تي ڪائنات جا سڀ رنگ ۽ سُرَ اڄ اچي اسٽيشن تي گڏ ٿيا هجن. ٻنهي جي چهرن تي هڪ عجيب مرڪ هئي، هڪ اهڙي مرڪ جنهن ۾ هاڻي ملڻ ۽ وري وڇڙي وڃڻ جو ڊپ نہ هو. انڪري جو ملڻ ۽ وڇڙڻ زندگيءَ جا اهڙا خوبصورت احساس آهن جيڪي پنهنجي اندر ۾ انيڪ درد رکندڙ ڪيفيت آهن ۽ ان خوبصورت ڪيفيت جو نالو ئي محبت آهي. پوئين ڪيترن ئي ڪلاڪن کان هنن اسٽيشن تي ويهي واپس اچڻ وارن جي چهري جي خوشي ۽ وڇڙي وڃڻ وارن جي ڏُک جي ڪيفيت کي پنهنجي اندر محسوس ڪيو. ايتري ۾ سرد هوا جي جهونڪي تي هِيرَ جي جسم مان سسراٽيون نڪري ويون ۽ سانول پنهنجي ڪلهي تان مفلر لاهي، هِيرَ جي ڪُلهن تي رکيو. هيرَ ان مفلر کي پنهنجي خوبصورت چپن تي آڻي هڪ چمي ڏيندي چيو:

“سانول هن مفلر ۾ اڄ تائين تنهنجي ساڳي پرفيوم جي خوشبوءِ آهي، جيڪا تون هڻندو هئين، تنهن ڪري اهو منهنجي پسند جو پرفيوم ٿي ويو هو.”

ڪيتري دير جي خاموشيءَ کانپوءِ سانول پنهنجا چپ چوريا: “توکي خبر آهي هيرَ! تہ مان زندگيءَ جي هر پل ۾ توکي محسوس ڪري جيئندو رهيو آهيان، مون پنهنجي محبت جو تاج محل ٺاهڻ لاءِ پنهنجي لفظن جي تيشي ۽ ڇيڻي کڻي شروعات ڪئي. مون ڄاتو ٿي تہ هن شاهڪار ٺاهڻ کان پوءِ وقت جا حاڪم منهنجا هٿ ڪپي ڇڏيندا، مان ماريو ويندس، پر پوءِ بہ مون هڪ لازوال شاهڪار ٺاهي ابد کي ازل ڪرڻ ٿي چاهيو. ڇاڪاڻ تہ لفظن جا خالق سنگتراش ڏاڍا ضدي هوندا آهن. ڪيئي سال گذري ويا. آئون دنيا کان بي خبر مٽيءَ ۾ بدن ٻيوٽ، زخمي هٿن سان لفظن جي سنگمرمر جو تاج محل ٺاهڻ ۾ مصروف رهيس ۽ آخر ڪار جڏهن مون سمجهيو تہ منهنجي تخليق مڪمل ٿي وئي آهي تہ مون وقت جي بادشاهہ کي چيو منهنجي لافاني تخليق تنهنجي هٿن سان رونمائيءَ لاءِ تيار آهي ۽ مان ڄاڻان ٿو ان ڏينهن منهنجا هٿ ڪپيا ويندا پر مان ان ڪري بہ خوش آهيان تہ پوءِ ڪوبہ اهڙي لافاني تخليق جو تصور بنهہ ڪري سگهندو... اهو منظر بہ عجيب منظر هو نغارن سان گڏ هجوم ۾ بادشاهہ کي لفظن جي هڪ سنگتراش جي تخليق جي رونمائي ڪري سندس هٿ ڪپڻا هئا. منهجي تاج محل تان سرمائي بخملي ڪپڙي کي هٽايو ويو تہ ڏسندڙن هڪ عجيب منظر ڏٺو. تاج محل جي جاءِ تي موهن جي دڙي جي ناچڻيءَ جي روپ ۾ تون بيٺي هئينءَ. پنهنجن پورن جلون سان بي لباس، تنهنجا ارهہ تاج محل جي گنبذن جيان خوبصورت لڳي رهيا هئا ۽ تنهنجي سونهري جسم مان روشنيون پئي

ڦٽيون، تنهنجي انگ انگ مان نڪرندڙ تجليون، ڏسندڙن جي اکين کي کيرو ڪري ڇڏيو هو. سرمائي بخمل جو ڪپڙو جنهن مان گلاب ۽ عطر جي خوشبو ٿي آئي، تنهنجن قدمن ۾ پيو هئو. تنهنجو مرڪندڙ مهتاب جهڙو چهرو روشن هو...جلاد جڏهن منهنجا هٿ ڪپڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته بادشاهہ طرفان حڪم ٿيو...هي تخليق ته تاج محل کان به خوبصورت آهي، مان هن جا هٿ نہ ڪپيندس، سو مان چاٽان ٿو تنهنجي بخملي لباس جي اندر جيڪو جسم آهي اهو ڪيترو خوبصورت آهي...تاج محل کان به وڌيڪ خوبصورت تنهنجن ارهن جي گولاين ۽ خوبصورت بدن ۾ فقط آئون ئي سڄي ڪائنات جو حسن ڏسي سگهان ٿو. هِيرَ سانول جي لفظن جي گهرائي ۾ گم ٿي وئي. هن کي اهي ڏينهن ياد اچي ويا جڏهن آرٽس ڪائونسل ۾ سانول سان گڏ ويهي شيما جو رقص ڏسندي هئي، هنن کي رقص سان عشق هو جڏهن شيما رقص ڪندي هئي ته ان جي پيرن ۾ پيل گهنگهروئن جي جهنڪارَ ۾ گم ٿي موهن جي دڙي جي ڪنهن محل ۾ پنهنجو پاڻ کي رقص ۾ محُو ڏسندي هئي، ان محل جي تخت تي سانول ڪنهن سنگ تراش جيان هن جي رقص ڪندڙ مورتي تراشي رهيو هو. جڻ دنيا کان بي نياز پنهنجي جسم جي زبان سان پنهنجي محبوب لاءِ محبت جو اظهار ڪري رهي هجي ۽ رقص ڪندي ڪندي پنهنجن گهاٽن وارن کي سانول جي منهن تي ڪنهن گهنگهور گهٽا جيان ڦيرا ڏنا. انهن گهٽائن جي واس سان محل پيار جي رقص ڪندڙ خوشبوئن سان واسجي ويو هجي، هن قليءَ جي آواز تي ڇرڪ پريو جيڪو سانول کي چئي رهيو هو ته:"رات جو پوڻون پهرُ به گذري ويو آهي، هاڻي هن اسٽيشن تي فجر کان پهرين ڪا به ريل ڪانہ ايندي توهان کي ڪٽي ويٺو آهي، شام کان وٺي توهان ويٺل آهيو."

سانول پنهنجي چپن تي هلڪي مرڪ آڻيندي قليءَ کي چيو:

“اسان هاڻي اهڙا مسافر آهيون جن کي ٽرين جي نڪري وڃڻ جي ڳڻتي ناهي هوندي.”

سانول جي جواب تي قلي حيران ٿيندي اڳتي هليو ويو. پرسان بيٺل هٿ ۾ ڪيٽلي جهليل چانهه واري چيو: “صاحب چانهه پيئندا؟”

سانول ڪنڌ جي اشاري سان ها ڪئي، چانهه واري پياليءَ ۾چانهه اوتي سانول کي ڏني ۽ ٻي پيالي پيرڻ لڳو ته سانول چيس: “هڪ پيالي ڪافي آهي.”

هن پيالي کي هِيرَ جي خوبصورت چپن اڳيان آڻي چيو: “هِيرَ ياد اٿئي ڪيئن پاڻ سدائين يونيورسٽي جي ڪينٽين ۾ هڪ ئي پيالي ۾چانهه پيئندا هئاسين ۽ سڀ دوست اسان جي عشق جو مذاق پيا ڪندا هئا.”

هِيرَ اڄُ جڻ ڪنهن خوابن جي طلسماتي دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي رقص ڪندڙ راڻي محسوس ڪري رهي هئي. ڪنهن محل جي اونچن مينارن تي جتي صرف سانول هو ۽ آس پاس محبتن جا مينار هئا، هِيرَچانهه جو ڍُڪُ ڀريو ۽ سانول به پنهنجا چپ پياليءَ جي انَ حصي تي رکيا جتان هيرَ ڍُڪُ ڀريو. اسٽيشن تي چوڏاري خاموشي ڇانيل هئي، ڪجهه قلي پٿرجي بينچن تي پنهنجي زندگيءَ جا ٿڪ لاهڻ لاءِ ليٽي پيا هئا. ڊسمبر جي مست هوائن تي سرنهن جا پيلا پتا محبت جا مڌُر سُرَ ڇيڙي رهيا هئا. جنهن سان خاموشي سندر سرن ۽ سازن ۾ جهومي رهي هئي، شايد ان کي به چُپ رهڻ کان ڪوفت پئي ٿي.

هيرَ جا هٿ ٿڌا برفَ ٿي چُڪا هئا، هن هٿ جرسيءَ جي کيسي ۾ وڌا. سانول اهو ڏسي هِيرَ جا ٻئي هٿ هٿن ۾ جهلي پنهنجي چپن تي رکيا ۽ چوڻ لڳو: ”هيرَ تون سنگِ مَرُ مَرُ آن...“

هيرَ جواب ڏنو: ”۽ تون سنگتراش...جيڪو بي جان پٿرن کي محبتن جي اوزارن سان تراشي، پيار جا خوبصورت بت جوڙي ٿو.

هِنن کي اسٽيشن تي رکيل پٿر جي بينچ تي ويٺي ڪيئي ڪلاڪ گذري چُڪا هئا، اڄ وقت هنن جي لاءِ آهستي آهستي هلي رهيو هو يا ڊسمبر جي سرد رات ڪجهه وڌي ٿي وئي هئي، جنهن رات ۾ ماڪَ ڦڙَنِ سان گڏ هيرَ ۽ سانول هٿَ هٿُ ۾ ڏيئي چپَ چَپَنِ تي رکي محبت جا جام پي رهيا هئا. جنهن جي گرميءَ سبب ڊسمبر جي ماڪَ ڀنل رات ۾ ٻه سانول جي نرڙ تي پگهر جون بوندون نروار ٿيڻ لڳيون. هيرَ چيو: ”سانول ڪافي دير ٿي ويئي آهي اُٿُ ته هلون...“

سانول هيرَ جي اکين ۾ نهاريندي ٿڌو ساهه ڀريندي چيو:”جو حڪم سرڪار جو....“

سانول پنهنجو هٿ اڳتي ڪندي هيرَ جي سنهڙي چيلهه ۾ وڪوڙي چڏيو ۽ هلڪا هلڪا قدم کڻندا اسٽيشن کان ٻاهر نڪري آيا، جتي بيٺل ڪار جو دروازو کولي سانول هِيرَ کي ويهڻ لاءِ چيو.

هاڻي هي ٻئي زندگيءَ جي اهڙي موڙ تي بيٺل هئا جتي ملڻ تي ڪو پهرو هو ۽ نه وڇڙي وڃڻ جو ڏکُ.

****

پاندارو : ياسمين چانڊيو

# خوشيءَ درد جو ميلاپ

اڄ وري منهنجي وجود ۾ ان جي يادن جا پڙلاءَ،ڪنهن ريگستان ۾ تپندڙ ريت جيان پئجي رهيا آهن. جيڪا ڌرتيءَ جي دل کي ساڙيو ٽوٽُ ٻڻائيندي آهي، پوءِ ڌرتي ان ريت جي تپش سان لُوساڄندي رهندي آهي، پر ٻڙڪ ٻاهر ناهي ڪيندي، بس ڪڏهن ڪڏهن. آسمان اُن جي اندر جو آواز ٻڌي ورندو آهي، جيڪو ڌرتيءَ جي تپش سان بادلن کي جنم ڏيندو آهي، جيڪي اُن جي اُجايل ۽ ٽوٽِ ٿي ويل دل کي ڪجھ وقت لاءِ ٿڌو ڪندا آهن، ان جي اُجايل چپن تي، ٿوري اُداسي گهٽ ٿيندي آهي ۽ خوشيءَ وچان ڌرتيءَ جي دل مان نيون زندگيون جنم وٺنديون آهن، ڪيڏو نہ عجيب ميلاپ هوندو آهي، ڌرتيءَ ۽ آسمان جو. هڪ ٻئي کان ڏورُ هجڻ ڪري بہ آسمان ڌرتيءَ جي گرمائش کي محسوس ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڏ ڦڙا وسائي، اُن کي سيرابُ ڪندو آهي تہ ڪڏهن سج جي چوڌاري ڦري وڃي، ڌرتيءَ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندو آهي، پر منهنجو آسمان ڪٿي آهي، جنهن جي يادن ۾ منهنجو من سڙي ٽوٽُ ٿي ويو آهي.

ڪڏهن اُن تي پنهنجي محبت جو وڏڦڙو وسائيندو...!؟

منهنجي ريزه ريزه وجود کي پنهنجي هٿن سان ميڙي، پنهنجي سيني سان لڳائيندو. ڪاش هِنَ دنيا ۾ دردن جو وجود نہ هجي ها، درد ڪيڏو نہ ڏُکائيندڙ لفظ آهي، جڏهن ڪو ڏئي ٿو يا جيڪو ان مان گذري ٿو.

هڪ ڏينهن مان نڪري ويس درد جي تلاش ۾ هلندي هلندي، رستي تي رات ٿي وئي، پريشانيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ لڳس، اوچتو ڪنهن کي پنهنجي طرف ايندي ڏٺم، هڪ روشني، جيڪا منهنجي ويجهو ايندي پئي وڃي ۽ ويجهو اچڻ تي روشنيءَ جي پويان هڪ

خوبصورت نوراني چهرو وار اڇا چانديءَ جهڙا، اُن پنهنجي ٻاجهاري آواز ۾ چيو:"تون هن وقت جهنگل ۾ ڇا ٿي ڪرين..؟"

هنُ اڇو ڪيرَ جهڙو هٿُ منهنجي مٿي تي رکندي چيو: "هل پر ۾ منهنجي جهوپڙي آهي."

مان ٻي ڪا واٽ نہ سمجهي اُن جي پويان هلڻ لڳس، ڪجهہ پنڌ تي اُن جي جهوپڙي هئي، جيئن ئي اندر داخل ٿيس تہ سامهون ويٺل هڪ ٻئي نوراني چهري منهنجي آجيان ڪئي ۽ هٿُ وڌائيندي چيائين: "مان درد آهيان، جنهن جي تون تلاش ۾ آئي آهين."

پويان بيٺل نوراني چهري چيو:""مان خوشي آهيان ۽ اسان صدين کان گڏُ آهيون."

مان حيران ٿيندي پڇيو: "درد ۽ خوشي..."

"ها....."

انهن ٻنهي نوراني چهرن هم آواز ٿي مونکي جواب ڏنو ۽ ويهڻ جو اشارو ڪيو. خوشيءَ پرسان رکيل ڪٽليءَ مان چمڪيلي پيالي ۾ ڪجهہ اوتي مون ڏانهن هٿ وڌائيندي چيو: "هي پي، جيئن توکي ٿورو سڪون اچي."

مون سوال ڪندي چيو: "هي ڇا آهي؟"

درد جوابُ ڏنو:"محبت جو جام..."

مون پڇيو: "مان پي چُڪي آهيان ۽ اُنَ پيتَل جامَ جيڪي بي وفائيءَ جو دردُ ڏِنُو تنهن کي ڳولڻ لاءِ ئي هن بيابان ۾ ڀٽڪان ٿي."

دردَ چيو: "هِڪُ دفعو ٻيهر پي، پوءِ توکي دردَ جي اصليت ٻڌايان ٿو."

مون ڊِڪُ ڪري هِڪُ دفعو ٻيهر محبت جو جامُ پيتُو جنهن جي پيئڻ سان منهنجي اندر بي وفائيءَ جو دردُ گهٽجڻ لڳو. منهنجو هڪ هٿُ دردَ پنهنجي هٿَ ۾ پڪڙيو ۽ ٻيو هٿُ خوشيءَ پنهنجي هٿَ ۾ جهليو ۽ مونکي جهوپڙيءَ کان ٻاهر وٺي آيا، ڪاري انڌاري رات، دردَ مونکي

اشارو ڪندي چيو: “هي انڌاري راتِ دردُ آهي، پر جيڪڏهن انڌيرو نہ هجي ها تہ هي تارن جو ٽمٽمائڻ تون ڪيئن محسوس ڪرين ها، جيڪي انڌيري جي جوڀن ۾ ئي پنهنجو وجود زنده ڪندا آهن.”

خوشيءَ هڪدم مٿي اشارو ڪندي چيو:“هوُ ڏِسُ ٽٽندڙُ تارو، جنهن جي ٽٽڻ جي دردَ ۾ هزارين اُميدوُن سمايل آهن، هو پاڻ کي پنهنجي ولرَ کان الڳ ڪري ٻين جي اُميدَن لاءِ اُجالو بڻجي ٿو.”

اُنَ وقت مونکي پنهنجو دردُ بي معني ۽ اڌورو لڳڻَ لڳو.

****

# بي وفائي

پورو ڪلاڪ سمجھائڻ ۽ بحث ڪرڻ باوجود......

“هاهاهاهاها.....”هن وڏا ٺهڪ ڏيندي اوپرائپ واري لهجي ۾ چيو:

“اوهين ليکڪ لفظ جوڙڻ جا ماهر آهيو.”

سمنڊ جي گجگوڙ ڪندڙ لهرن جي شور ۾ رضيہ جا ڏنڊلا ٺهڪ منهنجي ڪنن جي چوديواري سان ٽڪرائجي کُليل فضا ۾ وکرجي ويا. آئون ظالم شڪاري جي گهيري ۾ آيل معصوم هرڻ جيان حراسيل رهيس ڇاڪاڻ تہ رضيہ جا لفظ مون کي پنهنجو پاڻ لاءِ ٿي اوپرو ٻڌائي رهيا هئا.

“اوهين ليکڪ لفظن سان اهڙا ريشمي ڄار اُڻندا ويندا آهيو. جو ماڻهو ان ڄار ۾ ڦاسندو ويندو آهي ۽ پاڻ کي اوهان جو ڪري ڇڏيندو آهي پر آئون انهن مان ناهيان, ليڪن جي طلسم بازيءَ کان چڱي ريت واقف آهيان, اوهين ليکڪ فقط پنهنجي ڪتابن جي دنيا تائين سٺا هوندا آهيو.” رضيہ طنزيہ ٺهڪ ڏيندي ڳاڙهسڙي سرخي لڳل چپڙن تي برقرار رکندي وراڻيو.

گهڻو ئي چاهيم چئي ڏيانس تہ “تڏهن ليکڪ لفظن جي دنيا ۾ مجتا ماڻيندا آهن, جيڪڏهن هو عملي ڪم بہ لکڻين جي ڪردارن جيان سرانجام ڏين تہ هوند هي دنيا جنت نہ ٿي پئي, پر الائي جي چو لڱن منجهان ساهہ پرواز ٿيندي محسوس ڪيم, پنهنجي زبان پيٽ بکايل ٻار جيان ڪمزور لڳي, لفظ اڪلڻ کان ڪيٻائي رهيا هيا, حسرتن جي چنڊ

جي زرد روشنيءَ ۾ هيٺ موجود منهنجي من جو اڱڻ اماوس جي گهيري ۾ جڪڙجندي محسوس ٿيو.

“اسد هو ڏس...”

ڪافي دوري ڪان ايندڙ سمنڊ جي لهرن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين.

نماڻا ۽ مرجهايل حسرتن ڀريا نيڻ مٿي ڪري ڇولين طرف نهارڻ لڳس، جيڪي اسان ڏانهن ايندي اينديپنهنجو وجود فنا ٿي ڪنديون رهيون.

“ڏسين پيو نہ....؟”

“جي ها !”

ڳيت ڏئي نڙيءَ ۾ قاتل ڪنهن ڳوڙهي سان مقابلو ڪندي، دردن سان ٽٻٽار آواز ڪڍيم: “هنن لهرن ۽ پنهنجي جيون ۾ ڪو بہ فرق نہ آ.”

رضيہ منهنجي مرجهايل گلاب جهڙي مک ڏانهن تڪيندي وراڻيو.

آئون نظرون ملائڻ جي سگهہ نہ ساري سگهيس، الائي جي ڇو رضيہ سان جنمن جو ناتو هوندي بہ ماحول ڇڻ اوپرو محسوس ٿيڻ لڳو. ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ رضيہ ۽ منهنجي هيءَ پهرين ملاقات هجي.

ان رضيہ سان جنهن جي يادگيرين جا بادل ذهن جي سرزمين تي هر وقت ٿي برسندا رهندا هيا. ان رضيہ سان جنهن ڪانسواءِ جيون ٻسو ٻسو محسوس پيو ٿيندو هو. ان رضيہ سان جنهن جي ناراضگي ۾ هيءَ سندر ڪائنات اجڙيل آرٽ جيان لڳندي هئي ان رضيہ سان جنهن جي بغير منهنجي زندگي جي ٽرين جو هلڻ ناممڪن هيو.

“ڇا ٿيو اسد توسان آهيان نہ؟”

“جي ٻڌايو .......!!”

مرجهايل چهرو مٿي ڪندي وراڻيم.

"چيم پئي تہ سمنڊ جي لهرن ۾ پنهنجي جيون ۾ ڪو بہ فرق نہ آ، ڇوجو سمونڊ جون لهرون مرنديون ۾ پيهر جنم وٺنديون رهنديون آهن تڏهن تہ شايد پنهنجي منزل ماڻينديون آهن."

"ڇا مطلب"

"هاڻ تو ليڪ ڪي مطلب بہ سمجهائڻو پوندو."

رضيہ نڙيءَ جو آواز نڪ منجهان ڪيندي وراڻيو.

"هاهاهاهاها...."

ڪا خبر ئي نہ پئي سچ جي لوساٽيل لالاڻ جهڙي ڇپڙن مان ٿڪ سالن کان قيد ٻڌيل پکي جي آزادي جيان ڦڙڪات ڪندي نڪري پيا. ڇيومانس: "اها اوهان جي بيوقوفي ڇٽبي جو ليڪن ڪي عقل ڪُل سمجهي انهن تي عقيدو آڻيو ٿا."

"ها اها بہ ڳالهہ آهي اسد پر خير..."

رضيہ ڪنهن ٻئي موضوع تي سوچيندي لاشعوري انداز ۾ وراڻيو.

ڪراچي شهر ۾ وڏين وڏين عمارتن جو هجڻ، سمنڊ ڪناري پريمي جوڙن جي ملڻ جو منظر، هائي وي روڊن تي وڏين گاڏين جو تيزيءَ سان هلڻ، فيڪٽرين جي گندگي سان لڙاٽيل فضا، دل کي بي چين ڪندڙ شور ۾ تماشائين جهڙو ماحول ذهن قلمبند ڪندو ٿي رهيو ۾ بازي هارايل جواري جيان رضيہ کي چيم: "چڱو يلا اچ هٿ ۾ هٿ ڏئي سمنڊ ڪناري مونسان ڪن پنڌ هلُ."

ايئن ڪافي دير تائين، رضيہ جو هٿ پڪڙي سمنڊ جي لهرن کي ڪناري تائين پهچندي فنا ٿيندو ڏسندو رهيس، ڪافي خاموشي بعد رضيہ ڳالهايو: "اسد ايئن يلا ڇو؟؟"

"ڇا ڇو؟؟"

"اڄ پاڻ هڪٻئي کي اجنبي ڇو پيا لڳون ۽ ايئن لڳي رهيو آهي اڄ کانپوءِ پاڻ ٻيهر مشڪل ملون."

رضيه جي زبان منجهان اهي لفظ ٻڌي پيرن هيٺان سمنڊ جي واري جهڙي زمين کسڪندي محسوس ٿي. جسم ۾ درد جو هڪ زلزلو برپا ڪري ڇڏيو. من جو آڪاش ڏڏڻ لڳو. جذبات پالار منجهه ٽنگجي بيهي رهيا خيال ٿاهڙ پکي جيان ڦڙڪو ڏئي وس جي پنجري مان آزادي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندي پائنيم. هوش خطا ٿيڻ لڳو ته رضيه وجود کي ڌوڏيندي چوڻ لڳي:" توسان آهيان نه؟"

"ڇا ڪُڇان رضيه؟"

"ڇا پرن بنا ڪو پوپٽ اڏامي گلشن طرف پهچي سگهي ٿو؟ يا ڪو انڌو ڊوڙ ۾ حصو وٺي ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو؟"

"ڇا مطلب...!!!" پگهرآيل منهنجي چهري طرف نهاريندي، رضيه تجسس منجهان پڇيو.

چيومانس:"مطلب ته اوهين منهنجي زبان پنهنجي تلخ لفظن سان ڪٽي ۽ ڇئو ٿا ته ڳالهايو . . .ڇا اهو ممڪن آ؟"

"ڏس يار مان توسان حقيقت پئي ڪريان؟"

"هونهن ... حقيقت...!!!"

"ڇا ٿيو؟"

"ڇا ٿيندو؟ پاڻ ان رمتي جوڳيءَ جيان آهيون، جنهن جي مسافري ۾ منزل تي پهچڻ جي ڪا ڪلپنا ناهي هوندي، پاڻ ان نينگر جيان آهيون جنهن جي ذهن ۾ بغض ۽ حسد جهڙا خيال نه هوندا آهن، پاڻ ان بنا

بريڪ ٿرين جيان آهيون، جنهن جي ڪٿي به ڪا اسٽيشن قائم ناهي ۽ نه وري ڪو اسٽاف آهي...“

”اڙي يار توکي ڪيئن سمجهايان؟“ رضيه نرڙ تي هٿ رکندي چيو.

”بلڪل رضيه تو سچ چيو هو ته ڀاڻ ليکڪ لفظن کي جوڙڻ جو فن ڄاڻون ٿا. ڀاڻ کي ڪهڙي خبر ته احساس ڇا آهن؟ ۽ انهن ئي احساسن منجهان جنم وٺندڙ پيار ڇاهي؟ ڪنهن کي حاصل ڪندي به وڃائڻ واري تڙپ جو درد ڇا ڏيندو آ؟ ڀاڻ کي ڪهڙي خبر، بس ڀاڻ ته رڳو لفظن کي تحريرن ۾ قيد ڪري ڄاڻون...پر رضيه لفظن کي تحريري روپ ۾ ڪنهن پورهيت عورت جيان ڀرت ۾ اڻڻ سولو نه آ. درد جڏهن به سهپ جون حدون اورانگهي ويندو آهي ته انسان خاموش ٿي ويندو آ ۽ شايد ان ئي خاموشي جي اظهار جو ٻيو نالو لفظن کي گرفت ۾ آڻڻ آهي.“

آئون لاڳيتو جذبات منجهان وراڻيندو رهيس. رضيه ڪجهه ڪين ڪڇي ۽ خاموش رهي.

”ٻڌ...! رضيه مان انهن ليکڪن منجهان ناهيان جو ڪنهن کي اجايو پريشان ڪري پنهنجي زندگي جو حصو بڻايان...مان ازل کان وٺي لفظن جي رضامندي تي هليو آهيان، جنهن ويل لفظ ڀاڻ هلي ايندا آهن ته ان وقت انهن کي مفهوم جو چولو اوڍي دنيا اڳيان متعارف ڪرائيندو آهيان، باقي ڀاڻ ڪنهن آڙيڪاپ ليکڪ جيان لفظن سان زوري زنا وارو رستو اختيار نه ڪيو آهي....“

”ڇا مطلب...؟“ اداسيءَ جي ڪيفيت منجهان رضيه وري پڇيو.

”صاف مطلب آ، ته اگر اوهين منهنجي شخصيت مان متاثر ناهيو ته اوهان کي علحيدگيءَ جو پورو پورو حق آهي ۽ آئون اوهان کي ڀاڻ ڏانهن آماده ڪرڻ جهڙو قدم نه کڻندس، باقي مون اوهان کي انتها تائين چاهيو

آهي ۽ تاحيات چاهيندس چاڪاڻ تہ اسان ڀھراڙيءَ جي ماڻھن جي سادگي ۽ سچائي ئي هميشہ سچاٽپ رهي آهي.“

”اوڪي گڊ باءِ اسد....“

رضيہ جذبات جي ورچڙهي، ناتو ٽوڙڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي ۽ جڏهن رضيہ مون کان موڪلائي وڃڻ لڳي تہ سندس هٿ کي جهلي روڪيندي چيو هيم:

”ٽورو بيھہ...“

تحفي ۾ ڏيڻ لاءِ آندل منڊي ڪيسي منجهان ڪڍي رضيہ ڏانهن وڌائيندي ٽٽل لفظن ۾ چيم:

”هيءَ تنهنجي لاءِ آخري گفٽ آندو هيم ۽ منهنجي خواهش هئي تہ توکي پنهنجي هٿڙن سان پارايان، پر خير ضروري ناهي تہ جيون جون سيئي خواهشون پوريون ٿين، تنهن ڪري تون پاڻ ئي پائي ڇڏجانءِ.“

رضيہ منڊي هٿن مان وٺي سمنڊ جي ڇولين حوالي ڪندي چيو تہ:

”مان توکي ناتو ڇنڻ جو اطلاع، ميسيج ذريعي ڏئي چُڪي هيس، بس تنهنجي آخري خواهش مطابق توسان ملڻ لاءِ سمنڊ ڪناري آئي هئس.“

۽ هوءَ تيز وکون کڻندي پرسان بيٺل رڪشا ڏانهن وڌي وئي.

جيسيتائين رضيہ جو ڏنڊلو وجود نظرن کان اوجهل نہ ٿيو آئون اميد ڀريل نگاهہ سان اوڏانهن تڪيندو رهيس.

****

# شادي

اج آخر ڪار پنج ڏينهن ونواهہ ۾ ويهڻ، ڪلهہ مينديءَ جي رسم کان پوءِ سڪينہ جو روشن سان نڪاح ۾ لائون لهڻ جو ڏينهن اچي پڳو. صبح کان گهر ٻاهران زردي پلاءُ جون ديڳون پچڻ لڳيون، ڪجهہ مهمان هفتو اڳ کان ئي ٽڪيل هئا، ڪجهہ صبح کان ئي اچڻ شروع ٿي ويا هئا، منجهند جي ماني کان اڳ گهوٽيتن جي جڃ بہ اچڻ واري هئي ۽ اوڙي پاڙي وارن ڇوڪرين ۾ ماسين هفتي کان لاڏا پئي ڳايا، جن جي نڙي ويهجي وئي هئي، پر اج تہ آخري ڏينهن هو لاڏن ۽ جهمرين جو وسڪارو ٿيڻ وارو هو ڪنواريتن ۽ گهوٽيتن وچ ۾ مقابلو ٿيڻو هو تہ لاڏن ۽ جهمرين ۾ ڪير زور آهن، باقي ڪپڙن، زيورن ۽ ميڪ اپ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي جنهن ۾ تہ بس ڪنهن جي شاديءَ جو انتظار رهندو اٿن تہ شادي ٿئي تہ وارو ڪن. پوءِ مايون ڪا ڪسر ڪان ڇڏينديون ڪنوار کان وڏيڪ جڃ واريون ميڪ اپ ٿڦينديون، ميڪ اپ ايترو جو اصل سڃاڻپ ۾ ڪونہ اينديون، سو سڪينہ کي بہ ساهڙين وهنجاري عطر، عنبير هڻي موتين سان پريل ڳاڙهو وڳو پهرائي تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويون. هوڏانهن پٽ جون ديڳون تيار ٿيڻ لڳيون گهوٽيتن جي جڃ بہ اچي پڳي، جيئن جڃ وارا لاريءَ مان لهي حويليءَ ۾ داخل ٿيا، لاڏو ڳائڻ شروع ڪيائون: “او آئي آئي راڻي جي جڃ آئي، وٺي ويندو مومل پاڻ سان.” ڄاڃين جو خدا ڏني شاندار آڌار ڀاءُ ڪيو. انڪري جو اُن جي وڏي نياڻي ثمينہ جو ڪوجهي هئڻ ڪري سڱ ڪو نہ ٿيو هو. خدا ڏني کي سڪينہ ۽ ثمينہ کانسواءِ ٻيو اولاد ڪونہ ٿيو هو.

خدا ڏني کي رب جي ڏني مان گنج هو. پيءُ طرفان ڏنل زمينون مال جا ٻه واڙا ۽ هي هيڏي وڏي حويلي جيڪا ايڪڙن تي مشتمل هئي، جنهن جي هڪ طرف وڏو باغ، ٻئي طرف وڏا وڏا ٻه دالان ۽ ڪشاده اڱڻ، جنهن جي اڌ تي ڪاٺيءَ جي ٻڌائين سان ڇتيل ڇت جنهن جي هيٺيان خوبصورت ڇٽن وارا پلر لڳل هئا. سڄي شهر ۾ خوبصورت حويليءَ خدا ڏني جي هئي، جيتري حويلي خوبصورت هئي اوترو ئي خوبصورت دل جو مالڪ هو. پٽ جو اولاد ڪونه هئس، بس الله جي رضا سمجهي، ٻي شادي ڪونه ڪيائين. مائٽن گھڻو ئي چيس ته ٻي شادي ڪر ۽ سنا سڱ ٻه گهر ويٺي مليس پئي، پراهو چئي شادي ڪونه ڪيائين ته ان مان ٻه ضروري ناهي ته پٽ جو اولاد ٿئي.

خدا ڏني ڌيئرن کي ٻه پٽ سمجهي پاليو. ٻنهي نياڻين جي عمرين ۾ ٽئن سالن جو فرق هو. جڏهن نياڻين جي عمر شاديءَ لائق ٿي ته جيڪي سڱ لاءِ اچن، تن کي ثمينه بدران سڪينه وڻي، تنهن ڳالهه جي خدا ڏني سميت سمورن گهر ڀاتين کي ڪافي ڳڻتي هئي. ايئن ثمينه جي شادي اڳ ۾ ڪرڻ جي چڪر ۾ نياڻين جون عمرون وڃن پيون نڪرنديون، تنهن ڪري نيت خدا ڏني سڪينه جو سڱ پڪو ڪري شادي ڏام ڏوم سان ڪرڻ جو پهه ڪيو. روشن جيڪو سڪينه جو ٽيڻ وارو ورُ هو. سو سلجهيل پڙهيل لکيل ڇوڪرو هو تر جي سني خاندان سان تعلق هئس. سندن خاندانن وچ ۾ ڪافي پراڻا واسطا هئا، پيو ته روشن ڪافي وقت کان سڪينه کي پسند ٻه ڪندو هو. سڪينه خوبصورت هئڻ سان گڏوگڏ سني سياڻ واري ڇوڪري هئي، ڪيترائي ڀيرا روشن جي پيءُ رشتي جي ڳالهه ڪئي پر خدا ڏني اهو چئي ٽاريو ته: ”دعا ڪيو ثمينه وڏي نياڻي آهي، پهرين ان جو حق ادا ڪيان، پوءِ سڪينه جو روشن سان رشتو ڪندس.“

پر ثمينہ جو ڪٿان بہ جوڳو رشتو نہ آيو. تنهن ڪانپوءِ نيٺ سڪينہ جي شادي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انتظار ۾ ڪڏهو ڪو بيٺلن ڪنواريتن ڄڃ جي پهچڻ تي گهوٽ سميت سڀني ڄاڃين تي گل ڇٽيا. ڄڃ جي پهچڻ سان ڪجهہ دير ۾ ئي ٻت جا ڀريل ٿالهہ ورهائجڻ شروع ٿي ويا. ٻاڪري گوشت ۾ پڪل پلاءُ سڄي پاڙي ۾ هڳاءُ ڪري ڇڏيو. مٺان وري ڏونگهي، بادام ۽ پستن سان ڀريل زردو جنهن ڄاڃين جي بک ويتر وڌائي ڇڏي، هر پاسي کان عورتن جا رنڀ پيا پون:“او ابا ٿالهہ ۾ ٻوٽيون تہ سرسيون وجهہ.”

گهٽن تہ ٻوٽيون گهٽ هجڻ ڪري ڪاوڙ ۾ ٻت ئي نہ پٽي ڪاڏو، ڪجهہ عورتون پاڻ ۾ سُس پُس ڪندي هڪٻئي کي چوڻ لڳيون:“ادي ٻٽُ بہ خوشامد تي ٿا ڏين، ڪنواريتن جي ٿالهہ ۾ وڏيڪ ٻوٽيون ۽ گهوٽيتن جي ٿالهہ ۾ گهٽ.”

ديڳين جي مٿان رنڀ لڳي پئي هئي، ويچارن ديڳيون پچائڻ وارن کي ڏاڍيون گاريون بہ کاٽيون پيون. پلا اهڙو مزي جو پلاءُ جيڪو بہ تازن ڇيلن جي گوشت ۾ رڌيل هجي سو ڪير ڇوي تہ پوئتي ٿيان. ڄڃ سان گڏ آيل عورتن تہ ڳوٺريون ڀري ڀري ڳنڍيون ٻڌي ٻت پٽي لڪايا، هوڏانهن نينگرين ڪنوار کي پٽي تيار ڪيو. جن سان گڏ ڪمري ۾ اداس ثمينہ پڻ ويٺي هئي، جنهن ڄاڃين واتان ٻڌو پئي تہ:“خدا ڏني جي وڏي ڌيءَ ڪوجهي آهي، جنهن جو سڱ ڪونہ ٿيو. سو هن ڌيءَ جي شاديءَ تي خرچ تمام گهڻو ڪيو اٿائين.”

اهي لفظن جا تير ننڍي هوندي کان ئي ثمينہ ٻڌندي پئي آئي. اڪثر اٽواقف ماڻهو اعتبار ڪونہ ڪندا هئا تہ هي ٻئي سڳيون ڀينر آهن. ثمينہ ماڻهن جي ڳالهين ۽ ننڍي ڀيڻ جي سونهن ڏسي اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندي رهندي هئي. اڪثر ڪاوڙ ۾ اچي سڪينہ کي پوندا ۽ پٽون پڻ ڏيندي هئي، تہ تون ايتري سهڻي ڇو آهين، جيڪر پيدا ٿيندي ئي مري پوين ها.

تنهن تي سندس پيءُ خدا ڏنو ۽ ماڻهنس پڻ ثمينہ کي سمجھائيندا هئا تہ: ”هوءَ تنهنجي ننڍي ڀيڻ آهي توکان ڪجهہ موچاري آهي تہ تنهن ۾ ان جو ڪهڙو قصور؟“

ماءُ دل رکڻ لاءِ اهو بہ چوندي هئس تہ: ”گهٽ تون بہ ناهين، تون تہ اسان جي وڏي ڌيءَ شهزادي آهين.“

پر خبر ناهي ڇو ثمينہ جي دل ۾ ننڍي ڀيڻ لاءِ ڪڏهن پيار ڪونہ جاڳيو. ثمينہ جنهن شهزادي سان لائون لهڻ جا خواب ڏٺا هئا، ان سان اڄ سندس ننڍي ڀيڻ لائون لهڻ واري هئي، هن هڪ نظر سڪينہ تي وڌي جيڪا اڄ ڳاڙهي جوڙي ۾ ڪوهہ قاف جي پري لڳي رهي هئي، هن جي نيڻن مان بہ گرم لڙڪ لڙي پيا، جيڪي هن جي ڳلن تان ٿيندا چولي جي هيٺيان ڇاتيءَ تائين پهتا ۽ گم ٿي ويا، ايتري ۾ سڪينہ جي نظر ڀيڻ تي پئي چوڻ لڳس:

”ادي ميڪ اپ تہ ڪر... تيار ٿي... ماڻهو ڇا چوندا...؟“

هن سڪينہ جي جواب تي پنهنجي منهن تي ڦڪي مرڪ آڻي چيو: ”ها ها... تيار ٿيان ٿي، منهنجي راڻي ڀيڻ...!“

اڄ پهرين دفعو سڪينہ ڀيڻ جي واتان اهڙو پيار ڀريو لفظ ٻڌي حيران ٿي وئي. ثمينہ اٿي ڀيڻ کي ڀاڪر ۾ ڀريو ۽ پيار مان ڳراٽڙي پاتائين،تنهن تي سڪينہ ڏاڍي خوش ٿي. سڪينہ کي لڳو تہ هاڻي هن جي شادي ٿي رهي آهي ۽ هن گهر مان وڃڻ واري آهي، ان ڪري ڀيڻ کيس پيار سان رخصت ڪرڻ ٿي چاهي.

اڄ واقعي بہ ثمينہ سيني جي سامهون خوش هئي، ڪجهہ سهيلن پڇيو: ”ثمينہ تون اڄ ڏاڍو خوش آهين.“

چوڻ لڳي: ”ڇو نہ هجان، آخر ننڍي ڀيڻ جي شادي آهي.“

اڄ ڀھريون دفعو خدا ڏني ۽ ماڻھنس ثمينہ کي ايترو خوش ڏٺو. ايتري ۾ در جو کڙڪو ٿيو. ماڻھنس آواز ڏنو: ”ڇوڪريون تيار ٿيو. نڪاح نامي تي ڪنوار جي صحيح ڪرائڻ لاءِ شاھد ۽ وڪيل اچن پيا.“

سڪينہ ۽ سندس سرتيون سڏيون تي ويھي رھيون. سڪينہ جو منھن گھونگھٽ ۾ ڍڪيائون تہ نڪاح پڙھائيندڙ قاضيءَ سان گڏ چاچو لالڻ ۽ ٻہ ٻيا مرد ڪمري ۾ داخل ٿيا. ٽي دفعا پڇيائون: ”سڪينہ ولد خدا ڏنو توکي روشن ولد فلاڻو بعيوض ھيترو حق مھر ... قبول آھي...؟“

ٽيون دفعو پڇڻ تي سڪينہ ڪنڌ لوڏي ھلڪي آواز ۾ ”ھا“ ڪئي.

ٻاھر ”مبارڪون ھجن، مبارڪون ھجن“ جا پڙلاءَ گونجڻ لڳا. گھوٽ سان گڏ آيل دوستن بندوقن جا ٺڪاءَ ڪرڻ شروع ڪيا. اڄ خدا ڏني جي حويلي جرڪي رھي ھئي، رنگ برنگي بتين سان، رنگ برنگي پاتل چمڪيلن ڪپڙن سان، لاڏن جي سرن سان، تاڙين جي گونجن سان، اھو سڀ ڪجھہ ڏسي خدا ڏنو ڪيڏو نہ خوش ھو. نيٺ ھن جي نياڻي جو نڪاح ٿي ويو. تنھن کانپوءِ گھوٽ ڪنوار کي حويليءَ جي وڏي دالان تي آندائون. جتي وڇيل گلابي رنگ سان، خوبصورت چٽيل ڪالين تي وھاريائون گھوٽيتن ۽ ڪنواريتن لائُن جي رسم شروع ڪئي. رسم دوران سيني رشتيدارن واري واري سان ڪنوار گھوٽ جا مٿا ٽڪرايا. وڏي پيڻ جي ناتي خدا ڏني ثمينہ کي چيو:

”امڙ پيڻ کي دعائن سان گڏ لائون ڏي.“

ثمينہ اٿي اچي ٻنھي جا مٿا ٽڪرايا. مٿو زور سان ٽڪرائڻ ڪري سڪينہ کان رڙ نڪري وئي، جنھن تي آس پاس ويٺل مائٽ چوڻ لڳا:

”امڙ آرام سان مٿو ٽڪرائبو آھي.“

پر ثمينہ ان جو ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

گهوٽيتن جو گهر ٻئي شهر ۾ هجڻ ڪري اڄ رات رهڻ جو بندوبست خدا ڏني اتي ئي ڪيو هو. ڪنوار گهوٽ جو ڪمرو تمام خوبصورت طريقي سان سجايو ويو هو جنهن ۾ مختلف قسمن جا گل لڳرايا ويا هئا. لائُن جي رسم کان پوءِ سڪينہ کي سجيل ڪمري ۾ وٺي آيا. جتي ثمينہ کي ماڻهنس چيو تہ:

"رڌٽي ۾ پيل بادام، پستن ۽ مصريءَ وڌل کير جا ٻہ گلاس ڪٽي اچ."

گهوٽ کي اچي سڪينہ جي ساهڙين ورايو. ان جا بوٽ لڪايائون

پيسا گهرڻ لڳيون. هر طرف خوشيون ئي خوشيون هيون. سڀ حويليءَ جي اڱڻ تي نچي ڳائي رهيا هئا. هاڻي سڪينہ ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي جنهن کي پيڻ ثمينہ آڻي کير جو گلاس پياريو. ڪافي دير ٿي وئي، آخر گهوٽ کي ڪنوار جي ڪمري ڏانهن وڃڻ جي اجازت ملي. گهوٽ جيڪو پنهنجي ڪنوار سان ملڻ لاءِ ڪيترن ڏينهن کان آتو ۽ خوابن ۾ گم هو. نيٺ اڄ هن کي پنهنجي ڪنوار سان ملڻ جو موقعو مليو.

هن ڪمري ۾ گهڙندي اندران در بند ڪيو. سامهون ستارن سان پريل ڳاڙهي وڳو پهريل سڪينہ پلنگ تي پاسيري ليٽي پئي هئي. شايد ٿڪاوٽ جي ڪري ننڊ اچي وئي هئس. روشن آهستي آهستي اچي سڪينہ جي پير ۾ وينو ۽ سڪينہ کي چوڻ لڳو:

"مونکي خبر آهي تہ تون ستل ناهين..شرمائين ٿي.. ان لاءِ ئي سمهڻ جا بهانا ٿي ڪرين..هي ڏس!تنهنجي لاءِ شاديءَ رات جو تحفو منڊي آندي اٿم. سابہ هيري جي، پر...توکان گهٽ ان ڪري جو تون اصلي هيرو آهين...او سڪينہ! يار هٿ اورتي ڪر تہ منڊي پارايانءِ... ڏسان تہ هڪ هيرو ٻئي هيري جي چيچ ۾ ڪئين ٿو لڳي...!!!؟"

روشن سڪينہ جو هٿ پڪڙي مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن جي دل ڏري پئي. سڪينہ جو جسم سڄو ٿڌو لڳو پيو هو. ان جي وات

مان رت سان ڳاڙهي گج پئي نڪتي، روشن جون وايون بتال ٿي ويون، ڪيس لڳو ڪنهن مٿس چپ ڪيرائي هجي، مشڪلن سان ڪمري جو در کولي ٻاهر رڙيون ڪندي نڪري آيو:

”او چاچا خدا ڏنا ڦهرُ ٿي ويو، سڪينہ زهرُ کاڌو آهي.“

ڪمري جي پير ۾ بيٺل ثمينہ ڏي شايد ڪنهن جو بہ ڌيان نہ ويو هو جنهن جي چهري تي فاتحانہ مرڪ هئي.

****

# لڙڪن سان لَئُون

جنهن ڏينهن کان منهنجي زندگيءَ جي ويرانن ۾ اُن جي محبتن جا ڏِيئا ٻرڻ لڳا، تڏهن کان، مون زندگيءَ جي ريگستان ۾ پاڻ کي هڪ نخلستان سمجهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. مونکي منهنجي زندگيءَ جو حاصل نظر اچي رهيو هو. ايئن لڳي رهيو هو. منهنجي لڙڪن سان صحرا هاڻي سيراب ٿي ويو آهي، هاڻي لڙڪن بدران ٿڪن سان لئُون لڳائڻي آهي. ٿڪ جنهن سان محبتن جي شهر ۾ زندگيءَ جي جوت جاڳندي ۽ اُها جوت منهنجي وسامي ويل من ۾ ڏياري جو ڏڻ آڻيندي ۽ ان روشنين ۾ مان پنهنجو عڪس ڏسي سگهنديس، جيڪو ڪڏهن کان انڌيرن جي ور چڙهي چڪو هو.

مان خوشيءَ وچان گنگائڻ لڳي هئس،منهنجي اکين ۾ لڙڪن بجاءِ محبت جون موجون رقص ڪري رهيون هيون...آ...ها...! محبت ڪيڏي نہ ضروري آهي انسان لاءِ، ڪائنات جي تخليق ئي محبت سان شروع ٿي آهي، ڪيڏو نہ اٽڪيو ٻوڙو ۽ اڌورو هوندو آهي، انسان محبت کان بغير!

مان اهو سڀ ڪجهہ سوچڻ لڳس، جيڪو شايد پهرين ڪڏهن ڪونہ سوچيو هو. پر اڳتي هلي آهستي آهستي مونکي محسوس ٿيڻ لڳو تہ جيڪو محبت جو شهر مون پنهنجي ٿڪن سان روشن ڪرڻ چاهيو ۽ مون سمجهيو تہ پنهنجي لڙڪن سان سيراب ٿيل شهر هميشہ محبت جي مٽيءَ سان تَر ٿي صحرا جي اڃَ کي اجهائي نئين اُميد جا گونچ ڦٽندا، پر صحرا جي واري ڪجهہ ئي عرصي ۾ ان سيراب ٿيل شهر کي ٽوٽ بڻائي ڇڏيو ۽ محبتن سان آباد ٿيل شهرن کي وري لڙڪن جي ضرورت پوڻ لڳي. شايد محبت ۾ ئي وڌيڪ لڙڪن جي ضرورت پوي ٿي.

مون ڇو اهو وساري ڇڏيو هو تہ ٿڪن سان صحرا سيراب ناهن ٿيندا، انهن کي هميشہ لڙڪ کپن ۽ جن ٿڪن ۾ لڙڪ ناهن، اُهي صحرا جيان سڪل ٽُوٽُ آهن. انڪري زندگيءَ جي صحرا ۾ لڙڪن سان لَئُون لڳائڻي ئي پوي ٿي.

# روح جي تلاش

هِنَ جڏهن ٻهريون دفعو اُن کي ڏٺو. هِنَ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي، لفظ سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا، وڏي مشڪل سان هٿ ڪڍي، اُنَ جي هٿ ۾ ڏيندي چيائين:

"ڇا حال آهن؟"

اُن وراڻيو:

"ٺيڪ، تون ٻڌاءِ..."

جيستائين هيءَ جواب ڏئي سارنگ چيس:

"هل هلي سامهون ريسٽورنٽ ۾ ٽا ويهون."

ريسٽورنٽ طرف وڃندي هن کي ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ اڄ زمين سندس قدم چمي رهي آهي. آسمان کي ڍڪي ڇڏيندڙ ڪارا بادل هٽي ويا آهن ۽ ڄڻ چنڊ کيس سلامي پيش ڪري رهيو آهي، هوائون مستيءَ ۾ هِنَ کي ڇيڙائڻ لاءِ ٿڌا شوڪارا ڀري رهيون آهن. کيس لڳو ڄڻ اڄ زمين، آسمان، هوائون ۽ قدرت جي هر تخليق آجيان ڪري رهي هئي. هي وڃي ڪنڊ واري ٽيبل تي ويٺا ۽ ڀرپاسي ويٺل ماڻهن کي ڏسڻ لڳا. هِنَ پنهنجو هٿ سارنگ جي هٿ تي رکيو، پر وري هٽائي ڇڏيو ائين لڳس ڄڻ ماڻهو هنن کي تڪي رهيا هجن.

سارنگ چيس: "هل تہ گاڏي ۾ ويهي چڪر ڏئي اچون، هتي رش آهي ماڻهن جي."

هوءَ پنهنجي رَئي جو پلاند ٺاهيندي اٿي ۽ سارنگ جي قدم سان قدم ملائيندي گاڏيءَ ڏانهن وڌڻ لڳي. هِنَ کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ صدين کان صحرا ۾ ڀٽڪندڙ اُجاري مسافر کي، اوچتو پاڻي نظر آيو هجي ۽ هن

ساهي پٽڻ ڪانسواءِ اُڃ اُڃاڻي هجي. ڪار ۾ ويهندي ئي هن پنهنجي ساڄي ٻانهن سارنگ جي ڪلهي تي رکي. هن چاهيو ٿي ته سارنگ کي زور سان ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏي. سارنگ هن ڏي نهاريو.

هن سارنگ ڏانهن نهاريندي چيو: ”سائين منهنجي روح جي تلاش، توهان تائين پهچندي ختم ٿي وئي.“

ايتري ۾ سارنگ جو هٿ هن جي جسم طرف وڌيو ۽ سندس سڄي وجود ۾ لرزش پيدا ٿيڻ لڳي، هن جي اندر ۾ خوشيءَ جا سازَ وڄڻ شروع ٿي ويا، جنهن جي ڌُن سارنگ کي به محسوس ٿيڻ لڳي. ايتري ۾ پوين ڪان ايندڙ گاڏيءَ زور سان هارن ڏنو جنهن تي هي ٻئي ڇرڪجي ويا. ايئن لڳن ڄڻ مَڌُ جو پيالو پي مدهوش ٿيلن کي هارن جي آواز سان ڪنهن پاٽيءَ جا ڇنڊا هنيا هجن. سارنگ جلديءَ ۾ گاڏيءَ جو اسٽيئرنگ گهمائي، پويان ايندڙ ڪار کي رستو ڏنو ۽ يوٽرن وٺي ريسٽورنٽ طرف واپس وريو.

هڪ ٻئي کي الوداع چوڻ جو وقت ويجهو ٿي رهيو هو. رات به ڪافي ٿي وئي هئي، اڄ چنڊ به پنهنجي جوڀن تي هو. زمين ڏانهن جهاتيون پائي، سندن محبت کي ڏسي رهيو هو. پيار ڄڻ درياهه هو، جنهن کي ڏسي چنڊ سندن ڪنن ۾ هلڪي هلڪي سرگوشي ڪري رهيو هو ته: ”مان توهان جي محبت جيان هميشه رهندڙ آهيان، ڪڏهن بادلن پويان ڪڏهن رات جي روح ۾، ڪڏهن سج جي سچائيءَ ۾ ته ڪڏهن اونداهه ۾ اُجالي ۾.“

****

# محبت جو ڪاڪ محل

رضيه ۽ ڪلثوم کي ريسٽورنٽ ۾ ڪچهري ڪندي ڪافي دير ٿي چڪي هئي، اوچتو رضيه جي نظر پنهنجي سنهڙي ڪرائي ۾ پاتل سنهري رنگ جي ڊائل واري گهڙيءَ تي پئي ۽ ٽائيم ڏسندي ڪلثوم کي چيائين ته:

“يار هاڻي هلڻ گهرجي، ڪافي دير ٿي چڪي آهي.”

ڪلثوم پنهنجو پرس هٿ ۾ کڻندي رضيه کي چيو:

“يار مونکي يونيورسٽي ڊراپ ڪجو، اتي ڪجهه ڪم آهي.”

رضيه چيو: “ها ڇو نه ضرور...”

رضيا ۽ ڪلثوم جي دوستيءَ کي ڏهه سال ٿي چڪا هئا ۽ هر سال هي پنهنجي دوستيءَ کي سيليبريٽ ڪنديون هيون، هي اڪثر واندڪائيءَ جي وقت ريسٽورنٽ ۾ ويهي ڪافي پيئنديون هيون ۽ دنيا جهان جي هر موضوع تي تبصرو ڪنديون هيون. ايئن هنن کي ٽائيم جي خبر ئي ڪانه پوندي هئي ته ڪيتري دير ٿي وئي آهي، ٻئي هڪ ئي ڪاليج ۾ ليڪچرار هيون بس ٻنهي جا ڊپارٽمينٽ الڳ الڳ هئا.

سڄو ڪاليج سندن دوستيءَ تي رشڪ ڪندو هئو اڪثر جڏهن ڪين چوندو هو ته:“توهان شادي ڪڏهن ڪنديون؟”

هي جواب ۾ چونديون هيون ته:“اسان ٻنهي هڪ ٻئي سان شادي ڪري ڇڏي آهي، اسان جي وچ ۾ ڪو مرد نه ايندو، جنهن جي ڪري ڪو ويڇوڙو اچي.”

رضيہ ريسٽورنٽ جي ٽيبل تي رکيل گاڏي جي چاٻي کنئي ۽ پوءِ ٻئي ڏاڪڻيون لهندي، هيٺ ريسٽورنٽ جي پارڪنگ ڏانهن روانيون ٿيون.

گاڏيءَ ۾ ويهي ڪڇهري ڪندي يونيورسٽي اچي پهچيون. ڪلثوم رضيا کي چيو: ”تون بہ اچ، ڪنهن پروفيسر سان ڪم آهي، جلدي واپس ٿا اچون.“

رضيہ چيو: ”ڪلثوم يار تون وڃ مان گهر ٿي وڃان.“

پر ڪلثوم گاڏيءَ جي چاٻي ڪڍي، رضيا کي ٻانهن کان جهلي، پروفيسر جي آفيس ڏانهن رواني ٿي ۽ ٻنهي هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏسي ٽهڪُ ڏنو. اڳيان ڪوريڊور مان لنگهندي ڪلثوم سامهون اشارو ڪندي چيو: ”هي پروفيسر علي جي آفيس آهي، ڏاڍو بهترين انسان آهي، جيئن ئي ٻئي ڄڻيون آفيس ۾ داخل ٿيون تہ سامهون ويٺل هڪ خوبصورت شخص چپن تي مرڪ آڻيندي هنن کي ڏسي ويلڪم ڪيو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي بينو ۽ سائيڊ ۾ رکيل ڪرسين ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ”پليز ويهو....“

رضيہ پنهنجي من ۾ پروفيسر عليءَ بابت هڪ خاڪو ٺاهيو هو. هن سمجهيو هو تہ پروفيسر علي گنجو، پيٽ نڪتل ۽ عجيب قسم جو ڪڙوس هوندو، پر هاڻ پروفيسر عليءَ کي روبرو ڏسي هوءَ حيران ٿي وئي. خوبصورت قد ڪاٺ وارو، منهن تي ٺهندڙ شهپر، اکين ۾ عجيب قسم جي ڪشش ۽ چپن تي موهي وجهندڙ مسڪراهٽ هئي.

ڪرسيءَ تي ويهندي ڪلثوم، رضيہ ڏانهن اشارو ڪندي سندس تعارف پروفيسر علي سان ڪرائيندي چيو تہ:

”هيءَ آهي منهنجي دل وَ جان کان پياري دوست رضيہ، جنهن جو مان توهان سان اڪثر ذڪر ڪندي رهندي آهيان.“

پروفيسر علي خوشيءَ ۽ حيرانيءَ مان رضيہ ڏانهن ڏسندي چيو:

”اڇا، اڇا توهان جي دوست تہ ڏاڍي سهڻي آهي.“

رضيہ پروفيسر جو شڪريو ادا ڪندي چيو:

”توهان بہ ڪنهن کان گهٽ ناهيو.“

اُن وقت الائجي ڇو رضيہ جي دل ۾ پروفيسر علي لاءِ هڪ عجيب قسم جو احساس پيدا ٿيو. جيڪو اڳ ڪڏهن بہ رضيہ جي دل ۾ ڪونہ آيو هو.

رضيہ جيڪا هميشہ چوندي هئي تہ: ”مان ڪڏهن بہ ڪنهن مرد کي پنهنجي زندگيءَ ۾ شامل ڪونہ ڪنديس، منهنجي پياري دوست ڪلثوم جو آهي تہ مونکي شادي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ ۽ ايئن چئي بئي ٺهڪ ڏينديون هيون، پر اڄ رضيہ جون سڀ ڳالهيون کوکليون لڳي رهيون هيون، پروفيسر عليءَ کي ڏسي رضيہ کي پنهنجي من ۾ هڪ نئون ڪيف ۽ سُرور محسوس پئي ٿيو.

ڪلثوم ۽ پروفيسر علي ڇا ڳالهائي رهيا هئا، هي انهن کان لاتعلق پروفيسر علي جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪي هئي، ان وقت هن کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ هي ڪا شهزادي آهي ۽ پروفيسر علي سندس شهزادو ۽ بئي هٿ ۾ هٿ ڏئي ڪنهن محبت جي تخت گاهہ ۾ ويٺل هجن ۽ پرپاسي ۾ موجود ٻانهيون ۽ ٻانها پيار جي گلن جا ٿالهہ ڀري انهن تي ڇٽي رهيا هجن. ڪلثوم جي اوچتي آواز تي هوءَ خوابن جي محل مان ڇرڪ ڀري نڪتي.

”ڪٿي گم آهين يار، چانهہ پي ٿڌي پئي ٿئي.“

رضيہ هڪ خوبصورت مرڪ سان پروفيسر علي ڏي نهار ڪئي ۽ پوءِ نظرون جهڪائي، چانهہ جو مگ هٿ ۾ کنيو. ايتري ۾ ڪلثوم چيو:

”رضيہ توکي خبر آهي تہ اڄ مون توکي هتي ڇو آندو آهي؟“

رضيہ حيران ٿيندي چيو: ”نہ!“

ڪلثوم چيو: ”هڪ سرپرائيز...“

”ڪهڙو؟“ رضيہ اتاولي ٿيندي يڪدم سوال ڪيو.

ڪلثوم چيو تہ: ”سرپرائيز اهو آهي تہ مان ۽ پروفيسر علي ڪجهہ ڏينهن ۾ مڱڻي ڪرڻ وارا آهيون.“

اهو ٻڏي رضيه جي هٿ مان چانهه جو مگ ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. جيڪو مگ نه پر سندس محبت جو ڪاڪ محل هو.

****

# پيڙائن جي پاڇن ۾

اڄ منهنجي دردن جي داستان جا پنا وري ڪنهن هوا جي جهونڪي تي اڏامڻ لڳا جنهن تي، اُڪريل، منهنجي من اندر جو داستان صاف نظر پئي آيو ورق اڏامندا، ڦرين پني تي اچي بيهي رهيا، جتان منهنجي محبت جي منزل جو افتتاح ٿيو. منهنجي دل ديبو جي محبت ۾ مست هئي، پيار جي ڀريل پيالن مان اسان پنهنجي من  اندر جي تاس ۾ اوتي رهيا هئاسين، چانڊوڪيءَ راتين ۾ سمنڊ ڪناري ويهي، واريءَ سان خوابن جا محل تعمير ڪيا هئاسين، جنهن ڪي محبتن جي محرابن سان سجايو هو. سمنڊ ڪناري ڀڄندي ڀڄندي ۽ پيار جي پيچرن تي هلڻ لاءِ ديبوءَ جي قدمن جي نشانن تي پنهنجا قدم رکندي، سچي زندگيءَ جي خوبصورت منزلن جو تعين ڪيو هو اهڙين منزلن جو جتي محبتون هجن، جتي نفرتن ڪي مات ملندي هجي، جتي سُڪُ هجي خوشيون هجن، سچ هجي ۽ سچن جذبن جو قدر هجي، جتي منهنجي ماضيءَ جي ٽٽندڙ احساسن جا پاڇا نہ هجن، منهنجي منزل جي رستي تي ديبوءَ جي قدمن جا نشان هجن، جتان منهنجو ڏکُ سئولو ٿي ويندو، اهو سوچيندي چانڊوڪيءَ رات ۾ سمنڊ ڪناري ان ڳالهہ کان بي خبر تہ اوچتو سمنڊ جون بي رحم لهرون اچي ديبوءَ جي قدمن جا نشان مٽائي ڇڏينديون، جنهن تي مون پنهنجا پير رکي اڳتي وڌڻ پئي چاهيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي محبت جو جوڙيل محل بہ لهرن جي وهڪري ۾ لڙهي ويو هو. منهنجو اندر اڏ ٿي ويو. منهنجي محبتن جو محل نہ رهيو. هن ظالم سماج سمنڊ جي بي رحم لهرن جيان ديبوءَ جي اڳتي وڌندڙ قدمن جي نشانن کي مٽائي ڇڏيو جيڪي منهنجي محبت جي منزل جو ڏڳُ هئا، هاڻي نہ ڪا منزل آهي ۽ نہ ئي وري ڪو رستو نہ چانڊوڪي راتيون آهن ۽ نہ ئي وري گڏ هلڻ وارا قدم، چنڊُ تہ پنهنجي جلون سان هلي پيو پر ان جي روشني منهنجي اڱڻ تائين ڪونہ ٿي پهچي، شايد چنڊ جڏهن اوستائين پهچي ٿو تہ پنهنجو جوڀن وڃائي ٿو ويهي. چنڊ ڪي بہ منهنجو ڪومايل، مايوس ۽ ڏکايل چهرو ڏسي پنهنجي بي وسيءَ جو احساس ٿيندو آهي.

جنهن منهنجي محبتن جا محل ٽٽندي ڏٺا، جنهن منهنجي ديبوءَ کي سماج جي ٺيڪيدارن هٿان اڌ ٽٽندي ڏٺو ۽ پوءِ بہ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهيو. اڄ ديبوءَ پنهنجن سڏڪن کي ٿڪن ۾ مٽائي ڇڏيو آهي، لڙڪ تہ لاڙي پيو، بس انهن کي خوشيءَ جي نالي سان انڪري جو سڏڪن کي تہ روڪي سگهجي ٿو پر لڙڪن کي ڪيئن روڪجي، هوا تيز ٿيندي وئي ۽ منهنجي من اندر جي داستان جو ڪتاب منهنجي پيرن ۾ ڪري پيو، مون پنهنجن پيرن کي غور سان ڏٺو جيڪي ديبوءَ جي قدمن جي نشانن تي هلڻ لاءِ آتا هئا ۽ ڏُک وچان هڪ نظر، ديبوءَ ڏانهن وڌم، جيڪو بي پناهہ اذيت واري ڪيفيت ۾ هوندي بہ مونکي ڏسي مسڪرائي رهيو هو، پرسان سٽل پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ڏٺم جنهن جي اکين ۾ هزارين سوال هئا، جنهن جو اڄ تائين مون ڪو جواب نہ ڏنو هو، مان پاڻ هڪ سوال بڻجي وئي هيس، پنهنجو پاڻ لاءِ، هن معاشري لاءِ، جتي مونکي هر جاءِ تي اُگهاڙيءَ ۽ شڪاري نظرن سان ڏٺو پيو وڃي، اتي مان ڪهڙا جواب ڏيان، پنهنجي ننڍڙي پٽ کي تہ هي مٿل ماڻهن جو معاشرو آهي، جتي فقط عورتن جي جسم کي ڳجهن ۽ ٻگهڙن جيان ماس پٽڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، هر وقت شڪار جي تلاش ۾ هوندا آهن، مان ٿڪجي پئي آهيان، پنهنجو پاڻ کي بچائيندي، منهنجو حوصلو ختم ٿي ويو آهي آخر ڪيستائين مان زندگيءَ جي هن ڏکي سفر ۾ هلندس، جتي نہ رستو آهي ۽ نہ ئي منزل اهو سوچي جڏهن پنهنجي ننڍڙي پٽ تي نظر پوي ٿي تہ جيئڻ جا حوصلا وڌي وڃن ٿا.

مان جيئندس ۽ هن معاشري سان وڙهندس، ڀلي ان ويڙهہ ۾ مان روحاني ۽ جسماني طور ڪيترو بہ زخمي ٿي پوان، پر مان پنهنجي پٽ کي ڪنهن سٺي منزل تائين ضرور رسائيندس جتي سندس اباڻڪين اکين ۾ رهيل سوال آهن.

جيستائين هو پنهنجن سوالن جا جواب ڳولهي ۽ منهنجي منزل جي اڌوري سفر کي نوان رستا ڏيئي مڪمل ڪري تيستائين هار نہ مڃيندس.

****

# مسلط محبت ۾ گم ٿيل احساس

اڄ هن جي لونءَ لونءَ ٽري پئي هئي، هن جي اندر مان صدين جو غبار لهي ويو هو، ڪيڏو نه خوبصورت احساس هوندو آهي، جنهن جي هن کي اڄ خبر پئي ته زندگي ايتري خوبصورت به هوندي آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ سندس زندگي فقط آڙاهه مثل هئي، جنهن ۾ هر روز پئي سڙندي هئي، روزاني جيئندي ۾ مرندي هئي، جتي احساسن ۾ جذبن جو قتل ٿيندو هو، ڪيڏو نه اهو ڪريناڪ منظر هوندو آهي، جڏهن هن جي جسم سان گڏ، روح ۾ جذبن جو ريپ ٿيندو آهي، جنهن کي سماج مسلط ڪري نام نهاد مڙس جو نالو ڏنو هو.

هن هڪ ٿڌو ساهه ڀريو ۽ اٿي پٽ تي لڳل آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺو. ڪيترن سالن کان پوءِ اڄ پهريون ڀيرو هن کي پنهنجو چهرو وڻڻ لڳو هن ڪيترن سالن کانپوءِ پاڻ کي ايترو غور سان ڏٺو. ڪيس اڄ پنهنجي انهيءَ وجود سان عشق ٿي ويو هو جنهن وجود سان هي نفرت ڪندي رهي هئي. جنهن کي هر رات ڳجهه جهڙو مڙس جسم جي گوشت کي پٽيندي اهو چوندو هو ته: ”تون منهنجي ملڪيت آهين، تنهنجي عيوض پنجاهه هزار ۾ سڱ ڏنو آهي.“

اوهه... ! ڪيترن سالن کان هوءَ اهو جملو ٻڌندي، جيئندي ۾ مرندي پئي اچي. ڪيس مرد جي نالي کان ئي نفرت ٿي وئي هئي، دنيا جو هر مرد هن کي ڳجهه لڳندو هو، جيڪو صرف عورت جي جسم کي ڇيچاڙي ڪائڻ جي خواهش ۾ رڌل هوندو آهي، پر ان ڏينهن مرد جي باري ۾ هن جي سوچ پاسو مٽايو جڏهن دروازي تي کڙڪو ٿيو ۽ آواز آيو:

”نورل او نورل...!“

نورل هن جي مڙس جو نالو آهي. تنهن ڏينهن نورل سميت سڀ گهر ڀاتي ڪٿي ويل هئا. هي گهر ۾ اڪيلي هئي، ايتري ۾ در زور، زور سان وڄڻ ۽ ڪنهن جي سڏڻ جو آواز اچڻ لڳو:

“نورل او نورل...”

هن ڊوڙ پائي در جو پردو مٿي ڪنيو سامهون بيٺل ساجن تي نظر پوندي ئي سندس دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو. ساجن هڪدم حيران ٿيندي چيو:

“رضي تون...هتي ؟؟؟ ڪٿي هلي وئي هئينءَ....؟”

هن اتاولو ٿي رضيءَ کان سوال ڪيو.

هوءَ کهڙو جواب ڏئي، بت بڻجي بيهي رهي. ساجن هن جي ننڍپڻ جو دوست ۽ پاڙيسري هو جنهن کي هوءَ دل سان چاهيندي هئي، پر هن جي پيءُ تڪن عيوض سندس شادي نورل سان ڪرائي هئي. انهن ڏينهن ۾ ڪنهن مجبوريءَ سبب ساجن وارا لڏي ويا هئا پر اڄ ايترن سالن کان پوءِ ساجن کي پنهنجي ايڏو ويجهو ڏسي هوءَ حيران ٿي وئي هئي.

آرسيءَ جي اڳيان بيهندي کيس ڪافي دير ٿي وئي هئي، اڄ هن جو وجود ڪنهن ڳجهه نه پر هن جي محبوب جي خوبصورت ٻانهن جو هار بڻيو هو. هن پنهنجي ڳلن تي هٿ ڦيريو جن تي ساجن جي چپن جو ڇهاءُ هو. هن پنهنجي ڇاتيءَ مان پنهنجي محبوب جي پگهر جي خوشبو محسوس پئي ڪئي، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن جي دل وهنجڻ نه پئي چاهيو. متان هن جي جسم مان پنهنجي محبوب جي پگهر جي خوشبو نه نڪري وڃي. اڄ ڪيترن سالن کان پوءِ هن جا گم ٿي ويل محبت جا احساس ليئي ويا هئا.

****

# محبت ۽ حوس

اڄ پورو هفتو گذري چڪو هو پر زينت جي ڳلن تي ڳوڙهن جي ٻُوندن بس نہ ڪئي هئي، هوءَ اندر ۾ بہ اڌ ٿي چڪي هئي، هن جنهن سان سچي محبت ڪئي، جنهن جي پوڄا ڪئي، جنهن کي پنهنجي سِرَ جو سائين بڻايو هو جنهن مرڻ گهڙي تائين ساٿ گڏ رهڻ جا وچن ڪيا هئا، سو بي وفا هو، صرف حوس هئس، هن کي حاصل ڪرڻ جي ۽ جڏهن پيٽ پرجي ويس تہ بس....

اُف ! ڪيڏو نہ ڪرپناڪ لمحو هو جڏهن هن سارنگ کي ڪنهن وڏي عمر واري عورت سان رنگ رليون ڪندي ڏٺو هو. تڏهن زينت جو اندر بہ اڌ ٿي چُڪو هو، پيٽ ۾ وڏ پئجي رهيا هئس، دماغ جون نسون ڦاٽڻ تي هيس ڪيس اهو ڏينهن ياد اچي ويو جڏهن سارنگ جي باري ۾ هن پنهنجي ڀائرن کان پڇيو هو تہ: “سارنگ ڪهڙو ماڻهو آهي...؟”

تڏهن انهن ٻڌايو هئس تہ: “هو تمام عياش ۽ ڪوڙو ماڻهو آهي.”

پر هاڻي گهڻي دير ٿي چڪي هئي ڇو تہ هوءَ اڳ ۾ ئي سارنگ کي پنهنجو محبوب مڃي چڪي هئي، پنهنجو تن من ان کي سونپي چُڪي هئي، جڏهن سارنگ سان ملي هئي ۽ پنهنجي ڀائرن جون ان جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌايائين تہ تڏهن سارنگ ڪلمي جو قسم کنيو هو تہ هُو اهڙو ناهي ۽ ڪيس يقين ڏياريائين تہ: “مون کي قسم آهي، تہ منهنجي زندگيءَ ۾ صرف تون ئي آهين”

ان ڪانپوءِ ڪيس ڪيڏي نہ ڦڪائي ٿي هئي تہ اجايو ويچاري تي شڪ ٿي ڪريان، منهنجي ڀائرن کي ڪا غلط فهمي ٿي هوندي ۽ سارنگ جي من موهيندڙ معصوم شڪل تي هي تہ اڳي ئي دل هاري چڪي هئي.

ان ڏينهن واري واقعي ڪانپوءِ هن جي دنيا اوندهہ ٿي وئي، هن پنهنجي محبت کي روشن ڪرڻ لاءِ سارنگ جي نالي جيڪي محبت جا ديپ پنهنجي اندر جلايا هئا، تن هن جو اندر ساڙي رک ڪيو، هن سارنگ کي فون ڪري چيو:

“اڄ مون توهان کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي.”

تڏهن سارنگ صاف انڪار ڪيو ۽ هن کي ڪنهن ٻه ڳالهه جو ڪولي جواب نه ڏنائين ۽ فون بند ڪري ڇڏيائين. هن ته سارنگ کي پنهنجي ڇپن جو امرت پياري اهو سمجهيو هو ته هاڻي سارنگ جي پيار جي اڄ هِنَ اُڃهائي آهي، پر هِنَ کي ڪهڙي خبر ته هو ڪنهن ٽر ٻاپيهي جيان اُڃايل آهي، جنهن جي اُڃ ڪڏهن ختم نٿي ٿي سگهي، هن پنهنجي جسم جو سڳنڌ ڏئي ان جي پيار جي بک مٽائڻ چاهي هئي، پر سارنگ جي بک بگهڙن جيان هئي، جيڪي پيٽ خالي ٿيڻ کان پوءِ وري نئين شڪار جي تلاش ۾ هلندا آهن، انهن ۾ محبت ڪٿي به ناهي هوندي. هو حوس جو پوڄاري ٿي چُڪو هو. اڄُ ان ڳالهه کي پورو هفتو ٿي چڪو هو ان ڏينهن کان پوءِ سارنگ هِنَ سان ڪو رابطو نه ڪيو هيءَ پڄي پورا ٿي چُڪي هئي، بي وفائيءَ جي باهه ۾ سڙي سندس تن من خاڪ ٿي چُڪو هو هِنَ کي هر طرف انڌيرو ئي انڌيرو نظر اچي رهيو هو. هِنَ اڪيون عرش ڏي ڪيون ۽ مسلسل آسمان کي تڪي رهي هئي. جتي ڪهڙي وقت اڇا بادل ۽ ڪهڙي وقت انهن جي جڳهه تي ڪارا بادل هئا، تڏهن هِنَ دل ۾ سوچيو ڪاش، هن کي بادلن جي فقط ڪاراڻ ئي نظر اچي ها، جيڪي وسڻ کانپوءِ وري اُجارا ٿي ويندا آهن، ڪاش اسان جي معاشري ۾ انسان، حيوان بڻجڻ بجاءِ انسان ٿي پوي ۽ محبت جي پاڪ ۽ صاف جذبي سان سرشار ٿي وڃي.

سارنگ جهڙن مردن کي ڪهڙو نالو ڏجي، جيڪي معصوم دلين کي پنهنجي حوس جي باهه ۾ ساڙي رک ڪري، پوءِ به خوش آهن، اهو سوچي زينت جي دل ۾ سارنگ لاءِ نفرتن جون نديون وهڻ لڳيون. اهي نديون هِنَ جي اکين مان لڙڪ بڻجي وهي پيون. هِنَ کي ايئن لڳي رهيو هو. چڻ سارنگ هن تي ٺٺرون ڪري رهيو هو. طنز وچان ٽهڪ ڏئي رهيو هجي ۽ اهو چئي رهيو هجي ته ڏس منهنجي رچيل راند ۾ تون به بازي هارجي وئينءَ اڄ اهو ڏينهن شدت سان ياد پيو اچيس، جڏهن هن جي نندڙي ياءُ هِنَ کي سارنگ جي گندي ۽ حوس ڀريل ڪارنامن جون ڪهاڻيون ٻڌايون هيون، جنهن جو شڪار هاڻ هيءَ پاڻ به ٿي چڪي هئي.

❋❋❋❋

# يادن جي رُڃ

اڄ وري هن جا لڙڪ لارون ڪري وهي پيا، جڏهن نيٽن جي ڪڪرن پنهنجون دريون کولي سندس من جي زمين کي پنائي ڇڏيو.

هن کي ائين لڳي رهيو هو جيئن بادل زمين تي جبر ڪري، ان جي مرضيءَ خلاف ان تي حاوي ٿي آلو ڪري رهيا هوندا آهن ۽ ان هيڪار مان هو پنهنجو وجود قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڌرتي جيڪا بي وس لاچار پُسجندي ۽ ٻڏندي ٿي رهي، شايد سندس مقدر ۾ ئي پُسڻ ۽ ٻڏڻ لکيل آهي.

هن کي اهو ڏينهن ڪڏهن ناهي وسرندو، جڏهن ڌرتيءَ جيان هن جي وجود کي به ڪنهن بادل زبردستي آلو ڪيو هو. اهو ڪير پيو نه پر ان جو پنهنجو مڙس هو. اُها رات به اڄ جي رات جيان انڌاري ۽ طوفان ۽ گجگوڙ واري رات هئي، جنهن رات مڙسهنس چيو هيس ته:

“پنهنجي شاديءَ کي هفتو گذري چڪو آهي، اڃان تائين تون مونکي، ويجهو اچڻ نٿي ڏين، تون منهنجي زال آهين، منهنجي نڪاح ۾ آهين، امان ۽ سڀ مائٽ توکون ٿا ڪن ته شايد مان نامرد آهيان.”

پوءِ بيڊ تي وڇايل اڇي چادر ڏانهن اشارو ڪندي چيو هيائين ته روز امان پڇي ٿي ته: “الائجي ڇوڪري پهرين کان ئي ڪنهن سان ڪريل ته ڪا نه هئي جو چادر تي ڪو داغ ئي ناهي لڳو.”

هوءَ تڏهن ڪيڏو نه هيسجي وئي هئي، بلڪل ڌرتيءَ جيان ٻڏڻ جي خوفَ کان جڏهن مڙسهنس هِنَ جي وجود کي اُگهاڙو ڪري هِنَ جي وات

تي رَئُو پئو هو ته متان ڪير هن جي رڙ نه ٻڌي. تڏهن بي رحم بادلن خوشيءَ وچان گجگوڙ ڪرڻ شروع ڪري وڏ ڦڙا وسايا هئا.

هِنَ ڪي بادلن کان نفرت ٿي وئي هئي جڏهن بارش پوندي هئي، تڏهن ڊرتيءَ سان گڏ هن کي پنهنجو وجود به آلو ٿيندي محسوس ٿيندو هو. صبح جو سوير جڏهن هِنَ جي سس ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ پهرين نظر وڇايل چادر تي پيس، جنهن تي رات، هن جي وجود کي قتل ڪيل داغن جا چٽا نشان هئا. هِنَ جي قتل ڪيل وجود کي سس سوريندي چادر کسڪائيندي پُٽ کي خوشيءَ وچان چيو هو:

“مبارڪون هجن پُٽ توکي.”

۽ ان وقت سندس مڙس جي منهن تي فاتحانه مرُڪ تري آئي هئي.

ٿوري دير کان پوءِ هن جي ڪنن تي سندس سَسُ جو آواز پيو، جيڪا سيني گهر ڀاتين کي چئي رهي هئي:

“مبارڪون هجن ڇوڪري صحيح آهي هي ڏِسُو چادر تي داغُ.”

اهي جملا هِنَ جي قتل ٿيل وجود کي ڪوري ماس الڳ ڪري رهيا هئا، هِنَ کي ايئن لڳي رهيو هو ڄڻُ سندس اُگهاڙي جسم کي ڳجهون پٽي رهيو هيون. تنهن ڏينهن هيءَ بستر تان ڪونه اُٿي هئي ۽ ان ڏينهن هيءَ مري چُڪي هئي، سندس وجود سان گڏ هِنَ جي روح جو به قتل ٿي چُڪو هئو، اوچتو وري هن جي ڪنن بادلن جو گجگوڙ ٻُڌو، هن جو وجود لرزڻ لڳو ۽ لڙڪن جي برسات هن جي ڳلن تان ٿيندي هِنَ جي وجود کي آلو ڪري رهي هئي.

****

# اُجايل آشائون

اج وري منهنجي مٿي ۾ سور جي شدت وڌي وئي هئي، بيڊ تي ليٽي به ڪانه پئي سگهيس، ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ مٿو ڦاٽڻ وارو هجي ۽ ڄڻ مٿو ٽڪاءُ سان ڦاٽي پوندو. ڇت ۾ لڳل پکي جا پر هڪ ٻئي پويان ڊوڙ لڳايو هلندا پيا وڃن، بلڪل منهنجي زندگيءَ جيان، انهن جي هوا جي زور تي، ٽيبل تي رکيل ڪتاب جا پنا ڪر، ڪر ڪرڻ لڳا. هڪ هڪ پنو آواز ڪري اٿلڻ لڳو ڄڻ اهي پنا منهنجي زندگيءَ جا سمورا ورق ڏيکاري رهيا هجن، جنهن تي منهنجي زندگيءَ جو داستان اُڪريل هجي ۽ چئي رهيا هجن ڇري! شڪست زده نه ٿيءُ، تنهنجي داستان ۾ شڪست ناهي لکيل، تون اڏول آهين پنهنجن جذبن جيان، تون حوصلو نه هار، ان ڪري جو تون انهن ڪٺڻ وارن منجهان آهين جيڪي ڪڏهن هار نه مڃيندا آهن. درحقيقت هارائڻ، وڏيڪ ڪٺڻ جي جستجوءَ جو نالو آهي، تون جستجو آهين، جيت جي.

ڏسندي ئي ڏسندي ڪتاب جا ورق بند ٿيڻ لڳا، ڇتِ تي لڳل پکي جا پَرَ آهستي آهستي هِڪَ ٻئي پويان هلي هلي رُڪجي ويا مان سڄي پگهر ۾ شَلُ ٿي ويس.

لائيٽ هلي وئي هئي، مشڪل سان اُٿي چارج ٿيڻ واري لائيٽ ٻاريم، جنهن جي هلڪي ۽ ٿڌي روشنيءَ ۾ گهر جي هر شئي خوبصورتيءَ جو منظر پيش ڪري رهي هئي، بلڪل منهنجي مَنَ اندر جي ڪيفيت جيان، جنهن کي مون ڄاڻي واڻي، ڏنڏلو ڪيو هو جيئن

ڏکن پيڙائن جا پاڇا ڇتا ٿي منهنجي زندگيءَ تي نروار ٿيء اڳتي وڌڻ جي آشائن تي حاوي نہ ٿين.

مان پنهنجي اُجايل آشائن کي ايئن مرڻ نہ ڏينديس، مان هِنَ سماج جي سيني ناانصافين جو مقابلو ڪنديس، اهو سوچيندي سوچيندي، فرج جي مٿان رکيل دبي مان بہ گوريون ڪڍي تريءَ تي رکي، انهن کي غور سان ڏسڻ لڳيس، پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳيس تہ: "ڇا هي ننڍڙيون گوريون منهنجي تڪليف کي ختم ڪنديون؟"نہ نہ ايئن ناهي هي تہ وقتي طور تي منهنجي دماغ کي منهنجي سوچ کي سهاري ڇڏينديون ۽ وري ڪجهہ دير ڪانپوءِ منهنجي ڪيفيت ساڳي ٿي ويندي، نہ نہ مون پاڻ کي چيو "ڇا مان انهن پتڪڙين گورين کان بہ وڌيڪ ڪمزور آهيان...."

هن واري پاڻ کي وراڻيو:"نہ نہ مان اٽل آهيان، منهنجو نالو اُميدَ آهي، آشا آهي ۽ جيت آهي."

ايتري ۾ لائيٽ اچي وئي، ٿوري دير پهرين گهر جون شيون هلڪي روشنيءَ ۾ خوبصورت منظر پيش ڪري رهيون، سي تيز روشنيءَ ۾ بدنما لڳي رهيون هيون پر اُن تيز روشنيءَ سان گڏ مون پنهنجي اندر بہ اُجالا محسوس ڪيا جنهن ۾ مونکي هن سماج جا داغَ ڇتا نظر اچڻ لڳا ۽ مان پنهنجي اندر جي اُجايل آشائن کي نئين سر نون جذبن سان زندهہ ڪري هڪ ٿڌو ساهہ ڀريو، جنهن سان منهنجي اندر جي اُميد وري اُلري، اُڀري ۽ اڏول ٿي پئي.

****

# مَنَ اندر جي وِڄُ

اج وري منهنجي مَنَ اندر جي وِڄُ نئين اميد جا چمڪاٽ ڪيا. جڏهن جڏهن آسمان تي وِڄُ چمڪاٽ ڪندي آهي تہ اُها منهنجي من اندر جي وِڄُ سان ملي، اُميدن آسن ۽ اڳتي هلڻ ۽ نہ ٿڪجڻ جا چمڪاٽ ڪري روشنين جا ديپ جلائيندي آهي، مون پنهنجي من اندر جي وِڄُ کي ڪڏهن ڪرڻ نہ ڏنو ان ڪري جو جيڪڏهن اُها ڪرندي تہ آئون خاڪ ٿي وينديس پر مون اُن وِڄُ کي پنهنجي اندر امانت طور سانڍي رکيو جيئن ان مان اُميدن جا نوان ديپ جلائي سگهان. آسمان وري ڪارو ٿي ويو. گجگوڙ سان گڏ ان کي اُميد جي روشني ڏيڻ لاءِ وِڄُ پنهنجا پر کولي چمڪاٽ ڪندي سڄي وايو منڊل کي روشن ڪري ڇڏيو ۽ ان اُميد جي روشني ڏسي، بادلن کي پنهنجي شڪست محسوس ٿيڻ لڳي. بادل ڏک وچان لڙڪ لاڙڻ لڳا. انهن جي لڙڪن سان ڌرتيءَ جي دل نَرَمُ ٿي، پنهنجي اندر جي مَهڪ هوائُن کي عرض ڪري آسمان طرف اُڏائڻ لڳي. اُن مهڪ تي آسمان خوش ٿي جهومڻ لڳو ۽ هر طرف ٿڌڙين هيرن مٽيءَ جي مهڪ بادلن جا ٿمڪ ۽ وِڄُ جا چمڪاٽ سڀ هڪ ٿي ويا. اُميدن جا نوان گيت گونجڻ لڳا. مان ڪڙڪيءَ جا ٻئي تاڪ کولي پنهنجو ڪنڌ آسمان طرف ڪري، ڪائنات جي تخليق ڪيل انهن رنگن کي ڏسڻ لڳيس جيڪي ٿوري ٿوري دير کان پوءِ وِڄَ جي چمڪاٽ سان تمام خوبصورت نظر اچن پيا. اج مونکي منهنجي زندگيءَ جي اُها انڌاري ۽ اٽانگهي رات ياد اچڻ لڳي. جڏهن ڪارن بادلن منهنجي آس پاس انڌيرن جا اولڙا ڪري ڇڏيا هئا. مٽيءَ جي مهڪ خاموش هوائُن تي نراش هئي، وِڄَ پنهنجا پر کولي ٿڪجي پئي هئي ان ڪري بادلن

پنهنجي نهنائي قائم رکي آسمان ۾ انڌوڪار ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي مَنَ اندر جي وِڄُ سان، اُميدن جا نوان ديپ جلايا هئا. اهو ڏسي آسماني وِڄُ شرم وچان، اُتي چمڪاٽ ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ڪارن بادلن انهن چمڪاٽن سان مهاڏو نہ اٽڪائيندي شڪست ۾ لڙڪ لاڙڻ شروع ڪيا ۽ انهن لڙڪن سان آس پاس گلڙَنِ ڦُلڙَن مهڪڻ شروع ڪري ڇڏيو. مان ڪڙڪيءَ جا تاڪ کولي مسلسل آسمان کي تڪي رهي هيس. آهستي آهستي آسمان جي ڪاراڻ هلڪي ٿيندي وئي، وِڄُ چمڪاٽ ڪندي ٿڪجي پئي هئي، بادلن لڙڪ لاڙي ڏرتيءَ کي مهڪائي ڇڏيو هو ۽ ڪجهہ دير ڪانپوءِ اُميدن جي سجَ جي ڪرڻن اندلٺ جا رنگ آسمان تي وکيري ڇڏيا.

****

# من اندر مانڊاڻ

اڄ هن جي اندر ۾ آنڊ مانڊ لڳل هئي، من ۾ ڪجهہ مونجهہ، ڪجهہ خوشي ۽ ڪجهہ خوف هئس. هن منافق معاشري جو جتي عورت کي انسان نہ پر صرف عورت سمجهيو وڃي ٿو. هن جي ڪنن ۾ اهو مڌر ۽ مڌم آواز گونجي رهيو هو ۽ ان آواز جي مڌرتا هن جي من اندر ڪيئي سُر اُڀاري ڇڏيا اڄ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن ڪنهن لاءِ ڪجهہ محسوس پئي ڪيو. هن خيالن ئي خيالن ۾ ان جي وجود جي گرمائش پنهنجي اندر محسوس پئي ڪئي، ڪيس ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ هو سندس پاسي ۾ ويٺل آهي ۽ پنهنجا گرم چپ هن جي نرم چپن سان ملائي ڇڏيا هجن. هن جو ساهہ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. ڪيس محسوس پئي ٿيو تہ پورو جسم پگهر ۾ آلو ٿي ويو هئس. هن پاڻ کان سوال ڪيو تہ: "ڇا هي عشق آهي؟"

هن جي لڱن مان سيسراٽيون نڪري ويون، سوچڻ لڳي تہ ڇا هي منافق سماج ان عشق کي قبول ڪندو؟ نہ بلڪل نہ. پوءِ مان ڇا ڪريان هن دل جو جنهن ۾ هُن جي عشق جون مَڌُر ڌُنيون وڄي رهيون هيون ۽ هوءَ انهن ڌنن تي جهومڻ پئي چاهي. انهن احساسن کي پاڻ اندر هميشہ لاءِ رکڻ پئي چاهي، پر ڪن پل لاءِ وري ڇرڪجي وئي، هن کي اهي لذتون ڪسجنديون محسوس ٿي رهيو هيون، جڏهن هن جي ڪن تي سندس مڙس جو آواز پيو: "ٻڌين ٿي...؟ پاڻي پيار ڪڏهن کان سڏيان پيو ٻوڙي ٿي وئي آهين ڇا؟"

هن ٻوڙي وڃي پاڻيءَ جو گلاس ڀري مڙس کي ڏنو. هن جي من اندر

مڏرتا جا گيت مڏمر ٿيڻ لڳا، اهو ڏينهن ياد آيس، جڏهن هن وڏيءَ عمر واري سان سندس نڪاح ٿيو ڪيڏو نہ رُني ۽ تڙپي هئي پر ڪنهن هن جي ڳالهہ نہ ٻڌي، ڪيتري تہ ڪرڀ ايندي هيس هن مان، پر زهر جو ڍڪ پيري پنهنجي مئل وجود سان زندگيءَ کي گهليندي رهي.

ڪيترائي سال ان مرد سان سمهندي رهي، جنهن کي هن ڪڏهن دل سان تسليم ئي نہ ڪيو هو هڪ ڏينهن هن پاڙي جي مُلياڻيءَ کان پڇيو هو تہ: "نڪاح جو مطلب ڇا آهي؟"

هُن ٻڌايس تہ: "شرعي حڪم تحت هڪٻئي جي رضامنديءَ سان مرد ۽ عورت جو هڪ ٿيڻ."

"پر منهنجي شاديءَ ۾ منهنجي رضامندي ڪو نہ هئي تہ ڇا اهو نڪاح ٿيو؟" هن مُلياڻي جيجي کان سوال پڇيو.

تڏهن جيجيءَ ڪنڌ مٿي ڪٽي هن جي اُداس نگاهن ۾ نهاري، وري ڪنڌ هيٺ ڪيو هو.

هوءَ چپ چاپ اتان هلي آئي هئي، پر اڄ هن پاڻ ۾ ڪنهن جي وجود جي خوشبو محسوس ڪئي، هيءَ ان مڏر ڏنن تي جهومڻ پئي چاهي، جيڪي هن جي من اندر وڄي رهيون هيون.

****

# ڪنوڙين جا ميلاپ

اڄ صبح کان مسلسل تيز برسات ٿي رهي هئي، ڏينهن بہ رات جهڙو منظر پيش ڪري رهيو هو. منهنجي ڏيءُ سسئي جي ڪاليج جو اڄ آخري پيپر هو.

ويهہ سال اڳ بہ ساڳئي قسم جي تيز برسات ٿي هئي، پر ان ڏينهن منهنجو آخري پيپر هو. اڄ منهنجي دل مطمئن هئي، ڇاڪاڻ تہ اڄ سسئي پنهنجي پاءُ هالار سان گڏ ڪاليج وئي هئي، پر مان اڪيلي هيس.

اڄ مون کي ڪاليج وارا اهي ڏينهن شدت سان ياد اچڻ لڳا ۽ هي طوفاني برسات ان ڪري جو منهنجو سڪندر سان ميلاپ بہ اهڙي ئي طوفاني برسات ۾ ٿيو هو. جيتوڻيڪ ويهہ سال گذري چڪا آهن، پر منهنجي اندر جو طوفان اڃان گهٽ ناهي ٿيو.

مونکان اهو ڏينهن ڪڏهن ناهي وسريو. جڏهن مون ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي ۽ پير واري بوائز ڪاليج ۾ سڪندر بہ پڙهندو هو. مان فرسٽ ايئر ۾ هيس ۽ سڪندر سيڪنڊ ايئر ۾ هو. سڪندر اسان جو پاڙيسري پڻ هو پر اسان جي خاندانن جو هڪ ٻئي جي گهر اچڻ وڃڻ گهٽ هوندو هو. امان چوندي هئي تہ: “سڪندر جي ماءُ صحيح عورت ناهي ۽ لڳي ڪونہ ٿو تہ سڪندر ان جو جائز اولاد آهي.”

ائين انهن بابت پاڙي وارا ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪندا هئا. ان ڪري جو سڪندر جڏهن ننڍڙو هو تہ سندس پيءُ ڪنهن حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو. سڪندر جي ماءُ سرڪاري اسپتال ۾ نرس هئي. سڪندر ۽ سندس

ماءُ هتي ڪرائي جي گهر ۾ تقريبن پنجن سالن کان رهندا هئا. مون جڏهن گرلس ڪاليج ۾ داخلا ورتي تہ روزانو سڪندر موڪل ٽائيم منهنجي تاڙ ۾ موٽر سائيڪل جهلي بيٺو هوندو هو ۽ مونکي چوندو هو تہ:

“يار رمشا منهنجي موٽر سائيڪل تي ويهہ تہ توکي گهر تائين ڇڏيان.” اسان ٻنهي جو گهر ڪاليج کان ڪافي پنڌ تي هو. گرمين ۾ هلندي هلندي پگهر سان شل ٿي ويندي هيس، پير تپي ٽانڊا ٿي ويندا هئا ۽ سڪندر جا روز روز موٽر سائيڪل تي ويهڻ لاءِ مون کي ايلاز... سو نيٺ مان سندس موٽر سائيڪل تي ويهڻ شروع ڪيو. ايئن اسان جي دوستي ٿي جنهن اڳتي هلي محبت جو رخ اختيار ڪيو. سڪندر جي محبت منهنجي اندر ايتري حد تائين لهي وئي جو جنهن ڏينهن ڪاليج جي موڪل هوندي هئي، تڏهن سڄو ڏينهن طبيعت ۾ بيچيني ۽ اٻاڻڪائي رهندي هئي ۽ ايئن هر ڏينهن ايندڙ ڏينهن جي انتظار ۾ گذري ويندو هو سڪندر مونکي پنهنجي گهٽيءَ جي ٻاهران لاهيندو هو تہ جيئن پاڙي وارن جي نظر اسان تي نہ پوي پر ڪنهن منهنجي گهر وارن کي ٻڌايو تہ: “مان سڪندر جي موٽر سائيڪل تي ويهندي آهيان.” سو مون قسم کنيان تہ پلا مان ڇو پرائي ڇوڪري جي موٽر سائيڪل تي ويهندس ۽ تنهن کان پوءِ اسان وڌيڪ احتياط ڪيوسين ۽ سڪندر مونکي بہ ٽي گهٽيون پهريان لاهيندو هو ايئن ڏينهن گذرندا ويا ۽ مونکي ڪاليج ۾ اٺ مهينا گذري چڪا هئا. هن سال جا آخري پيپر هلي رهيا هئا، هڪ ڏينهن پيپرن دوران تيز برسات شروع ٿي وئي، آسمان ۾ ڪارن ڪڪرن ڏرتيءَ کي انڌيرن جي نظر ڪري ڇڏيو ۽ کنوڻين جي ميلاپ سان هڪ عجيب ۽ خوفائتو منظر ٿي ويو. ڪاليج جي جلدي موڪل ٿي وئي، مان ڪاليج جي مين گيٽ تائين پهچي پوري آلي ٿي چڪي هئس.

آس پاس نظر ڦيرايم تہ چوڌاري خوفناڪ انڌيرو ۽ گجگوڙن جا ٺڪاءُ دل کي لرزائي رهيا هئا. ايتري ۾ منهنجي انتظار ۾ بيٺل سڪندر مونکي پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

“رمشا جلدي ڪر تہ گهر پهچون.”

تيز برسات سبب موٽر سائيڪل بہ آهستي آهستي هلڻ لڳي. آخر گهر ڪان ڪافي اڳ موٽر سائيڪل بند ٿي وئي ۽ برسات ڪري آس پاس گپ جام ٿي وئي هئي، منهنجو اڇي رنگ جو يونيفارم آلو ۽ گپ سبب خراب ٿي ويو هو. جيئن تيئن ڪري آخر پنهنجي گهر جي دروازي تائين پهتاسون، ان ڏينهن سڪندر مون سان گڏ ئي آيو. برسات سبب پورو شهر سنسان ٿي چڪو هو. برسات بہ ڪا معمولي برسات ڪونہ هئي، ايتري تيز برسات ۾ منجهند جو وقت بہ رات جو ڏيک ڏيئي رهيو هو.

مان جيئن ئي پنهنجي گهر جي دروازي تي پهتس تہ دروازي تي تالو لڳل هو. مان حيران ۽ پريشان ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳيس.

ايتري ۾ سڪندر چيو: “جيستائين تنهنجا گهر وارا اچن تيستائين تون منهنجي گهر هلُ.”

ٻي ڪا واٽ نہ ڏسي مان سڪندر جي گهر ويس. سڪندر جي ماءُ پنجاب ۾ سندن ڳوٺ ويل هئي. سڪندر مونکي گهر ۾ داخل ٿيڻ شرط ٽوال هٿ ۾ ڏيندي غسل خاني ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

“وڃ لڱ ڌوءِ تہ مان امان جو ڪو وڳو پائڻ لاءِ توکي ڏيان ٿو.”

سڪندر وارن جو غسل خانو وراندي جي هڪ پاسي ۾ هو. مان ٽوال هٿ ۾ جهلي غسل خاني طرف ويس منهنجو اڇي رنگ جو يونيفارم گپ ۾ ميرو ٿي ڦڪي رنگ جو ٿي ويو هو. مان يونيفارم لاهي بالٽيءَ ۾ چاچولي ٽنگڻيءَ ۾ ٽنگيو ۽ لڱ ڌوئي صاف سٿري ٿيس. سڪندر غسل خاني

ٻاهران ڪپڙا جهلي بيٺو هو. مون غسل خاني جو دروازو کوليو ۽ هٿ ٻاهر ڪڍي سڪندر کي چيو:

“ڪپڙا ڏي...”

سڪندر منهنجو هٿ ڇڪي، غسل خاني جي اندر آيو ۽ اڇي منهنجي اگهاڙي جسم کي ڀاڪر ۾ ڀريو. مان ان وقت پريشان ٿي ويس سڪندر کي پاڻ کان پري ڪندي شرم کان ڳاڙهي ٿي ويس پر سڪندر مونکي ڏاڍي پيار مان چيو:“راڻي تون ۽ مان هڪ آهيون ته پوءِ پلا هي جسمن جو ويڇو ڇا لاءِ؟”

چيومانس: “سڪندر مونکي ڊپ ٿو لڳي.”

سڪندر منهنجي چپن تي پنهنجو هٿ رکندي چيو:

“بس وڏيڪ ڪجهه به نه چئو ٿي سگهي ٿو قدرت پنهنجي ميلاپ لاءِ هي موقعو فراهم ڪيو آهي.”

سڪندر مونکي پنهنجي ٻانهن ۾ جهلي وٺي، ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽايو ۽ پوءِ اهو ڪجهه ٿيو جيڪو ٿيڻ نه کپي ها. ٻن ڪنوٽين جو ميلاپ ٿيو. تڏهن منهنجي عمر ارڙهن ورهيه هئي ۽ سڪندر جي ويهه... ٻن ڪنوٽين جهڙا جسم، جن جي ٽڪراءَ سان هڪ جو فنا ٿي وڃڻ اٽل هو پر جوانيءَ جوين اڳيان انجام جنهن ۾ فنا ٿيڻ هو ڪنهن کي خبر؟ اسان ٻنهي جي ميلاپ تي آسمان مان زوردار آواز سان ڪنوٽين جو ٽڪراءُ ٿيو. شايد ان وقت هڪ ڪنوڻ ڪنهن گمنام صحرا ۾ ڪري رک جو ڍير ٿي وئي، ڪافي دير گذري وئي، اسان ٻئي دنيا ۽ انجام کان بي نياز بس هڪ ٻئي جي محبت ۾ محو ڪنهن سمنڊ جي تري تائين پهتاسين، جتي اسان جي نظرن ۽ آس پاس بس اسان کي ئي ڏٺو پئي ٻيو ڪجهه نه.

عشق بہ ڪيڏو نہ عجيب هوندو آهي، جڏهن ٻن پيار ڪندڙن کي ملائيندو آهي، تڏهن انهن کي ٻيو ڪير بہ نظر ناهي ايندو ايئن خبر ئي ڪانہ پئي ڪافي دير ٿي چڪي هئي. تقريبن شام ٿيڻ واري هئي، مون سڪندر کي چيو:

"مونکي هلڻ گهرجي."

سڪندر مونکي پنهنجي ٻانهن مان آجو ڪندي چيو:

"بلڪل منهنجي راڻي ڪافي دير ٿي وئي آهي."

مان فورن غسل خاني طرف وڃڻ لاءِ اٿيس پر مونکي پنهنجي جسم ۾

شديد تڪليف پئي محسوس ٿي. سڪندر سان ايترا ڪلاڪ بيڊ تي گذارڻ کان پوءِ مونکي هاڻ تڪليف جو احساس ٿيو جيڪو محبت جي مدهوشي ۾ محسوس ڪونہ ٿيو هو. آخر پاڻ کي سنڀالي وڃي ڪپڙا پاتم ۽ سڪندر کي چيم تہ:

"وڃي ڏس تہ منهنجي گهر جو تالو ڪليل آهي؟"

سڪندر ٻاهر وڃي ڏٺو تہ منهنجي گهر جو تالو ڪليل هوءِ برسات سبب گهٽي بہ سنسان لڳي پئي هئي، سڪندر پنهنجي دروازي اندر ڀچندي مونکي آڱر ۽ اکين سان اشارو ڪيو تہ جلدي نڪري وڃان سو مون پنهنجو منهن چادر سان ڍڪي آس پاس نهاريندي پنهنجي گهر جو رخ ڪيو. دروازو کڙڪائڻ جي ڪوشش ڪيم پر دروازو اڳ ۾ ئي ڪليل هو منهنجي گهر اندر داخل ٿيندي ئي امڙ رڙ ڪندي چيو: "ڇوڪري ايتري دير ڪٿي هئين تون...؟"

تنهن تي مون جواب ڏنو:“امان اهو تہ مان توهان کان پڇڻ واري هئس تہ توهان هيتري برسات ۾ ڪيڏانهن هليا ويا اهو بہ ڪونہ سوچيو تہ مان ڪيڏانهن ويندس؟”

امان ورندي ڏيندي چيو تہ:“مونکان ڳالهہ ئي وسري وئي تہ تنهجا پيپر پيا هلن مان پويان گهٽيءَ ۾ رازل ڏانهن وئي هئس، ماسي دائيءَ کي وني ويچاريءَ کي سور ٿيا، ڪير ڪونہ هئس، پاڙي وارن کي نيا پو ڏنائين تہ رمشا ماءُ کي سڏي اچو سو تڪڙ ۾ دائيءَ کي وني ويس ويچاريءَ کي مئل ڌيءُ پيدا ٿي. خير سنو ٿيو نياڻي هئي، پٽ هجي ها تہ ڏاڍو ڏک ٿئي ها.”

امان پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي مون کان سوال ڪيو تہ: “تون ڪنهن جي گهر ويني هئين ايتري دير...؟”

مان امان کي جواب ڏيندي چيو تہ:“زينت جي گهر ٻيو ڪاڏي ويندس؟”

امان مطمئن ٿي وئي پر امان جي ان ڳالهہ تي حيرانيءَ سان سوچڻ لڳس تہ: “ويچاريءَ کي مئل ڌيءُ پيدا ٿي، خير سنو ٿيو نياڻي هئي، پٽ هجي ها تہ ڏاڍو ڏک ٿئي ها...” سوچڻ لڳيس تہ امان پاڻ بہ هڪ نياڻي ۽ عورت آهي پر پوءِ بہ نياڻي جي مرڻ تي ڏک ڪونہ ٿيس...!

شام ٿي چڪي هئي منهنجي ڪيفيت ڪجهہ عجيب قسم جي ٿي وئي هئي، سڪندر سان ميلاپ کان پوءِ منهنجي پوري جسم ۾ عجيب سور محسوس ٿي رهيو هو. مان ڪپڙا بدلائي وڃي مٿي ۾ سور جو بهانو ڪري ليٽي پيس، مون کي خبر ئي ڪانہ پئي تہ اڳلي ڏينهن جو صبح ٿي ويو هو. جڏهن امان مون کي ڏونڌاڙيندي چيو:

“ادي صبح جا اٺ ٿيا آهن، ڪهڙي ٽائيم ڪاليج ويندينءَ.”

مون امان کي چيو تہ:

“امان ڪلهہ آخري پيپر هو مهينو ڪاليج جي موڪل آهي، رزلٽ ڪٹڻ مهيني ڪان پوءِ ويندس.”

امان “نهيو...” چئي رڌڻي ۾ وئي. بابا صبح جو سوير ئي پنهنجي منائيءَ جي دڪان تي نڪري ويندو هو ۽ اسان ٻن ڀينرن کي هڪڙو ڀاءُ هو جيڪو دبئي ۾ ڪمائڻ لاءِ ويو هو. ٻئي مون ڪان وڏا هئا. ادي زاهده جي شادي چار سال اڳ ٿي چڪي هئي ۽ ان کي ڪو ٻار ڪونہ هو. ويچاري علاج ڪرائي ٿڪجي پئي هئي، سس جي طعنن صفا چريو ڪري ڇڏيو هئس، تنهن ڪري منهنجي پيٽيوي الڳ گهر وٺي ڏنو هئس، شايد ان ڪري جو ڊاڪٽرن ٻڌايو هو تہ خرابي ادا رفيق ۾ آهي. سو هاڻ ادا رفيق ادي زاهده جو اجان بہ وڌيڪ خيال رکندو هو. مان ان ڏينهن پنهنجي زندگيءَ جي تمام گهري ننڊ ستي هئس، شايد ان ڪري بہ تہ باقي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙي سڪون جي ننڊ نصيب ڪونہ ٿيندي...!

ايئن ڏينهن گذرندا رهيا ڪاليج جي موڪلن ڪري منهنجو سڪندر سان ڪو رابطو نہ ٿي سگهيو. آخر ڪار رزلٽ وارو ڏينهن اچي پڳو. مان وهنجي سهنجي خوشيءَ وچان ڪاليج وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ ان ڪان وڌيڪ خوشي ان ڳالهہ جي هئي تہ سڪندر سان ملاقات ٿيندي. ڪاليج ۾ تمام سنو فنڪشن ٿيو مون ٿين پوزيشن کنئي هئي.

مان ان ڏينهن تمام گهڻي خوش هيس. موڪل ٿي تہ ڪاليج جي گيٽ ٻاهران نهارڻ لڳس آس پاس تہ سڪندر ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيو. ڪافي دير بيهڻ ڪان پوءِ مون پري ڪان سڪندر جي دوست کي ڏٺو جيڪو موٽر سائيڪل هٿ ۾ جهلي ٻين دوستن سان ڪچهريءَ ۾ مصروف هو. مون ويجهو ويندي سڏ ڪيو مانس تہ:

”ادا بلاول ٿورو هيڏانهن تہ اچجو.“

منهنجي آواز تي بلاول فورن مون ڏانهن آيو مون اتاولائيءَ مان سوال ڪيو تہ: ”سڪندر ڪٿي آهي؟“

بلاول حيران ٿيندي ءِ مون کي غور سان ڏسندي چيو:

”ڇو ادي توهان کي خبر ناهي ڇا؟“

اڃان هو ڪجهہ چوي مون وري جلدي ۾ پڇيو:

”ڇا جي ؟“

بلاول چيو تہ:

”ادي تقريبن ويهہ ڏينهن ٿيا آهن سڪندر وارا پنجاب لڏي ويا، سندس مامي وارن ملڪيت جي حصي جو گهر سڪندر جي ماءُ کي ڏنو، سو هتان لڏي ويا، هُونئن بہ هتي تہ ڪرائي جو گهر هئن.“

بلاول جو جواب ٻڌي منهنجي پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي، ايئن لڳي رهيو هو، ڄڻ آسمان مان ڪا ڪنوڻ منهنجي مٿان ڪري هجي، جنهن مونکي هڪ منٽ ۾ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو هجي، منهنجي نڙيءَ ۾ زبان اٽڪي پئي، ڪجهہ دير اڳ واري خوشي اوچتو تڪليف ۾ بدلجي وئي، بلاول خبر ناهي ڇا ڇا چوندو رهيو پر مونکي سندس هڪ لفظ بہ سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿي آيو ايئن لڳو ڄڻ مون تي سڪتو طاري ٿي ويو هجي، مان مشڪل سان پنهنجا قدم ڪڙندي روڊ جي هڪ پاسي هلڻ لڳيس. جيئن ئي گهر واري گهٽيءَ وٽ پهچڻ واري هئس تہ منهنجي ڀرسان کان هڪ اڇي رنگ جي ڪار زوڪاٽ ڪندي گذري ءِ اتي پيل گپ جا ڇنڊا منهنجي يونيفارم تي لڳي ويا مونکي خبر ناهي ڇو ايئن لڳو ڄڻ ان ڪار ۾ سڪندر ويٺو هو ءِ ان منهنجي ڪپڙن سان گڏ منهنجي جسم کي بہ گپ هڻي ميرو ڪيو آهي.

ان ڏينهن خبر ناهي ڪيئن گهر پهتس، سڄي رات ڏک ۾ پريشانيءَ ۾ گذري. سڪندر جي بي وفائيءَ منهنجو اندر ئي اڌُ ڪري ڇڏيو. ٻئي ڏينهن تيز بخار ٿي ويو. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته مونکي ڇا ٿي ويو آهي، مان جيڪا هر ڳالهه تي ٽهڪ ڏيندي هئس، لاپرواهه ۽ بي نياز بڻجي ويس. سڪندر جي ايئن اوچتي ڇڏي وڃڻ سان منهنجي اندر جون خوشيون به مونکي ڇڏي ويون هيون. ايئن منهنجي بيماريءَ کي پندرهن ڏينهن گذري ويا، مون کي الٽيون ۽ متي ۾ چڪراچڻ لڳا. هڪ ڏينهن ادي زاهده منهنجي رتُ جي ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ اسپتال وٺي وئي ته آخر مونکي اوچتو ٿيو ڇا آهي؟

ٻن ڏينهن کان پوءِ ادي زاهده ادا رفيق کي صبح جو چيو ته:

”شام جو واپسيءَ تي رمشا جون رپورٽون کڻي اچجو.“

ادي زاهده، ادا رفيق سان گڏ ڪجهه ڏينهن کان اسان وٽ ئي ٽڪيل هئي، امان منهنجي ڪري پريشان هئي، ان ڪري ادي اسان وٽ ترسي پئي هئي.

شام جو جيئن ئي ادا رفيق آفيس مان واپس آيو ته ادا جو منهن ڪاوڙ مان پريل هو. ادا هٿ ۾ جهليل لفافو ادي زاهده کي ڏيندي چيو:

”هي ڏسُ تنهنجي دادلي پيڻ ڪهڙا ڪارناما ڪيا آهن ؟“

ادي زاهده ادا رفيق کي چيو: ”خير ته آهي ؟“

ادا ڪجهه چوڻ کان بغير ڪمري ۾ هليو ويو. امان پريشانيءَ ۾ ادي کي چيو: ”جلدي ٻڌاءِ ڇا ٿيو آهي ؟“

منهنجي به سمجهه ۾ ڪجهه ڪونه آيو ته آخر ٿيو ڇا آهي؟ اديءَ لفافو کولي رپورٽ پڙهي حيران ٿي وئي. ڏک ڪاوڙ ۾ تڪليف واري لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”امان هي ڇا ؟ رمشا پيٽ سان آهي... !“

اهو ٻڌي امان وائڙي ٿي وئي ته اوچتو هيءَ ڪهڙي قيامت اچي ڪڙڪي.

مونکي سمجهه ۾ اچڻ لڳو ته اهو سڀ ڪجهه ان ڏينهن جو نتيجو آهي.

امان چوڻ لڳي: “ڇوري ڪٿي ڪارو منهن ڪرايو اٿئي، جيڪر پيدا ٿيندي ئي مري وڃين ها ته اڄ هي ڏينهن ڏسڻا نه پون ها.”

اڄ مون کي امان جي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته ان ڏينهن رازل جي پيدا ٿيل مٺل ڏيءَ تي امان ايئن ڇو چيو هو ۽ مان سوچڻ لڳس ته ڪاش مان پيدا ٿيندي ئي مري وڃان ها ته سنو ٿئي ها. امان کي هيءَ تڪليف ۽ بدنامي نه ڏيان ها. ادي مونکي ٻانهن کان جهلي ٻئي ڪمري ۾ وٺي وئي ۽ چوڻ لڳي: “سچ ٻڌاءِ ڪنهن سان هي سڀ ڪجهه ڪيو اٿئي.”

مون ادي زاهده کي ان ڏينهن سڪندر سان ملڻ واري پوري ڳالهه ڪري ٻڌائي، ادي زاهده مونکي ڪمري ۾ ويهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ امان کي ان ڪمري ڏانهن وٺي وئي، جتي ادا رفيق ويٺو هو ڪلاڪ کن ڳالهائڻ کان پوءِ ادي مون کي ٻانهن کان جهلي چوڻ لڳي: “پنهنجا ڪپڙا کڻ ته منهنجي گهر هلون ٿا.”

امان جيڪا ڏک ۽ تڪليف وچان زارو قطار روئي رهي هئي، تنهن کي ڏسي منهنجي دل ۾ ڏڪ لڳڻ لڳا. ادي امان کي چيو: “ان کان پهرين جو بابا اچي اسان نڪرون ٿا”

ادا رفيق جي ڪار ٻاهر گهٽيءَ ۾ بيٺي هئي، سو ادا بيگ ۽ ٻيو سامان کڻي ڪار ۾ رکيو ادي مونکي ٻانهن کي ڇڪيندي چيو:“هل هاڻي ويهه گاڏيءَ ۾.”

مان ڪنڌ هيٺ ڪري امان کي ڏسڻ کان بغير ڪار ۾ وڃي ويٺي هئس. ايئن ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ادي زاهده جي گهر پهتاسون. رات جا تقريبن ڏهه ٿيڻ وارا هئا. مان وڃي ادي زاهده جي ٻر واري ڪمري ۾ ليٽي

پيس، ڏک ۽ تڪليف مونکي عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. ادي زاهده جو ننڍو ڏير راول به اديءَ سان گڏ رهندو هو. رات ڪافي گذري چڪي هئي پر ٻئي ڪمري مان ادي زاهده ۽ ادا رفيق جو آواز اچي رهيو هو. شايد مون بابت ئي ڳالهائي رهيا هئا. ايئن رات گذري وئي پر منهنجي اک ڪونه لڳي، بس فقط ان ڏينهن سڪون جي ننڊ آئي هئي، جڏهن سڪندر سان ملي آئي هئس. باقي زندگي اوجاڳا ڪرڻ لاءِ ڪتي هئي، اڳلي ڏينهن شام منهنجو ۽ راول جو مڱڻو ڪرائڻ لاءِ امان بابا ۽ ادا رفيق جا سڀ گهر وارا آيا ادي منهنجي لاءِ نئون وڳو به گهرايو.

ادي ڪمري ۾ آئي ۽ مونکي چوڻ لڳي ته منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ تنهنجي پيٽ جي خبر صرف مونکي امان کي ۽ رفيق کي آهي، مان تنهنجو مڱڻو راول سان انڪري ڪرائي رهي آهيان جو جيئن ئي توکي ٻار ٿيندو اهو مان پاليندس ۽ مون سيني کي ٻڌايو آهي ته مان پيٽ سان آهيان، ٻار پيدا ٿيندو ۽ جيئن ئي تنهنجي طبيعت ٺيڪ ٿيندي ته تنهنجي شادي راول سان ڪرائيندس. بابا ۽ ٻين مائٽن کي چيو اٿم ته رمشا مون سان رهندي جيستائين مونکي ٻار پيدا ٿئي.“

مان ادي کي ڇا جواب ڏيان ها، مان ته پنهنجي زندگي جا سمورا سوال سڪندر کي سونپي چڪي هئس ۽ هاڻي پاڻ هڪ جواب بڻيل هئس، سيني لاءِ آخري جواب، ايئن نوَ مهينا گذري ويا ۽ مون هڪ پٽ کي جنم ڏنو. ادي زاهده ان جو نالو هالار رکيو ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ منهنجي شادي راول سان ٿي. شادي جي ڏهن مهينن کان پوءِ مون کي هڪ ڌيءُ پيدا ٿي، جنهن تي مان ڏاڍو رنس، شايد پنهنجي ٿيل شڪست تي، ايئن سال گذرندا ويا. سڪندر جو ڪو پتو ڪونه پيو. هالار ۽ سسئي وڏا ٿي چڪا هئا. اج ساڳئي ڏينهن جهڙو ڏينهن آهي.

هالار تقريبن ويهه سالن جو ٿيو آهي ۽ سسئي ارڙهن سالن جي،ڪافي دير ٿي چڪي آهي، برسات گهڻجڻ جو نالو ئي ڪانه پئي وٺي مان سسئي ۽ هالار جي انتظار ۾ وراندي جا چڪر ڪاٽي رهي هئس، آسمان ڏانهن نهار ڪيم ته ڪارن ڪڪرن سج کي سوگهو ڪري، ان جي منهن کي لڪائي ڇڏيو ته متان سج انهن کي پگهاري نه وجهي. ان ڊپ کان ايئن در تي ڪار جي هارن جو آواز آيو مون ڊوڙ پائي وڃي گيٽ کوليو ته هالار ۽ سسئي ٿڪ ڏيندا گهر اندر داخل ٿيا. هالار مونکي خالا چوندو هو ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته هالار کي مون جنم ڏنو آهي. ادي زاهده سان گڏ گهر ۾ رهڻ ڪري هالار ۽ سسئي ٻنهي کي مون پاليو. مون سسئي کان پڇيو:"ايتري دير ڪٿي لڳائي توهان، مان ڪيترو پريشان هئس."

هالار جواب ڏنو: "خالا برسات ۾ گهمڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي،سو اڄ اسان ڏاڍو خوش آهيون ۽ خالا ان خوشيءَ جو اظهار توهان سان ڪندس ته سسئي جو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏيو."

اهو ٻڌي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، آسمان مان زوردار آواز سان ڪنوڻيون ٽڪرايون ۽ هڪ ڪنوڻ منهنجي وجود تي ڪري جنهن مونکي رک ڪري ڇڏيو.

****

# ڳولا

هن ننڍپڻ کان وٺي خدا جي باري ۾ گھڻو ڪجھ ٻڌو هو ته سڄي دنيا خدا جي حڪم مطابق هلي پئي ايتري قدر جو ڪک به خدا جي حڪم بنا نٿو چُري هيءُ ڪم به خدا جي حڪم مطابق ٿيو هوندو. هو ڪم به خدا جي رضا مطابق ئي ٿيو هو. هوئن ڪرڻ ۾ به خدا جي مصلحت هئي، هيئن ڪرڻ ۾ به خدا جي ئي حڪمت آهي، هِن ظالم تي به خدا ڏمرجي پيو هوندو ۽ هُن جابر جو به خدا ئي انت آندو آهي. هُن کي دربدر ڪرڻ وارو خدا ئي هو. هِن کي به گداگر خدا ئي بڻايو آهي. سانڀر ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي هن خدا جي باري ۾ ايترو ته ٻڌو هو جو هن جي اندر ۾، خدا سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي خواهش ٿي ۽ اها هر پل وڌڻ لڳي ۽ پوءِ هر گذرندڙ گھڙيءَ اها خواهش شديد ٿيندي وئي هئي. هن خدا کي ڳولهڻ شروع ڪيو. خدا ڪٿي ملندو؟ مسجدن، مندرن، ٽڪاڻن، گرجائن، گُردوارن، دربارن، درگاهن، خانقاهن، مڙهين ۽ مزارن منجهان هڪڙو ئي ڏس، بار بار پئي مليس ته"عبادت ڪر، خدا پاڻ ئي ملي پوندو."

اچي عبادتن مٿان عبادتون ڪيائين، اهڙو ڪو به طريقو نه ڇڏيائين، جنهن جو ڏس هن کي نه مليو هجي ۽ هن عبادت نه ڪئي هجي پر تنهن جي باوجود به خدا نه پئي مليس، مايوسي محسوس ڪيائين ۽ پنهنجي خواهش جي تڪميل لاءِ پنهنجو حسين جوڀن به وڃائي ڇڏيو هيائين. هاڻ ته ڪارن جي جاءِ تي اڇا وار قابض ٿي چڪا هئس پر تنهن هوندي به خدا سان ملڻ واري خواهش، سيني اندر سانڍي، خدا جي ڳولا منجھ جهنگ جهر پيو رلندو هو ۽ آخرڪار اهو به سمجهي ورتو هيائين

تہ عبادتن سان ڪو بہ خدا نٿو ملي. هاڻ هن نئين سر خدا جي جستجو ڪرڻ شروع ڪئي. هڪ هنڌ ويهي عبادتون ڪرڻ جي بدران، هن خدا کي ڳولڻ وارا عملي قدم کڻڻ شروع ڪيا. ورهين کان هلندڙ هن جي تلاش ۾ تڙپ کي زماني بہ محسوس ڪري ورتو هو. شايد اهوئي سبب هو جو ڪجھہ عرصو گذرڻ بعد، هن کي سڄو لوڪ "درويش" جي نالي سان سڏڻ لڳو. اهو لقب ڏيندڙن ۾ ڪو بہ اهڙو ماڻهو نہ هوندو، جيڪو هن ڏانهن ڏسي کليو نہ هجي ۽ هن لاءِ چٿر، طنز يا ٽوڪ نہ ڪئي هجي. هن لاءِ عجيب ۽ غريب ڳالهيون نہ ڪيون هجن، بس هر فرد جي وندر جو سامان بڻجي چڪو هو. هن کي ايندي ويندي ڏسي ماڻهو مٿس ٽوليون ڪندا هئا ۽ بار بار اهوئي پڇندا هئس تہ :

"خدا سان ملي آئين يا نہ؟"

"خدا ڇا پيو چوي؟"

"خدا ڏسڻ ۾ ڪيئن هو؟"

"ڇڏ درويش ! توسان ۾ خدا ملندو... وڃ، ڪو پيو ڪم ڪار ڪر."

"اهڙيون اڻ ٽيڙيون آسون من منجھہ سانڍي قيمتي وقت نہ وڃاءِ."

هر ماڻهوءَ جو اهو خيال هو تہ خدا سان ملڻ سولو ناهي ۽ نہ ئي اڄ تائين، خدا ڪڏهن ڪنهن سان مليو آهي. ڪجھہ اهڙا ماڻهو بہ هئا جن جو خيال هو تہ خدا تہ خوشبوءِ جيان آهي، جنهن کي محسوس ڪري سگهبو آهي پر ڏسي ڪين ٿو سگهجي، خدا تہ گهلندڙ هِير مثل آهي، جنهن کي پنهنجي بدن سان ٽڪرائيندي محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهي سمورا ماڻهو کي ٿورو تہ کي گهڻو طنز، مزاق، يوڳ ۽ مسخري ڪندا رهيس، پر تنهن هوندي بہ هن جي زبان تي هميشہ اهي ئي سوال هوندا هئا تہ:

“ڇا اوهان مان ڪنهن خدا کي ڏٺو آهي؟”

اهڙا سوال جن کي ٻڌندي ئي ماڻهو ڪل ۾ ڪيرا ٿي پوندا هئا ۽ بس اهو ئي چوندا هئس ته:

“درويش ! تون ته صفا چريو ٿو لڳين.”

خدا جي تلاش ۾ ڪشالا ڪڍڻ جي باوجود به ڪٿان ڪو خدا سان ملڻ وارو گس نظر نه آيس. آهستي آهستي پنهنجي خواهش کي چڪناچور ٿيندي پائنيائين ۽ دلشڪسته ٿيندي، پنهنجي منهن روئڻ پٽڻ لڳو هو ۽ بڪواس لڳڻ لڳس اهو قول ته “همت مردان مدد خدا” چاڪاڻ ته هن پنهنجي عمر جا پنجونجاهه سال انهي ئي اميد ۾ گذاريا هئا ته خدا سان ملندس ۽ خدا کان پنهنجو رهيل حساب گهُرندس پر خدا سان ملڻ جي پنڌ ۾ ڪنهن به مدد ڪين ڪئي هئس. هڪ ڏينهن اوچتو ڪنهن گهٽيءَ منجهان گذري رهيو هو ته گيڙو رنگ واري چادر ڪلهن تي ويڙهيل شخص جي نگاهه پئجي ويس، جنهن هن جي باري ۾، ماڻهن جي واتان ٻڌو هو ته هتڙي ڪو درويش اهڙو به رهي ٿو جيڪو رات ڏينهن خدا سان ملڻ واريون ڳالهيون ڪندو رهي ٿو.

گيڙو رنگ واري چادر پهريل اهو شخص، اهو معلوم نه ڪري سگهيو هو ته هيءُ درويش ڪٿان جو آهي؟ ڪير مڙس آهي؟ آخر خدا سان ملڻ جو ٿو چاهي؟ هڪل ڪندي، پاڻ طرف، اچڻ جو اشارو ڪيائين. جيڪو درويش ٻڌي ورتو ۽ بنا ڪنهن دير جي اچي اڳيان حاضر ٿيو.

پڇيائين ته: “خدا سان ٿو ملڻ چاهين نه؟”

“جي جي پر...؟”

“اچ ته توکي خدا سان ملايان.”

درويش جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين.

درويش ائين ٽي پانيو جڻ وڃايل جواني واپس ملي وئي هجيس، خزان جي مند ۾ بهار محسوس ڪرڻ لڳو هو. خوشيءَ خوشيءَ انهيءَ اڻڄاڻ شخص پٺيان هلڻ لڳو. اهو ڪيڏو نه عجيب منظر هوندو آهي، جڏهن ڪو اڻڄاڻ شخص اڌورن خوابن جي ساڀيان جا آسرا ڏئي اڻڄاڻ هنڌ ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ انسان بنا ڪجهه سوچڻ سمجهڻ جي خوشيءَ خوشيءَ ان اجنبيءَ جي پٺيان لڳي پوندو آهي، شايد ان ڪري ته ان ويل انسان پنهنجي خواهش جي تڪميل جي ديوانگيءَ سبب اهڙو بتال هوندو جو ڪيس فريب به حقيقت لڳندو آهي.

ڪافي پيدل سفر طئي ڪري، آخر نيٺ هڪ سنسان هنڌ تي ڪنهن آستاني تائين پهتا، جتي هڪڙو وڏو مَنهُن نهيل هو ان مَنهنَ جي مٿاهين جاءِ تي هڪ وڏي تختي لڳل هئي جنهن تي "حق موجود سدا موجود" جا لفظ لکيل هئا. ويران جاءِ تي مَنهَنَ ۾ نهيل آستاني کي غور سان ڏسڻ لڳو ۽ سوچن منجهه غرق ٿيندي دل ۾ چوڻ لڳو:

"خدا هت ڪيئن ٿو رهي سگهي؟ خدا دنيا جا عاليشان محل ماڙيون ڇڏي، هن جهوپڙي منجهه پنهنجو جيون ڪيئن گهاريندو هوندو. جڏهن ته هو سڀني جو پيدا ڪندڙ مالڪ آهي ۽ هن جي اشاري سان زمين ۽ آسمان قائم آهن. هر شئي ان ئي خدا جي حڪم جي تابع آهي، تنهن جي باوجود به ايتري سادگيءَ سان پنهنجو جيون اهڙي ويرانگيءَ واري ماحول منجهه ڪيئن ٿو گهاري سگهي، سو به هڪڙي ڪکائين جهوپڙي منجهه...!؟"

ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيس ۽ اڻ ڳڻيا سوال ذهن جي اسڪرين تي اڀري اڀري ٿي آيس، جن جي جوابن لاءِ هتي وٺي ايندڙ شخص سان مخاطب ٿيو: "ڪٿي آهي خدا ... ؟"

”صبر ڪر ٻڌايانءِ ٿو پر ان کان اڳ، منهنجو هڪڙو شرط قبول ڪرڻو پوندءِ.“

پريشانيءَ وچان پڇيائين: “ڪهڙي شرط... ؟”

”شرط اهو آهي تہ پهرين اهو ٻُڌاءِ خدا سان ملڻ ڇو ٿو چاهين...؟“

”خدا ڏي منهنجو حساب رهيل آهي...“

سينور چڙهيل مٿ منجهان جست جي گلاس ۾ پاڻي پريندي پڇيائين: “ڪهڙو حساب؟”

بس ڇڏي ڏيو انهي ڳالهہ کي، اهو ٻڌايو تہ خدا ڪيڏي مهل ايندو.. ؟“

گلاس هن طرف وڌائيندي چيائين:

“ڏس درويش! مان توکي ايئن ڪونہ ٻڌائيندس خدا جي باري ۾، جيستائين تون مونکي اهو نہ ٻڌائيندين تہ خدا سان ڇو ٿو ملڻ چاهين ۽ خدا ڏي تنهنجو ڪهڙو حساب رهيل آهي.“

هڪ ئي ساهيءَ منجهہ پاڻيءَ جو گلاس پيئندي وراڻيائين:

“خدا مون سان وڏا ظلم ڪيا آهن، زندگيءَ جي وک وک تي مون لاءِ اذيت جو ڪارڻ بڻيو آهي. هن مون سان ايئن ڇو ڪيو، مون هن جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو... تون ئي ٻڌاءِ تہ مون خدا جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو، جنهن جي ايڏي وڏي سزا مون کي ملي ۽ اجان تائين پل پل ملندي رهي ٿي. ڪافي سارو منهنجو حساب خدا ڏانهن رهيل آهي، جنهن کي اڄ چُڪتو ڪري پوءِ ئي هتان ويندس.“

ائين چئي درويش خاموش ٿي ويو.

”اهو وري ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ تنهنجو ڪو حساب خدا ڏانهن رهيل هجي؟“

درويش، ڪلهي تي پنهنجائپ وچان هٿ رکندي چيس:

“ڇو اهو ڇو ڪونہ ٿو ٿي سگهي؟ ڇا خدا جي حڪم بنا ڪو ڪک چري سگهي ٿو؟، خدا هر شئي تي قدرت رکندڙ آهي، جيڪو ڪجهہ هن جهان ۾ ٿئي پيو، سو خدا جي رضا مطابق ٿئي آهي. اوهان کي منهنجو ڪيس ڪيئن سمجهہ ۾ ايندو جو ان ڪيس ۾ خدا کي صفائي پيش ڪرڻي آهي ڇو تہ جنهن مون کي هن دنيا منجهہ دربدر ۽ ذليل ڪيو آهي، توهان هن جي وڪالت ڪيئن ٿا ڪري سگهو. جڏهن تہ توهان کي منهنجي فرياد جي ڪا خبر ئي ڪانهي. توهان مون کي مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ خدا ڪيڏي مهل ايندو؟”

“آخر خدا توسان ڪهڙا ظلم ڪيا آهن؟”

“خدا مون کي يتيم پيدا ڪيو ايتري قدر جو پنهنجي پيءُ کي بہ اکين سان ڏسي نہ سگهيس. منهنجي پيدائش کان اڳ بابي کي، امان جي پائرن هٿان مارائي ڇڏيائين. جي خدا چاهي ها تہ مان پنهنجي والد کي ڏسي سگهان ها ۽ ان سان راند روند بہ ڪري سگهان ها... جنهن جو پيءُ سلامت هوندو آهي، ان ٻار کي محروميون ماري ناهن سگهنديون.”

“تنهنجي والد کي تنهنجي مامن ڇو ماريو؟”

مامن جا تہ هٿ هئا، پر ماريو تہ خدا ئي هو ڇو تہ خدا ئي زندگي ۽ موت ڏيندو آهي...”

“چڱو خدا ئي تنهنجي پيءُ کي ماريو پر ڇو ڪهڙو گناهہ ڪيو هو تنهنجي پيءُ ...؟”

“ڇو جو هن منهنجي امان سان پريت چاهت ڪئي هئي ۽ ان سان پسند جي شادي ڪيائين.”

“ان ۾ غلط ڪهڙو عمل آهي، سنوئي تہ ڪم هو.”

“ها پر منهنجو والد ڀيل (غير مذهب) هو۽ امان مسلمانن جي هڪڙي معزز خاندان جي حسين عورت هئي، ان ڪري هن سان ڪورٽ ميريج ڪيائين. جيڪا ڳالهه شايد خدا کي پسند نه آئي ۽ منهنجن مامن هٿان منهنجي والد کي مارائي ڇڏيائين ڇو ته خدا جي حڪم بنا ڪو به ڪم نٿو ٿئي، خدا هر شئي تي قادر آهي.”

“پوءِ ڇا ٿيو؟”

روئڻهارڪي آواز ۾ هن چيو:

“پوءِ ڇا ٿيندو، اهو ئي جيڪو خدا پيو چاهي، منهنجي ماءُ منهنجي والد صاحب جي موت کان بعد هن دنيا منجهه ڀرين بيواهه ٿي، اجهي ۽ ڳيپي لاءِ سرگردان ٿي، ماڻهن جي گهرن ۾ ڪم ڪيائين، ٿانو ڀاري ڪندڙ عورت لاءِ مردن جو خيال هوندو آهي ته اهي ته ڄڻ مال غنيمت ۾ آيل ڪي ڪنيزون آهن. منهنجي ماءُ جي عزت تي حملا ٿيا ته پورهيو ڇڏائجي ويس. آخرڪار گداگر بڻجي ڀٽڪندي رهي، زندگيءَ ۾ بنان ڪنهن سهاري جي جيئڻ اڄ به عورت لاءِ ناممڪن آهي، سو منهنجي ماءُ لاءِ زندگي، ڪو صحرا بڻجي وئي. مٿان باهه جي گولي جهڙو سج ۽ هيٺ تتل واري. خدا ڪنهن حسين عورت کي بازار ۾ آسانيءَ سان پنڻ جي اجازت به نٿو ڏئي...”

درد ۽ ڇنگار بڻجي درويش جي ڳلي مان رسا ڇنائي نڪري آيو ۽ هو اڳتي ڪجهه ڪچي ڪين سگهيو.

“ڇا مطلب...؟”

“مطلب اهو ئي ته منهنجي مظلوم امڙ کي رڳو پنهنجي لاءِ ته جيئڻو ڪونه هو، مون کي به ته پالڻو هئس. جڏهن ٻچو بيمار ٿي پئي ۽ گداگريءَ جي ڪمائيءَ مان دوا خريد نه ٿي سگهي ته پوءِ بازارن ۾ گداگري ڪندڙ

هڪ ڏينهن بازار جو ور ٽيڻ تي مجبور ٿيندي نہ؟ يا مان غلط ٿو چوان؟ منهنجي ماءُ بہ هٿ جي مٽائي بڻجي وئي. ڪافي سال منهنجي بقا لاءِ منهنجي امان اهو ڏگ اپنايو.... ايتروئي نہ مون کي تہ اهو بہ سڀ ڪجهہ اڃا تائين ياد آهي تہ لولي ڏيندي امان خدا کي بار بار اهوئي چوندي رهندي هئي تہ "اي مالڪ ! تون ٻاجهہ ڪر، اي مالڪ تون مون تي ۽ منهنجي جيئامڙي ٻچڙي تي ٻاجهہ ڪر." پر تنهن هوندي بہ خدا اسان تي ڪو رحم نہ ڪيو ۽ وک وک تي اذيت بخشيندو رهيو ۽ هڪ ڏينهن منهنجي امڙ انهن اذيتن ۾ دم ڏيندي، مون کان هميشہ لاءِ وڇڙي وئي ۽ انهيءَ ۾ بہ شايد خدا جي خوشي هئي...؟۽ مان اڪيلو ٽي پيس ماڻهو مون کي شايد خدا جي خوشنوديءَ خاطر "رنڊيءَ جو پٽ"سڏيندا هئا پر هڪ ڏينهن آپا مون کي هٿڙي وٺي آئي، جتي ڪير بہ سڃاڻپ وارو ڪونہ ٿي مليو ۽ نڪي ڪنهن "رنڊيءَ جو پٽ" ٿي سڏيو. هڪڙو وقت آيو تہ مان اسڪول ۾ داخل ٿيس. شام جو مدرسي پڙهڻ بہ ويڻ لڳس. ٻنهي هنڌن تي مون کي ٻڌايو ويو تہ "سڀ ڪم خدا جا آهن، جنهن کي چاهي عزت ڏئي، جنهن کي چاهي ذلت ڏئي...پوءِ خدا جي ڳولا ڪرڻ شروع ڪيم ۽ نيٺ تنهنجي مدد سان هتي خدا جي آستاني تائين پهچي ويس. تون ٻڌائين ڇو ڪونہ ٿو تہ خدا ڪهڙي وقت ايندو...؟"

"اها آپا ڪير هئي، جا توکي هن جُوءِ ۾ ڇڏي وئي؟"

"آپا منهنجي امان سان گڏ ڌنڌو ڪندڙ طوائف هئي، جنهن امڙ جي وڇڙڻ بعد مون کي پاليو هو."

"خدا ڪيڏي مهل ايندو؟" درويش وري اتالو ٿيندي پڇيو.

"ڪير خدا؟ ڪهڙو خدا؟ انسان خود خدا آهي، تون پاڻ پنهنجو خدا آهين، درويش ! تو اڄ تائين ڪڏهن پسيو آهي خدا کي، نہ ڪڏهن بہ نہ،

سڀ ڪجهہ انسان ئي ڪندو آهي، ان ڪري انسان ئي خدا آهي، تون پنهنجو رهيل حساب ڏرتيءَ تي رهندڙ خدائن سان ڪري سگهين ٿو، جيڪي تنهنجا ازلي ڏوهي آهن، جن توکي هن معاشري ۾ جيئڻ جي لائق نہ ڇڏيو.“

****

# سائيڪل وارو

ان وقت هُن جي عمر يارنهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي، هوءَ آهستي آهستي بلوغت جي سرحد تي پهچڻ لڳي هئي، سندس چاتيءَ تي خوبصورت اڀار اڀري ويو هو هوءَ اوڙي پاڙي جي سڀني ڇوڪرين کان ذهين هوندي هئي. سڄي پاڙي ۾ پنهنجي خوبصورتي، ذهانت ۽ رحمدلي جي ڪري مشهور هئي، هوءُ ڪڏهن اهو ڪونه سمجهندي هئي ته ڪا سندس ٻاراڻي عمر اکري پئي. ماءُ جون رڙيون ۽ سمجهاڻيون ته“او امان ! هاڻ تون وڏي پئي ٿئين ايئن ٻاهر نه ويندي ڪر، مٽي تي ڪورئو رکُ.” پر هوءَ ايندي ويندي هر ڪنهن جي گهر ۾ پئي گهمندي هئي.

ڪڏهن ماسي نوران سڏ ڪندي هئس ته“او امان ياسي مٽي ڪي سير ته ڏي، مار پوي جوئن ڪي مٿوئي ڪائي ڇڏيو اٿن، ڪنهي ڪنهي مٽي ۾ ڦت ٿي پيا آهن.”

ٻوڙ پائي وچي ماسي نوران جي مٽي ۾ اهڙي سير ڏيندي هئي جو ماسيءَ کي ننڊ وٺي ويندي هئي، ايئن ڪڏهن ريل جي ڦاٽڪ تي نهيل قاسم چاچا جي زال کان سئيٽر اُڻڻ سکڻ ويندي هئي، ڪڏهين ادي شاهده سان گهر جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي هئي ۽ هوءَ بدلي ۾ ڪيس سلائي سيکاريندي هئي، پنهنجي گهر ۾ به ماءُ جو هر ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي هئي، جنهن ڪري سڄي ڳوٺ ۾ سگهڙ جي نالي سان سڏيندا هئس. اسڪول ۾ به ماسترياڻيون هن جي سٺي سڀاءُ ڪري تعريف ڪنديون هيون. هوءَ شرارتون به جام ڪندي هئي، بهادر به حد کان وڌيڪ هئي.

رستي ويندي جيڪڏهن ڪو ڇوڪرو ڪجهه چوندو هئس تہ مردن جيان ان سان مهاڏو اٽڪائيندي هئي ۽ گاريون پوندا ڏئي، جهيڙا ڪندي، ٿهڪ ڏيندي، بنان ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ٽينگ ٽپا ڏيندي گهر ايندي هئي، گهر جو سودو سامان بہ پاڻ وٺي ايندي هئي.

ايئن ئي هڪ ڏينهن دڪان تان سودو وٺي واپس اچي رهي هئي تہ پويان کان ڪنهن سائيڪل واري گهنٽي وڄائي، هن بي اختيار پوئتي مڙُي سائيڪل واري ڏي نهاريو. سائيڪل تي سندس پاڙي واري مسجد جو مؤذن ملان جُوسو هو. جيئن ئي هنُ جي سائيڪل واري ملان تي نظر پئي تہ ملان جُوسي هن کي متوجهہ ٿيندو ڏسي، پنهنجي قميص مٿي ڪئي. هنُ ڏٺو تہ ملان جُوسو ڪيس پنهنجو جنسي عضوو ڏيکاري رهيو هو. هيءَ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي واڻڙي ٿي وئي ۽ تيزيءَ سان ڊوڙندي، سهڪندي اچي گهر پهتي، گهر پهچي سندس دماغ گهمڻ لڳو ۽ ڇهري تان پگهر ريلا ڪري وهڻ لڳُس. هوُءَ ڏاڍي بي چين ٿي پئي هئي. هر هر هن جي اڳيان ملان جوُسي جو ڇهرو ۽ قميص هيٺيان لڪيل عضوو ياد پيو اچيس، هوُءَ ڪافي پريشان هئي بہ ڏينهن تہ گهر کان ٻاهر ئي ڪونہ نڪتي، نہ ڪو وري اسڪول وئي. ٽئين ڏينهن ماسي نوران پٽ تي چڙهي آواز ڏنس: ”او امان ياسي ڪٿي آهين اچُ مٿي تي سير تہ ڏي.“

ياسي هائو چئي ماسيءَ ڏانهن وئي، سير ڏيڻ مهل رکي رکي هن جي دماغ ۾ ملان جوسي جو ڇهرو ۽ سندس قميص هيٺيان لڪيل عضوي جو خيال اچي رهيو هو هن کي سمجهہ نہ پئي آيو تہ آخر اهو ڇا هو.

ملان جوسي آخر پنهنجو جنسي عضوو شلوار کان ٻاهر ڇو ڪڍيو هو؟ هن جي ننڍڙي دماغ ۾ سوالن جو طوفان ڇوليون هڻي رهيو هو.

هن ماسي نوران کي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ پئي چاهيو پر ڇا ۽ ڪيئن ٻڌائي، سمجهہ ۾ ڪجهہ ڪونہ ٿي آيس، ڪيس خيالن ۾ گم سم ڏسي ماسي نوران چيس: ”امڙ ڪٿي ڏيان اٿئي؟ اڄ سير بہ سهي ڪونہ پئي ڏين.“

هن جان ڇڏائڻ لاءِ چيو: “بس ماسي اڄ ٿڪجي پئي آهيان، سڀاڻي سٺي سير ڏينديسانءِ.”

“چڱو چڱو امڙ تون آرام ڪر. سڀاڻي اڄجان ۽ ها امڙ چاڏيءَ ۾ تنهنجي لاءِ ڏڌ ۽ مکڻ چاٽو رکيو اٿم سو کڻي وڃ.”

ماسي نوران جنهن وٽ ٻه مينهون هيون. هڪ مينهن جو کير وڪرو ڪندي هئي ۽ هڪ مينهن جي کير مان گهر وارن کي ڏيندي هئي ۽ ڪجهه کير چاڏيءَ ۾ ڏوئنرو ناهي صبح سوير ڏڌ ولوڙي مکڻ ڪڍندي هئي. اوڙي پاڙي وارا ٻه ماسي کان ڏڌ وٺڻ ايندا هئا. سو ڏڌ ۾ پاڻي وجهي ڇڊو ڪري ڏيندي هئن. پر ياسي ته ماسي ۽ ٻين سڀني جي دادلي هئي سو ياسيءَ لاءِ چاڏيءَ ۾ ئي گهاٽو ڏڌ ۽ مکڻ چاٽو رکندي هئي. ياسي، ماسي نوران کان ڏڌ مکڻ کڻي گهر پهتي، پر دماغ ۾ ساڳي ملان جوسي جي تصوير بار بار پئي اچيس. ڪيس اهو سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ملان جوسو جيڪو مسجد جو مؤذن آهي، سڀ سندس وڏي عزت ڪندا آهن. ان ايئن ڇو ڪيو؟ خيالن ۾ اهو ڏينهن گذري ويس. ٻئي ڏينهن جيئن ئي ماڻهنس جي چوڻ تي ياسي ٻيبو جي هٽ تان سودو وٺي روڊ جي پاسي کان اچي رهي هئي ته ساڳو منجهند جو ٽائيم هو ته وري پويان کان سائيڪل جي گهنٽي وڳي هن جيئن ئي پوئتي مڙي ڏٺو ته وري ساڳي طرح سائيڪل تي ملان جوسو سوار هو جنهن ساڳي طرح قميص مٿي ڪئي، اهو ڏسي هن ڊوڙ پاتي هن جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي، هڪ اڻڄاتل خوف هو جيڪو هن کي وڪوڙي ويو هو. ٿورو اڳتي پهچي پويان ڪنڌ ورائي ڏٺائين ته ماڻهو سائيڪل سوار کي “مولانا سائين” ڪري سلام پيا ڪن. هن ڪجهه لمحن لاءِ اهو لقاءُ ڏٺو.

پوءِ تيز ڊوڙندي گهر پهتي، اڄ اڳ کان ٻه وڌيڪ هن جي طبيعت عجيب ٿيڻ لڳي، هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته آخر هوءَ ڪنهن سان اها ڳالهه ڪري ۽ ڪيئن ڪري ان سوچن ۾ اڄ هوءَ قاسم چاچا جي گهرواريءَ ڏانهن ٻه ڪونه وئي ايئن سوچيندي ٻي ڇينيءَ ۾ رات ٿي وئي. ماڻهنس چيو: “ياسي تو اڄا تائين ماني ناهي کاڌي.”

هن منهن مٿان رلي اوڍيندي وراڻيو: ”امان بک ناهي.“
ماڻهنس پڇيو: ”چو خير ته آهي؟ طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه؟“
ياسي: ”ها امان ٺيڪ آهيان، بس بک ناهي لڳي.“
ڪافي رات گذري چڪي هئي، پر هن جي اک ڪانه لڳي، هن جي اکين سامهون اهوئي ڏينهن وارو منظر  پئي ڦريو. ڪيس بار بار ملان جوسي جو ڪارو رڇ جهڙو هيبت ناڪ چهرو ياد  پئي آيو. سوچيندي لڇُندي، ڪڙهندي آخر صبح ٿي ويو پر هن جي اک ڪونه لڳي، صبح جو هنڌ تان اٿڻ شرط هن فيصلو ڪيو ته اڄ جيڪڏهن سائيڪل وارو نظر آيو ته هيءَ ڇا ڪندي، سو تڪڙي تڪڙي اٿي تيار ٿي چانهه پي ناشتو ڪري، ساهڙين سان گڏ اسڪول وئي. اسڪول ۾ به رڳو ساڳيو منظر سندس ذهن ۾ پئي ڦريو. اسُڪول کان واپس گهر پهتي ته امڙ ڏانهن پئي نهاريائين ته امڙ سودو وٺڻ موڪلي ته ذهن ۾ تيار ڪيل پنهنجي منصوبي تي عمل ڪري.
آخر جڏهن امڙ کو ڪم نه ٻُڌايس ته هن ماءُ کي چيو: ”امان ڪجهه ٻيبو جي هٽ تان گهرائڻو آهي ته پيسا ڏي ته آڻيان.“
ماڻهنس پيسا ڏيندي چيس: ”هارات لاءِ چانور ناهن وٺي اچ.“
اڄ هُن ماءُ جي وڏي چادر اوڍي هئي. روڊ جي پاسي کان سروٽو ڪٽي گنديءَ جي هينيان ساڄي  هٿ ۾ لڪائي ڇڏيو. هوءُ جيئن ئي ٻيبوءَ جي هٽ تان سودو وٺي نڪتي ۽ هلندي روڊ جي پاسي تي پهتي ته پويان سائيڪل سوار گهنٽي وڄائي، هن ٻيهي ڀريان پرپاسي جو جائزو ورتو. ڪيس ٻيهندو ڏسي اڄ سائيڪل سوار ٿورو سندس ويجهو آيو. هن ڏٺو ته موقعو ڀلو آهي، هر ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهي سو چادر جي اندر ساڄي هٿ ۾ لڪايل وڏو سروٽو ڪڍي پنهنجي پوري طاقت سان سائيڪل سوار ملان جوسي کي مٿي ۾ وهائي ڪڍيائين ۽ تمام تيزيءَ سان پاڻ اتان کان پرتي ٿي ٻيهي رهي، جيئن ڪنهن کي هن تي شڪ نه ٿئي، سمجهدار ته هوءَ اڳي ئي هئي، هن جي سروٽي لڳڻ شرط ملان جوسو هيٺ ڪري پيو ماڻهن ڏٺو ته سائيڪل تان ملان جوسو ڪريو آهي سو

پڄندا آيا ۽ اچي ڪيس ڪنيائون. ملان جوسي جي مٿي مان رت وهي رهيو هو. ڪيس روڊ جي ڪناري تي ويهاريو پئي ويو تہ سندس قميص مٿي ٿي وئي. ماڻهو اهو ڏسي حيران ٿي ويا تہ ملان جوسي جو جنسي عضوو شلوار کان ٻاهر نڪتل هو.

****

# مُڪتي

ولوءَ جا چَپ سُڪي نوٽ ٿي چڪا هئا. اکيون اندران ڏرا ڏيئي ويون هئس، پيٽ وچي پُٺيءَ سان لڳو هيس. مسلسل چوٿون ڏينهن تيز بخار. اڄ تہ بخار جي دوا بہ ختم ٿي چڪي هئس، جيڪا چار ڏينهن اڳ پٽهنس هن کي سرڪاري اسپتال مان وٺي ڏني هئي. اڌ ڏينهن گڏھ گاڏي تي ويندي ۽ اڌ ڏينهن اسپتال ۾ ڊاڪٽر جي انتظار ۾ گذريو هو. هڪ ڊاڪٽر مٿان سوين مريض ۽ اسپتال ۾ رڳو اڇيون گوريون ۽ ڳاڙهي پاڻي واري دوا، رهندو اسپتال کان موٽندي تيز برسات شروع ٿي، رستي تي ٽڏ لڳڻ ڪري ولوءَ جي طبيعت ويتر خراب ٿي وئي. ڊاڪٽر چيس: "هن کي پائوڊر واري دوا پيار يا شهر واري خانگي اسپتال آڻيس." جيڪا ان ڊاڪٽر جي خانگي ڪلينڪ هئي. تڏهن اکين ۾ ولوءَ جي پيءُ لڙڪ آڻيندي ڊاڪٽر کي عرض ڪيو هو تہ: "ڊاڪٽر صاحب سڄو ڏينهن بني تي سرون ڻاهيندو آهيان، شام جو وچي ايترا پيسا ملندا آهن جو گهر جو پورو سودو بہ ناهي ايندو، مٿان هن ويچاري گڏھ لاءِ بہ پيسا ناهن بچندا جو ڪو داڻو پاڻي ڏيان، سواريءَ جو هيءُ ئي واحد ذريعو آهي، اسان جو ڳوٺ اسپتال کان ڏھ ڪلو ميٽر پري آهي، نہ روڊ آهي نہ ئي اتي ڪا سواري ايندي آهي."

ڊاڪٽر چڙ ڪائيندي ولوءَ جي پيءُ کي چيو هو تہ: "بس هاڻي پنهنجي رام ڪهاڻي بند ڪر وچي محنت ڪر، اسان بہ تہ محنت ٿا ڪيون."

تنهن تي ولوءَ جي پيءُ ڊاڪٽر کي خالي نظرن سان ڏٺو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ولو کي گڏھ گاڏي تي ويهاري روانو ٿيو.

اسپتال ۾ جيڪي ٿوريون گهڻيون دوائون سنيون اينديون هيون، سي ڊاڪٽر پنهنجي خانگي اسپتال ۾ وڪرو ڪندو هو. تنهن ڳالهہ جي سيني کي چڱي ريت خبر هئي. ولو جي پيءُ کي بہ خبر هئي، پر ڊاڪٽر

کي ڇا ڇئي...؟ رهندو جيڪا ٿوري گهڻي ٻاڙهي دوا ملي رهي هئي، تنهن کان به رهجي ويڃڻ جو ڊپ، سو ان ڏينهن گهر ايندي جام برسات ٿيڻ سبب ولوءَ جو بخار وڌي ويو. اڄ چوٿون ڏينهن هو پر برسات بيهي ئي ڪونه پئي، ولوءَ جي پيءُ جو روزگار به سرن جو، سو برسات سبب بنو به بند لڳو پيو هو.

ڪلهه وچي سيٺ کي ايلاز منٿ ڪيائين ته به ٿي ڏوڪڙ اڌارا ڏي، پر سيٺ اهو چئي واپس ڪيس ته برسات سبب هو پاڻ نقصان ۾ ويو آهي.

گهر ۾ ڪلهه کان ڪا شئي کائڻ لاءِ ڪونه هئي، ويچاري گڏه به بک کان دانهون پئي ڪيون ۽ ولوءَ کي هڪ تيز بخار ٻيو ڪلهه کان ماڻهنس رڳو پاڻي پئي ڏنس، ولوءَ ڏاڍي نماڻائيءَ وچان جهيڻي آواز ۾ چيو: ”امان ڀلا ڪو ماني ڏيو آهي؟“

هي ستن سالن جو معصوم ٻار جيڪو چار ڏينهن کان سيءَ بخار ۾ تپجي رهيو هو. جيڪا ٿوري گهڻي رب گهر ۾ پئي هئي سان به ڪلهه ختم ٿي وئي. جيڪا به جام پاڻي وجهي ماڻس ڇڏي ڪري پچائي هئي، ڪلهه کان سپ بک تي هئا. جهوپو به سڄو جُهري پيو هئڻ، ايتري ۾ وري ولوءَ چيو: ”امان ڀلا مانيءَ ڏيو ڏي.“

ولوءَ جي ماءُ ڏک ۽ پيڙاهه مان لڇندي پنهنجي ٻچڙي کي بخار ۽ بک ۾ تڙپندو ڏسي اندران اڌُ ٿي پئي، هاڻي ته ويچاريءَ جا ڳوڙها به سُڪي ويا هئا، ولو جو پيءُ ڪک ڪانا ميڙي جهڳي ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. پاڻ به ٻن ڏينهن کان بک تي پاهه هو. سندس پنهنجي غربت ۽ ناڪاميءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آيس. قاتل پهراڻ ۽ پراڻي گوڏ پاتل برسات ۾ پورو آلو ٿي ويو هو.

ڪنهن جي در تي وڃي ها اتي لپ لاءِ آس پاس سپ مارو ماڻهو هن جهڙا ئي هئا، سيني جا پيٽ بکايل ۽ جهوپا جهريل هئا، تقريبن ڳوٺاڻا سپ زائفون ۽ مرد ڳوٺ جي سرن جي بٺي تي ڪم ڪندا هئا، سيٺ

ايترا ڏوڪڙ ڏيندو هو جو مس وچي ٻہ وقت جي مانيءَ جو بندوبست ڪندا هئا. پنهنجو پيٽ ڪاٽي ڪجھ داڻو پاڻي ويچاري ڳڏھہ لاءِ آڻيندا هئا. جيڪو پڻ هنن جيان لاچار ۽ ڪمزور ٻڍيل هو. شايد ان بي زبان کي بہ هنن جي حالت تي ڪهڪاءُ ايندو هو پر سيٺ کي مٿن ڪڏهن ڪو رحم ڪونہ آيو.

برسات تمام وڏو زور لڳايو رات جو پهريون پهر ختم ٿي ويو هو. ولوءَ کي بخار ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو. ماڻهنس سيرانديءَ کان ويٺي ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي. دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيائين تہ صبح جو وڃي سيٺ اڳيان پاڻ کي ارپي ڇڏيندي. سيٺ ڪيترائي چڪر آچ ڪئي هيس پر هن پنهنجي ور جي عزت کي مانُ ڏيندي چيو هئس سيٺ اسان تنهنجي مزدوري پيا ڪيون جيڪڏهن جسم وڪڻو هجي ها تہ پوءِ هيترا ڪشالا نہ ڪيون ها. اسان کي پنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ لڄ پياري آهي. سواءِ ولوءَ ماءُ کي لڄ کان وڌيڪ پنهنجي ٻچڙي جي زندگي لڳي رهي هئي. اندر ئي اندر لڇي تڙپي رهي هئي.

وري ولوءَ جهيڻي آواز ۾ چيو: "امان ماني...!!!"

مشڪل سان ولوءَ جي نڙيءَ مان اڌ آواز نڪتو. ولوءَ ماءُ اتان اٿي ٿورو اڳتي آئي. هنن جو جهوپو پورو پاڻيءَ سان پر جي چڪو هو. اڌ ڪٺ جا پاوا پاڻيءَ ۾ ٻڏي چڪا هئا. ولوءَ ماءُ جهوپي کان ٻاهر آئي ڪنڌ مٿي ڪري آسمان طرف ڪيائين اڄ آسمان مان قهر وسي رهيو هو. جيڪو هنن جي جهوپن سان گڏ هنن جي جيون کي جهوري رهيو هو. ولوءَ ماءُ پوري آلي ٿي وئي. پريان ولوءَ پيءُ جهوپي کي پراڻن رسن سان ٻڌي رهيو هو. ولوءَ ماءُ مسلسل آسمان کي تڪي رهي هئي. اوچتو زوردار ٺڪاءُ ٿيا. پورو آسمان روشن ٿي ويو ۽ ان ئي ويل روشنيءَ جو زوردار گولو اچي هنن جي جهوپي مٿان ڪريو. سڀ ڪجھ خاموش ٿي ويو ...ولوءَ جو ماني ماني ڪرڻ ۽ ماڻهنس جو آسمان طرف ٻاڏائڻ.... صبح جو ڳوٺاڻن ولوءَ وارن جي جهوپي تي چار جو ڍير ڏٺو جتي رات وڄ ڪري هئي.

# پوسٽ مارٽم

جڏهن ڪان هن شهر جي رستن تي پيرَ پاتاسين ۽ جيئن جيئن اڳتي وينداويا سين تئين تيئن محسوس پئي ٿيو ته زندگيءَ کي پوئتي ڇڏيون ٿا ۽ انهن ۾ سرد ٿيل جذبن کي اڳتي ڪندا ٿا وڃون. ان ڪري جو ٿڌن جذبن ۾ سواءِ پنهنجو پاڻ جي ڪنهن جو احساس باقي ناهي رهندو. خبر ناهي ائين ڇو آهي؟ پر گهڻي ڀاڱي هن شهر جي ماڻهن ۾ ٻين لاءِ گرم جذبا ناهن، نه محبت جا، نه احساسن جا، نه ئي انسانيت جا، پر جيڪڏهن آهن ته فقط پنهنجو پاڻ لاءِ ئي آهن.

هنن وٽ ٻين لاءِ نفرت آهي يا ڪٿي ته نفرت ڪرڻ لاءِ به وقت ناهي يا انهن انهيءَ بي حسيءَ ۽ بي خبري واري عمل کي به نفرت جو نالو ڏنو آهي. گهڻو تعداد اهڙن ئي سرد مهري وارن جذبن رکندڙن جو آهي. ڀلي هن شهر جي موسم يا گرميءَ جو پَدُ ڪيترو به ڇو نه هجي پر هتي جذبا ٿڌا ئي رهندا آهن. ان جو مقصد هرگز اهو ناهي ته ڪو ٿڌن جذبن ۾ ڪاوڙ ناهي، پر ڪنهن لاءِ احساس ناهن. مان روزانو هن شهر جي رستن جو طواف ڪندي آهيان، اهو نه سمجهيو ته بغير ڪنهن سبب جي هي شهر اهڙو آهي جو روڊن ۽ رستن تي ڪنهن کي به برداشت ناهي ڪندو. انڪري ته روز هن شهر جي روڊن تي سرد جذبن وارا ٻين کي لتاڙي ويندا آهن، ڀلي چٿيل، ڦٽڪن پيا، پر هن شهر سان گڏ ڪنهن کي ڪهڪاءُ ڪونه ايندو. مان روز روز هن شهر جي روڊن رستن ۽ ان ۾ رهندڙن جنهن ۾ رشتيدار به شامل آهن. انهن جون ناانصافيون ڏسندي آهيان ۽ اهي ڏسندي ڏسندي ڪيئي سال گذري ويا پر هي سرد جذبن جو شهر ۽ رهندڙ ماڻهو ساڳيا ئي آهن. سرد مهر ماڻهن پنهنجن رشتن کي به ڪنهن سرد

خاني جيان ڄمائي ڇڏيو آهي. بس جڏهن وڏيڪ جذبا تڏا ٿيندا اٿن تہ ڪنهن نہ ڪنهن جو پوسٽ مارٽم ڪري وجهندا آهن.

ايترو ڪجهہ ٿيڻ جي باوجود بہ هن شهر تي ڪو فرق ناهي پوندو نہ ئي رهندڙن تي، انڪري جو سڀ ڄميل آهن. اڄ بہ روز جيان هن شهر جي روڊن تي راڪاسن جا رانياٽ لڳل آهن. مونکي ان راڪاس جي رانياٽن کان ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي، دل چوندي آهي تہ جيڪر هي شهر ئي ڇڏي وڃان، پر... ڪٿي....؟

اهي راڪاسن جا رانياٽ تہ منهنجي سنڌ جي هر شهر ۾ آهن، بس فرق ايترو آهي تہ هن شهر ۾ ڪجهہ گهڻائي رانياٽ آهن. مونکي اهي رانياٽ ڀڏي هڪ اڻڄاتل خوف ورائي ويندو آهي، مان اڪثر ڊرائيونگ دوران ڪنڌ ورائي تِڪ ڀڏي، ان راڪاس جي اندر جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان، ايئن ڪرڻ تي ڪيترائي دفعا مان پاڻ ان راڪاس جي ور چڙهندي ٻچي آهيان. ڪيترائي دفعا تہ منهنجو چالان پڻ ٿيو. پر پوءِ بہ جڏهن راڪاس جي رڙ ٿيندي آهي تہ منهنجي اندر هڪ هلچل پيدا ٿيندي آهي، مان سوچيندي آهيان تہ خبر ناهي وري ڪنهن جي گهر جو ڏيئو وساميو وري الائي ڪنهن جون مرڪون کسيون ۽ وري خبر ناهي ڪنهن جون ننڊون ڦٽايون.

مونکي اڄ بہ اهو ڏينهن ياد آهي، جڏهن هن سرد خاني جهڙي شهر ۾ صبح جو منهنجي فليٽ هيٺيان رانياٽ ڪندو راڪاس گذريو ۽ خبر ناهي ڇو ان ڏينهن منهنجي اندر ۾ ان رڙ هڪ آنڌ مانڌ ۽ بي چيني پيدا ڪري ڇڏي، عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿي وئي هئي.

تقريبن صبح جا ڏهہ ٿيا هئا، انهن راڪاسن جون ڪيتريون ئي رڙيون ٿيون پر ان ڏينهن هڪ رڙ مونکي گهٽو ڏوڏيو ۽ اندر ۾ ڪنهن خنجر جيان کُپي وئي. مان ان راڪاس جي رڙ جي باري ۾ سوچڻ لڳس ۽ ان ڏينهن مون منجهند جي ماني بہ ڪانہ کاڌي، منهنجي مونجهہ پئي

وڃي وڏندي ۽ اها رڙ منهنجي دماغ جي پردن کي ڦاڙي رهي هئي، اڄ بہ ياد اٿم، جڏهن تين وڳي جو ٽائيم هجي ۽ منهنجي موبائيل جي رنگ وڳي خبر ناهي ڇو مون ايترو تڪڙ ۾ موبائيل هٿ ۾ ڪنئي ڄڻ مونکي ان رنگ جو انتظار هجي، نمبر تہ بابا جو آهي پر پوءِ بہ تڪڙ ۾ بي چين ٿيندي پڇيم:"بابا خير تہ آهي..."

انڪري جو بابا اڪثر بہ ٽي مس ڪالون ڏيندو هو پوءِ مان ڪال بيڪ ڪندي هئس. منهنجو اهو پڇڻ تہ بابا خير تہ آهي...؟ پويان اردو ۾ ڪنهن ڇوڻ شروع ڪيو:"آپ اس کي کيا لگتي هين؟"

منهنجي نڙيءَ ۾ لفظ اٽڪي پيا، ٿٿندڙ ۽ حيرانيءَ واري لهجي ۾ پڇڻ جي ڪوشش ڪيم، دل زور زور سان ڌڙڪِي رهي هئي، جيڪا ڪيفيت صبح کان هئي ان ۾ ويتر واڌ ٿي وئي. اڃان مان ڪجهہ ڪڇان ها تہ ٻيهر اردو ۾ ڪنهن ڳالهايو. چيائين تہ جنهن جي هي فون آهي، ان جو اڄ صبح تقريبن ڏهين وڳي ايڪسيڊنٽ ٿيو هو. مان ايڌي سينٽر کان پيو ڳالهايان، لاش سرد خاني ۾ پيل آهي، مهرباني ڪري ڪٽي وڃو.

اوهہ ... الله! ڄڻ مٿان ڪيئي ڇپون ڪريون هجن ۽ مان انهن هيٺان دٻجي وئي هجان. منهنجو ساهہ سڪي ويو، نڙي نوٽ ٽجي وئي ڄڻ صدين کان ڪنهن صحرا ۾ اڃاري هجان. منهنجي نڙيءَ ۾ نڪرندڙ لفظ اٽڪي پيا، فون منهنجي هٿ مان ڪري پئي، پوري جسم ۾ ڪنبٽي شروع ٿي وئي ۽ صبح ويندڙ راڪاس جي رڙ مونکي ايترو ڇو تڙپايو سا ڳالهہ هينئر سمجهہ ۾ آئي، منهنجي ٻارن جڏهن منهنجي حالت خراب ٿيندي ڏٺي، تڏهن ڊوڙ پائي اچي مونکي جهليائون ۽ مٿي تي پاڻي هاري پڇڻ لڳا:

"امي ڪنهن جي ڪال هئي...!؟"

ڪجهہ سامت ۾ اچڻ ڪانپوءِ چيم: "بابا...منهنجو بابا...!!!"

"ڇا ٿيو امان... ڇا ٿيو نانا کي...؟"

مشڪل سان چيم: ”ايڪسيڊنٽ.“

ٻارڙن جون رڙيون نڪري ويون. سوالن جي مٿان سوال ڪرڻ لڳا:

”امي ڪيئن...؟ ڪٿي...؟ ڪهڙي ٽائيم...؟ ڪنهن ٻڌايو ۽ هاڻي نانا ڪٿي آهي؟“

مان جيڪا صبح کان ڪنهن سوال ۾ اٽڪيل هئس، فون ٻڌڻ سان ٻارڻ سوال ٻڌجي ويس، آخر ٻارن منهنجي امڙ ۽ ڀائرن ڀينرن کي اطلاع ڏنو ساڳئي وقت پنهنجي پيءُ کي به ٻڌايائون. جيڪو ڪجهه ئي دير ۾ گهر آيو ۽ مون کان ايڊريس پڇي وڃڻ لڳو. مون ضد ڪيو ته مان به هلندس، سو جڏهن ڪار ۾ ويهي هن شهر جي روڊن تي نڪتاسين ته وري به ساڳيا رانياڻ هئا...هر منٽ کان پوءِ راڪاسن جا رانياٽ شروع ٿي ويا. مون پنهنجي ڪنن کي ٻنهي هٿن جون ترڀون رکي بند ڪيو پر رانياٽ پوءِ به ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. مونکي ايئن پئي لڳو ڄڻ روڊ تي ڪار جا ٽائر ڄمي ويا هجن. رستو ڄڻ بيهي رهيو هجي. منهنجي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. بس ڪنهن معجزي جي آسري تي هيس. پنهنجو پاڻ کي ڏڍ ڏيندي رهيس ته بابا بلڪل ٺيڪ هوندو. انهن کي غلط فهمي ٿي هوندي. ڪال ڪرڻ وارو ڀليو هوندو پر ان منهنجي ئي نالي تي ڪال ڪئي هئي.

مون کي اهو ڏينهن ياد آيو جڏهن مون بابا کي فون ڏني هئي ۽ بابا چيو هو: ”امڙ پنهنجو نالو ادي لکجان. باقي نالن ۾ نمبر لکي ڇڏ.“

۽ جڏهن ڪال آئي هئي ته انهن چيو هو:

”توهان مان ادي ڪير آهي؟ جنهن جو نمبر ادي جي نالي سان سيو آهي؟“

او منهنجا رب مون ٿڌي آهه ڀري ڪار جي ڪڙڪيءَ مان آسمان طرف نهاريو. پورو آسمان ڪارو ڪارونيار لڳو پيو هو مان دعا ڪرڻ لڳس ته ڪڏهن هن شهر تان بيحسيءَ جا ڪارا ڪڪر هٽندا، ڪڏهن

خوشين جو سج اڀرندو ۽ ڪڏهن هن شهر جي ڄميل جسمن ۾ جذبن کي پگهاري، پيار انسانيت ۽ احساسن جي روشني پريندو؟

ايتري ۾ ڪار بيٺي ۽ منهنجي گهر واري لهڻ جو اشارو ڪيو. مان واٺڙن جيان ان جي پويان هلڻ لڳس ۽ ڪجهه ئي دير ۾ هڪ حقيقي سرد خانو منهنجي اڳيان هو. جتي ڪيترائي جسم ڄميل پيا هئا، سيني جي مٿان اڇي چادر ۽ نمبر لکيل هئا. اهي سڀ هن بي حس ڄميل شهر جي روڊن تي هلندڙ انسانن جا آزار هئا. جيڪي خبر ناهي ڪيتري دير روڊن تي ڦٿڪي ڦٿڪي هتي پهتا هئا، تي سگهي ٿو ڪي زنده به هجن پر هن راڪاس جيڪو رانياڻ ڪندي هنن کي ڪٽندو آهي سو جيئرن کي به موت جي ور چاڙهي ويندو آهي.

ايتري ۾ منهنجي گهر واري سرد خاني جي بينچ تي پيل هڪ جسم تان چادر هٽائي: ”اف منهنجو بابا... او الله هي ڇا ٿيو؟ منهنجو بابا...“

مان سڏڪن ۾ بابا کي چنبڙي ويس پر جلدي مونکي پري ڪيو ويو بابا جي جسم مان رت ريلا ڪري نڪري رهيو هو. جسم جو پوسٽ مارٽم ٿيل هو. مان اتي سمجهي ويس ته هي شهر واقعي به هڪ سرد خانو آهي ۽ هتي هر ڪنهن جي جسم ۾ جذبن جو پوسٽ مارٽم ٿيندو آهي.

****

# رنڊي

ڪلهہ رات منهنجي مڙس، ڪاوڙ ۾ گاريون ڏيندي چيو: “رنڊي”

هن مون کي “رنڊي” ان ڪري چيو جو مون ان کي سمهڻ نٿي ڏنو. “رنڊي” لقب ملڻ تي مون کي زينت ياد اچي وئي. زينت منهنجي ننڍپڻ جي دوست، جنهن سان گڏ مون ننڍپڻ جا پنج سال گذاريا. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڏاڍي گهري دوستي هوندي هئي، اسڪول گڏ ويندا هئاسين، راند روند بہ گڏ ڪيڏندا هئاسين ۽ اڪثر ماني بہ گڏجي کائيندا هئاسين.

اسان جي دوستيءَ تي منهنجن گهر وارن سميت اڪثرپاڙي وارن کي اعتراض هوندو هو. منهنجي امان ۽ بابا ڪيترائي ڀيرا مون کي مار بہ ڪئي هئي تہ “زينت سان نہ ڪيڏندي ڪر، هُوءَ هڪ رنڊيءَ جي ڌيءَ آهي ۽ انهن جو گهر چڪلو آهي.”

مان اهو لفظ زينت جي ماءُ جي باري ۾ روز ٻڌندي هئس پر مون کي ان لفظن جي صحيح معنيٰ جي خبر ڪانہ هوندي هئي.

زينت جي گهر هڪڙي ڪمري ۾ مان ۽ زينت گڏ پڙهنديون هيوسين يا وري اڱڻ تي گڏجي راند ڪنديون هيوسين. مان اڪثر ڏسندي هئس تہ زينت جو بابا (خدا کي خبر تہ اهو زينت جو سچو بابا بہ هو يا نہ) ساڻس ڪو گهڻو پيار ڪونہ ڪندو هو.

باقي جيڪي اوڙي پاڙي جا چڱا مڙس زينت وارن جي اوطاق تي ايندا هئا، تن کي هڪ هڪ ڪري زينت جي ماءُ جي ڪمري ۾ وٺي ويندو هو. زينت جي ماءُ ڪمري جو دروازو اندران بند ڪري ڇڏيندي

هئي، ڪجهه دير گذرڻ ڪانپوءِ اهو ماڻهو ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ايندو هو. مان اهي لقاءَ اڪثر ڏسندي هئس پر انهن ڳالهين تي ڪڏهن ڌيان ڪونه ڏيندي هئس. مان زينت سان ڪيڏندي رهندي هئس ۽ زينت لاءِ به اهو سڀ ڪجهه ڪا وڏي ڳالهه نه هئي، پر جيئن ته منهنجي گهر وارن منهنجي دماغ ۾ لفظ "رنڊي" وڌو هو ته هڪڙو الارم هر وقت وڄڻ شروع ٿي ويندو هو ته "زينت جي ماءُ رنڊي آهي ۽ انهن جو گهر چڪلو..."

مون انهيءَ ڳالهه تي غور ڪرڻ شروع ڪيو ۽ زينت جي گهر ۾ اوپرن ماڻهن جي اچ وڃ کي پڻ نوٽ ڪرڻ لڳس. زينت جي گهر جو هڪڙو ڪمرو آڳنڌ سان گڏ ئي ٺهيل هو. جيڪو اوطاق به هوندو هو. زينت جي گهر جي ان اوطاق واري ڪمري ۾ پاڙي جا مشهور اشراف ۽ معزز ماڻس جيڪي ٻانهن لوڏي هلندا ۽ مُڇون مروٽي گمندا هئا، سي زينت جي گهر اچڻ ڪان پوءِ زينت جي پيءُ جي خوشامد ڪندي نظر ايندا هئا ۽ اڪثر ڪري زينت جي پيءُ کي ايلاز ڪري نوٽ ڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيري شام جو جڏهن مون ۽ زينت پنهنجي اسڪول جو ڪم ختم ڪري، گڏين جي وهانءَ لاءِ ڏاج ٺاهڻ جي تياري پئي ڪئي ته مون کي حيرت جو جهٽڪو لڳو هو. مان ۽ زينت ورانڊي ۾ اهڙي جاءِ تي ويٺيون هيوسين جو ٻاهران آيل ماڻهوءَ جي نظر يا ڌيان ڪونه ٿي ويو. مان اهو ڏسي شديد حيران ٿي ويس ته منهنجو بابا به زينت وارن جي گهر آيو هو.

بابا ڪافي دير تائين زينت جي ماءُ جي ڪمري ۾ وقت گذاري واپس نڪتو هو. مان بابا جي نظرن ڪان پاڻ کي لڪائي ويٺي رهيس ته متان بابا وري مونکي مار ڪڍي ته تون هتي ڇو آئي آهين.

انهن ڏينهن ۾ منهنجي ننڍڙي دماغ ۾ عجيب قسم جا سوال پيدا ٿيا هئا ته بابا مون کي زينت وارن جي گهر اچڻ ۽ زينت سان ڪيڏڻ تي

روڪي ٿو تہ پوءِ پاڻ ڇو آيو ۽ زينت جي ماءُ ڪي هُونئن تہ گاريون پيو ڏيندو آهي ۽ وري ان جي ڪمري ۾ بہ وڃي ٿو.

ايئن منهنجي دماغ ۾ سوالن جا انبار لڳي ويا، پر ڪنهن کان جواب پڇان.

اسان جي گهر ڀرسان ننڍي چاچا جو بہ گهر هو. منهنجي چاچي سڄي پاڙي ۾ سهڻي عورت هئي، شاديءَ کي ڪافي سال ٿي ويا هئس، ڪيس ڪو اولاد ڪونہ هوندو هو. جڏهن بہ امان يا بابا مون کي زينت سان گڏ کيڏڻ کان جهليندا هئا، تڏهن چاچي منهنجي پاس خاطري ڪندي هئي ۽ مون کي خرچي ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي ويندي هئي، چاچي مون سان پيار بہ جام ڪندي هئي، چاچيءَ جي ڪري ئي مان زينت سان کيڏڻ ويندي هئس منهنجي ۽ زينت جي گهر وچ ۾ ريل جو بند هوندو هو. بند جي هڪ پاسي زينت جو گهر ۽ ٻئي پاسي اسان جو گهر هو. پر ۾ ڦاٽڪ هوندو هو. جنهن جي پاسي ۾ هڪ سرڪاري ڪوارٽر ۾ ڦاٽڪ واري قاسم چاچا جي زال ۽ ٻار رهندا هئا.

چاچا قاسم جي ڌيءُ بہ اسان سان گڏ اسڪول ۾ پڙهندي هئي ۽ گڏ کيڏندي بہ هئي پر قاسم چاچا ان کي زينت جي گهر ڪونہ ڇڏيندو هو. ڪڏهن چاچا قاسم ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويندو هو تہ اسان پنهنجون گڏيون کڻي ڊوڙ پائي وڃي زينت جي گڏي سان شادي ڪرائيندا هئاسين. چاچا قاسم، ڦاٽڪ تي جيڪي رنگ برنگي گلن جو ڇڪيون لڳائيندو هو انهن مان لڪي لڪي گل پٽي، وڃي گڏين جي شاديءَ لاءِ هار ٺاهيندا هئاسين. ريل اچڻ تي ڦاٽڪ بند ڪرڻ جي ذميواري چاچا قاسم جو وڏو پٽ نڀائيندو هو. اسان ريل جي انتظار ۾ هوندا هئاسين،

جڏهن ريل ويجهو ايندي هئي تہ پٽڙين تي پنج پيسا يا ڏهہ پيسا رکندا هئاسين. ان وقت پري کان چاچا قاسم جي رڙ پئي پوندي هئي تہ:
“ڇوڪريون! مرو نہ، ريل اچڻ واري آهي، بند ڪان پري ٿيو.”

پر اسان هيوسين، جو مڙي وڃون. پوءِ ريل وڃڻ جو انتظار هوندو هو. جيئن ريل وئي، پٽڙين تي پنهنجا سڪا ڏسڻ ويندا هئاسين. جيڪي ريل جي لوهي ڦِيٿن هيٺان چيپاٽجي پنهنجا نقش وڃائي ويهندا هئا. ان دؤر ۾ ايتري سمجهہ ڪونہ هوندي هئي. پر هاڻي زندگي بہ ريل هيٺيان آيل سڪي جهڙي لڳندي آهي.

هڪ ڏينهن مان اسڪول کان اچڻ ڪانپوءِ جلدي ۾ زينت جي گهر پنهنجي گُڏي کڻڻ وئي هئس، مون کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ بابا اتي زينت جي ماءُ جي ڪمري ۾ موجود آهي، جيئن ئي مان انهن جي گهر ۾ داخل ٿيس تہ بابا جيڪو زينت جي ماءُ جي ڪمري مان نڪري رهيو هو. تنهن مون کي اتي ڏسي ورتو.

ڪاوڙ ۾ مون کي ٻانهن کان گهليندو گهر آيو ۽ اچڻ شرط مون کي ڏاڍي مار ڪڍيائين ۽ گاريون پڻ ڏنائين. پاڙي ۾ رهندڙ منهنجي چاچي گوڙ ٻڌي ڀڄندي آئي، جنهن اچي مون کي بابا کان ڇڏايو ۽ بابا کي چوڻ لڳي “ٻار آهي، ڇڏيوس ڪٽي.” بابا چاچيءَ کي چوڻ لڳو تہ:“ڪيترائي ڀيرا سمجهايو اٿم تہ ان رنڊيءَ جي ڏيءَ سان ڪيڏڻ ڇڪلي ۾ نہ وڃي، پر مڙي ئي ڪو نہ ٿي.”

تنهن تي مون سڏڪا ڀريندي چاچيءَ کي چيو هو تہ: “پوءِ بابا اتي ڇا ڪرڻ ويندو آهي؟” اهو ٻڌي چاچيءَ منهنجي وات تي هٿ رکيو ۽ پنهنجي گهر وٺي وئي.

ٻئي ڏينهن تي چاچيءَ منهنجا لٽا ۽ اسڪول جو ٿيلهو ٻه منهنجي گهران ڪٺي آئي، ايئن ڪيترائي ڏينهن مان چاچيءَ وٽ رهي هئس. چاچو اڪثر ڪري ٻه، ٻه، ٽي، ٽي ڏينهن ڪم سانگي شهر کان ٻاهر ويندو رهندو هو.

چاچي مون کي چنيون لکي ڏيندي هئي ته فلاڻي فلاڻي کي ڏئي اچ ۽ ان سان گڏ خرچي پڻ ڏيندي هئي. مان چٺي کڻي ڪڏهن پوئين گهٽيءَ ۾ رهندڙ ماما ساجد کي ڏيندي هئس ته ڪڏهن وري اشرف چاچا کي ۽ ڪڏهن وري پنهنجي گهٽيءَ جي آخر ۾ رهندڙ ماما لطيف کي پهچائيندي هئس. اهي سڀ وري چنين ۾ ڪجهه لکي ڏيندا هئا، سي مان تعبيدار ٻڌجي، خوشيءَ وچان خرچيءَ جي لالچ ۾ چاچيءَ کي ڏيندي هئس.

چاچي چوندي هئي "چٺي لڪائي آڻيندي ڪر ۽ ڪولي ڪڏهن نه ڏسجانءِ، نه ئي ڪنهن کي ٻڌائجانءِ." چاچيءَ جي محبت ۾ مون کي چاچيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. وري مٿان چاچي منهنجي تعريف ڪندي هئي ته مان خوشيءَ ۾ ماپندي ئي ڪونه هئس.

چاچي اڪثر هار سينگار ڪندي هئي ۽ پوءِ ڪڏهن لطيف چاچا وٽ ته ڪڏهن ساجد ماما ۽ ڪڏهن ڪنهن ٻئي وٽ ته ڪڏهن ڪنهن ٽئين وٽ ويندي هئي، مون کي گهر جو خيال رکڻ لاءِ چئي ويندي هئي ۽ برقعو پائي يا منهن تي نقاب هڻي نڪرندي هئي. چئي ويندي هئي "تون گهر ۾ ويهي خيال ڪجانءِ. تنهنجو چاچو اچي ۽ پڇي ته ٻُڌائجان ماسي نوران جي گهر وئي آهي، پوءِ مونکي ڊڪندي اچي ٻڌائجانءِ."

هڪ ڏينهن چاچي هار سينگار ڪري، گهران نڪتي، اڳئين گهٽيءَ ۾ ساجد ماما جي گهر وڃڻ جو ٻڌائيندي، پنهنجي گهر جو خيال ڪرڻ جو

چئي هلي وئي هئي. مان چاچيءَ جي وڃڻ کان پوءِ گڏين سان راند رُوند ڪندي هئس. اندازو ڪيان ٿي ته ٽين وڳي جو ٽائيم ٿيو هوندو، مان پنهنجي گڏين سان ڪيڏي رهي هئس ته در کلڻ جو آواز آيو. ڏسان ته چاچا آيو آهي، مون وڃي چاچا کي ڀاڪر پاتو ۽ چاچا جي پڇڻ کان اڳ مون چاچا کي ٻُڌايو ته "چاچي، ماسي نوران جي گهر وئي آهي، مان وٺي ٿي اچانس." چاچا شايد وهنجڻ لاءِ غسل خاني ڏانهن ويو ۽ مان ڊوڙندي ماما ساجد جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳس. ماما ساجد اسان جي اسڪول جي ڀر سان واري چوڪرن جي اسڪول ۾ ماستري ڪندو هو ۽ پنهنجي ڀائٽي سان گڏ مسواڙ تي رهندو هو. ٻار ٻچا ڳوٺ ۾ رهندا هئس.

ماما ساجد جي گهر جي در کي اندران ڪڙو لڳل هو. ٻنهي تاڪن وچ ۾ وٿي هئڻ ڪري، مون هٿ ٽپائي دروازو کوليو.

سامهون ٻه ڪمرا هوندا هئا. ٻنهي ڪمرن جا در ڀڪڙيل هئا. هڪڙي ڪمري ۾ در کولي جهاتي پائي ڏٺم ڪير به ڪونه هو. ٻئي ڪمري جي در کي هلڪو ڌڪو ڏنم، در کلي ويو. سامهون ڪپڙن کان آجي چاچي ۽ مٿان ماما ساجد اگهاڙو ليٽيل هئا.

ٻئي مون کي ڏسي ڇرڪجي ويا. مان اهو سڀ ڏسي، ڪن پل لاءِ حيران ۽ پريشان ٿي ويس. چاچيءَ تڪڙ ۾ پنهنجي جسم تي چادر ويڙهي ۽ ماما پاسي ۾ رکيل گوڏ ڪٽي ٻڌي. منهنجي ننڍڙي دماغ ۾ اهو سڀ ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه آيو هو. چاچيءَ کي چيم: "چاچي! چاچا سائين آيو آهي." تنهن تي چاچي هڪدم برقعو پاتو ۽ مون سان گڏ ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي ۽ پنهنجي ٻٽونءَ مان پيسا ڪڍي ڏيندي چوڻ لڳي: "راڻي! ڪنهن کي نه ٻڌائجانءِ ته مان هتي علاج ڪرائڻ لاءِ آئي هئس." پيار سان مٿي تي هٿ ڦيريندي چوڻ لڳي: "منهنجي دل چوندي آهي ته تو

جهڙي سھڻي ڏيءَ مون کي بہ پيدا ٿئي، جيئن تون ان سان گڏ کيڏين، ان کري ساجد ماما کان علاج ڪرائڻ آئي هئس، جيڪو ڪپڙن کان بغير ٿيندو آهي.”

چاچيءَ جي ڳالهين تي منهنجي دل ۾ چاچيءَ لاءِ همدردي وڌي وئي هئي ۽ مان دعائون ڪرڻ لڳس تہ “الله سائين ڪري چاچيءَ کي اهڙي پيدا ٿئي، جيئن مان ان سان راند کيان.” دعا گهرڻ سان گڏ مان خيالن ئي خيالن ۾ ان سان رانديون کيڏڻ لڳس. گهر پهتاسين، چاچيءَ چاچا کي ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ٻئي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي مليا. ڪجھ دير ۾ ئي هڪ ڊارڪمري ۾ هليا ويا. ٻئي ڏينهن چاچا وري ڪم ڪار سانگي ٻئي شهر هليو ويو.

چاچا گهر ۾ نہ هوندو هو تہ چاچي مون کي پاڻ سان گڏ سمهاريندي هئي. هڪ رات جڏهن چاچا گهر ۾ ڪونہ هو، مان چاچيءَ سان گڏ ئي سُتي هئس. اڌ رات جو اُڃ لڳڻ سبب اک کُلي ڏٺم تہ چاچي بيڊ تي ڪونہ هئي. ڪمري کان ٻاهر ورانڊي وٽان پيو ڪمرو هو، جنهن مان چاچيءَ جي کلڻ ۽ ٺهڪ ڏيڻ جا آواز اچي رهيا هئا. پهرين مون اهو سمجهيو تہ شايد منهنجي سمهڻ کان پوءِ چاچا اچي ويو هجي. اڳتي وڌيس، ڪمري جو در اڌ ڀيڪڙيل هو، اوڏانهن وڃڻ بدران، پاڻي پي واپس وڃي سمهي پوڻ جو سوچيم پر الائي ڪهڙي سوچ هيٺ دروازي جي ٻاهران ئي بيهي اندر جهاتي پاتم تہ ڊاڪٽر عاصم جيڪو شام جو پاڙي ۾ ننڍڙي ڪلينڪ هلائيندو هو ڪمري ۾ موجود هو. منظر ساڳيو ئي هو، سامهون ليٽيل ڪپڙن کان آجي چاچي ۽ مٿان اگهاڙو ليٽيل ڊاڪٽر عاصم.

مان هڪدم پوئتي موٽيس. مون کي ان ڏينهن واري چاچيءَ جي ڳالھ ياد آئي تہ “ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ ڪپڙا لاهي علاج ڪرائڻو پوندو

آهي.” سو مون سوچيو تہ متان چاچي مون کي ڏسي ۽ ان ڏينهن جيان چاچيءَ جو علاج اڌ ۾ نہ رهجي وڃي. دعا گهرڻ لڳس تہ: “الله ڪري چاچيءَ کي اڊڙي پيدا ٿئي، جنهن سان مان گڏجي کيڏان.” بيڊ تي ليٽي سوچڻ لڳس تہ اڄ تہ چاچي ڊاڪٽر کان ٿي علاج ڪرائي پوءِ ان ڏينهن ماستر کان ڇو علاج ڪرايائين؟ دل ۾ چيم شايد ماستر کي صحيح علاج ڪرڻ ڪونہ آيو هوندو، ان ڪري هاڻي چاچيءَ کي عقل آيو هوندو تہ علاج تہ ڊاڪٽر کان ئي ڪرائبو آهي. ايئن سوچيندي سوچيندي مون کي ننڊ اچي وئي.

صبح جو اٿي اسڪول ويس چاچيءَ روز جيان ناشتو بہ ڪرايو ۽ خرچي بہ ڏني. اسڪول ۾ زينت سان مليس ۽ رسيس ۾ سڄي خرچيءَ جي شئي وٺي پنهي ڄڻين کاڌي، زينت ٻڌايو تہ “هو سپاڻي هتان کان لڏي ٿا وڃن.”

تنهن تي اسان ٻئي ڪافي رنيون بہ هيون سين. زينت ويچاريءَ کي اسڪول ۾ بہ ڏاڍا طعنا ملندا هئا تہ هيءَ کهڙي عورت جي ڌيءَ آهي، گهٽا تہ چوندا هئا هي چڪلي جي رهائشي آهي وغيره وغيره. جنهن تي اسان پنهي کي تمام گهڻو ڏکُ ٿيندو هو. اڄ مان بہ ڏکايل هئس تہ زينت بہ ڏکاري هئي، مون زينت کي چيو تہ “اڄ شام جو تنهنجي گهر ايندس.”

شام جو مان پنهجا ڪجهہ رانديڪا ۽ گڏيون کڻي، زينت جي گهر ويس. مون اهي سڀ شيون زينت کي ڏنيون. زينت جو پيءُ ۽ ماءُ گهر جا ٽپڙ ٻڌي رهيا هئا. ٻئي ڏينهن زينت ۽ سندس والدين ٻئي شهر لڏي ويا. منهنجي پياري سهيلي هميشہ لاءِ شهر وڇڙي وئي، پر هو منهنجي لاءِ ڪيترائي سوال ڇڏي وئي.

هڪ ڏينهن منهنجي ناني ڪجهہ ڏينهن اسان وٽ ترسڻ آئي، جنهن ڪري مون کي ڪجهہ آٿت مليَ نہ تہ رڳو چاچيءَ سان ويٺي هوندي هئس. نانيءَ جي اچڻ سان مان رات جو نانيءَ سان گڏ سمهندي هئس ۽ اڌ رات تائين نانيءَ سان ڪچهري ڪندي هئس.

هڪ رات مون نانيءَ کان پڇيو: "ناني رنڍي ڇا کي چئبو آهي؟" نانيءَ مونکي سمجهائيندي چيو تہ: "جيڪا عورت ڌارين مردن سان بغير نڪاح جي تعلق رکندي آهي، تنهن کي رنڍي چئبو آهي."

نانيءَ جي ٻُڌائڻ کان پوءِ بہ مون کي اهو سمجهہ ۾ ڪونہ آيو تہ رنڍِي ڇا هوندي آهي.

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ هڪ ڏينهن چاچيءَ جي گهر گڏين سان کيڏي رهي هئس تہ ڪمري مان چاچا جو آواز ڪن تي پيو. جيڪو چاچيءَ کي ڪاوڙ وچان چئي رهيو هو: "رنڍي ڪنهن جاءِ جي، ڪنهن جو ٻار پيٽ ۾ وڌو اٿئي؟ مان توکي ماريندس يا طلاق ڏئي ڇڏيندس."

چاچيءَ ڪاوڙ ۽ ڏک ۾ جواب ڏنس تہ :"اها منهنجي چڱائي اٿئي ۽ مون کي ئي شابس آهي جو تو نامرد سان ڏهن سالن کان ٽي رهان، پلي طلاق ڏي ۽ دنيا کي ٻڌاءِ تہ تون ذري گهٽ ماين جهڙو مرد آهين، تو ۾ زال جي ضرورت پوري ڪرڻ جي سگهہ ڪونهي، جيڪو ڪرڻو اٿئي سو وڃي ڪر، پر مان هي ٻار ڪونہ ڪيرائيندس."

چاچو گاريون ڏيندو ڪاوڙ مان گهر کان ٻاهر نڪري ويو پر مان دل ۾ خوش ٿيڻ لڳس تہ الله منهنجي دعا ٻڌي ۽ چاچيءَ کي مون جهڙي ادڙي پيدا ٿيندي پوءِ هڪ ڏينهن انتظار ختم ٿيو منهنجون دعائون اگهاميون هيون ۽ چاچيءَ کي هڪ ادڙي ڄائي. مان خوشيءَ ۾ ماپان ڪونہ پئي پر زندگي تہ وهندڙ درياهہ آهي، ڪيترو پاٽي ڪهڙي پل وٽان

ڪڏهن گذريو خبر ئي ڪانه پوندي آهي. وهڪري ۾ ساڳي جاءِ تي هر وقت ساڳيو پاڻي ناهي هوندو. هڪ ڏينهن بابا جي بدلي ڪنهن ٻئي شهر ۾ ٿي وئي. ڪنهن ٻئي شهر ۾ گهر ورتو سو اسان کي اتي لڏائي وٺي ويو. چاچي ويچاري تنهن ڏينهن ڏاڍو رني هئي.

زندگيءَ گهڻا ئي پاسا بدلايا. مان ڪاليج تائين پهتس، ايندي ويندي پاڙي ۾ رهندڙ زوهيب سان منهنجي محبت ٿي وئي. خبر ناهي ڪجهه عرصي ڪانپوءِ بابا کي ان ڳالهه جي ڪيئن خبر پئي، تنهن امان کي گار ڏيندي چيو هو ته: "تنهنجي ڌيءَ ٻه رنڍين وارا ڪم پئي ڪري بابا مون کان ڪاليج ڇڏرايو. منهنجي زارو قطار روئڻ، منٿن ۽ ايلازن، تمام گهڻين آزين ۽ نيازين کي خاطر ۾ نه آندائين. منهنجي هڪ ٻه نه ٻڌائين ۽ منهنجي شادي پنهنجي ماسات جي پٽ دادن سان ڪرائي ڇڏيائين.

اڄ جڏهن مان پاڻ هڪ ٻار جي ماءُ ٿي آهيان ۽ زوهيب کي ياد ڪندي آهيان، ان ٽائيم جڏهن منهنجو مڙس مون سان سمهندو آهي، جنهن کي مون ڪڏهن پنهنجي دل سان نه پيار ڪيو آهي ۽ نه ئي قبول ڪيو آهي. وچ ۾ منهنجي زوهيب سان تڏهن ملاقات ٿي هئي، جڏهن امان جي گهر وئي هيس، تڏهن زوهيب مون کي پنهنجي گهر گهرايو. تنهن ڏينهن ان جا گهر وارا ڪٿي ويل هئا. مان پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان زوهيب سان ستي هئم ڪيڏو نه سرور هو زوهيب جي ڳالهين ۾، پاڪرن ۾، چمين ۾، ان سان گهاريل انهن لمحن ۾!

ڪلهه رات منهنجي مڙس، ڪاوڙ ۾ مون کي گاريون ڏيندي چيو. "رنڍي" هن مون کي "رنڍي"' ان ڪري چيو جو مون ان کي سمهڻ نه ٿي ڏنو. مون کي زينت جي ماءُ ياد آئي، جنهن کي دنيا "رنڍي" سڏيندي هئي، جو

هوءَ سيني جي سامهون پنهنجي جسم جو واپار ڪندي هئي ۽ شرافت جو نقاب ڪونہ پائيندي هئي. مون کي پنهنجي چاچي ياد آئي، جيڪا پنهنجي نامرد مڙس سان بظاهر شرافت واري زندگي گُذاريندي هئي پر لڪ چپ ۾ پاڙ ڪي ريج ڏياريندي هئي، يا وري مان، جنهن کي زوريءَ ڏنل مڙس روز ريپ ڪندو آهي. هتي هر عورت رنڊي آهي، بس ڪا عورت ڪنهن نامرد هٿان رنڊي ٿي آهي تہ ڪا نامرد ريتن رسمن جي هٿان.

❊❊❊❊

**پاندارو : ياسمين چانديو**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**

